ادب ۽ اديب : گوبند مالهي

(عجب ، هيءَ رشتا ناتا !)

گوبند مالهي

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن
۹۰ ، لڪشمي مارڪيٽ ، اُلهاسنگر-۳.

ادب ۽ ادیب : گوبند مالهي

(عجب ، هيءُ رشتا ناتا !)

●

گوبند مالهي

●



سندي ڪائيمس پبليڪيشن
۹۰ ، لڪشمي مارڪيٽ ، اُلهاسنگر-۳.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ADAB AIN ADIB

GOBIND MALHI

(Autobiography)

By: Gobind Malhi

●

SINDHI TIMES
Publication
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar-3
Phone: 75618, 73100

●

Published by:
Suresh Paryani
For
The Sindhi Times
Publication

●

Printed by:
Smt. Mohini Sobhraj
Budhwani, INQLAB Press
Ulhasnagar-3 (Phone 70066)

●

Sole Agent:
Jagdish Book Depot,
Main Bazar,
Ulhasnagar-2. (Phone: 70455)

●

Quarterly Book Series
(Oct. Nov. Dec. : 1991)

Price: **Rupees Thirty**
Year: October 1991

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب بابت ...

تازو ٻه ڪتاب پڙهيا اٿم ۽ اهي ٻئي آتم - ڪهاڻيون آهن. هڪ آهي راج نارائڻ جي ليکيل "اهي سڀ ڏينهن" All These days ۽ ٻيو پاڪستان جي ٿمينا دورانيءَ جو "منهنجو جاگيردار پتي" My Feudal Lord. ٻڌي آتم - ڪهاڻيون استري ليکڪائن جون ليکيل آهن. هن کان اڳ ٻه ٽي آتم - ڪهاڻيون پڙهيون اٿم، جيئن بينظير پٽو جي Daughter of East وغيره.

۽ سنڌيءَ ۾ ٻه آتم - ڪهاڻيون / جيون ڪهاڻيون پڙهيون اٿم - پر الائي ڇو مونکي سنڌيءَ ۾ ليکيل آتم - ڪهاڻيون ايترو ڪشش نه ڪنديون آهن. لڳندو آهي ته اهي اختياريءَ واريون نه آهن جيتريون ٿيڻ کپن. دل سان ليکيل نه آهن، پر دماغ تي زور ڏيئي ليکيون ويون آهن. اهي جيون ڪهاڻيءَ جي بدران اخباري رپورٽ لڳنديون آهن. مون اها پنهنجي دل جي ڳالهه هن آتم - ڪهاڻيءَ جي ليکڪ گوبند مالهيءَ سان ڪئي گوبند مالهيءَ بابت دوستن ۾ اڙ آهي، ته خاص ڪري پنهنجي دوستن باري ۾ جيڪڏهن ڪنهن سوال جو پورو جواب نه هوندو اٿس ته هوءَ ان سوال جي ارد گرد هڪ وڏو تاڃي پيٽو ٺاهي ويندو آهي. پر ٽڙ جواب نه ڏيندو آهي ان ڪري سنڌيءَ ۾ "ڏڏڙ ۾ پير هڻڻ" سڏيو آهي. هن پنجين پاڳي پڙهڻ بعد مان ان راءِ سان شامل آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان هاڻ هن ڪتاب ۾ ايندس "عجيب، هي رشتا ناتا!"
گوبند مالهيءَ جي آتم - ڪهاڻيءَ کان وڌيڪ پگهونتي ناواڻيءَ جي سنگيت يادگيري جي ڪهاڻي آهي. پر سوال گوبند مالهيءَ جي آتم - ڪهاڻيءَ جو آهي. جو هن ۾ موجود ڪانه آهي. هن ائين چو ڪيو؟ ڇا لاءِ جو سندس جيون ڪهاڻيءَ جا پهريان ٽي پاڳا سندس جي حالتن ۽ زندگيءَ وارا آهن، ان بعد جي اَڄ واري زندگيءَ جو ذڪر ٿو اچي ۽ ان ۾ آيل ڪيترا پاڻ جيئرا جاڳندا آهن انهن کي ناراض ڪرڻ ادبي تحريڪ ۾ آيل دوستن جي صحيح تصوير ڏيڻ کان مالهي ڪنارو ڪري ويو آهي ۽ ٻيو پگهونتي ناواڻيءَ کي ڪتابي روپ ۾ آڻڻ چاهيو اٿائين.

ڪيئن ٻه ڪتاب پڙهڻ جهڙو آهي. دلچسپ آهي. پوءِ گوبند مالهيءَ جي آتم - ڪهاڻي نه ته پگهونتي ناواڻيءَ جي سنگيت يادگيري سهين. پوءِ ٻه سندي ساهتيه ۾ هڪ سڻي ڏين آهي.

سندي ٽائيمس آفيس
پهرين آڪٽوبر ۱۹۶۱

نارائڻ پارتي
مکيه سمپادڪ

سندي ٽائيمس پبليڪيشن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ار پيم

پنهنجي پٽڻيءَ ديوءَ کي
جا پنهنجي ڏاڙي سان نباهيندي رهي
عمر ڀر ٠

— هالهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليکڪ طرفان :

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن جي مکيه سمپادڪ نارايڻ پارٽيءَ مونکي آتم ڪٿا لکڻ لاءِ همٿايو. هن جو اِهو رايو هو ته جيئن ته مان پنجاهه سال سنڌي ادب ۽ ادبي تحريڪ سان جڙيو رهيو آهيان، تيئن منهنجي سوانح عمري سنڌي ادب ۽ ادبي تحريڪ جي اَهم پنجاهه سالن جي مڪمل تواريخ ، نه ته به اُن جي جڙ ۾ سهائڪ ٿي سگهيٿي ، اِن ڪري ئي شايد هن اُن جو عنوان تجويز ڪيو- " ادب ۽ اديب . "

آتم ڪٿا اِنهاس نه آهي پر اِنهاس جي الاهي ذريعن مان هڪ ضرور ٿي سگهي ٿو جي آتم ڪٿا - ڪار جو نظريو شخصي نه ، جماعتي آهي ۽ هنجو مقصد پنهنجي ٿنا خرانيءَ نه پر پنهنجي وقت جي ترجماني ڪرڻ آهي ، وڏيڪ ضروري آهي ته هوءَ اديب طور نه ، اِنسان طور پنهنجي هم سفر ننڍين وڏن انسانن جي ماحول ، منزلن ۽ موڙن جي پس منظر ۾ اُپتار ڪري ، سا به همدرديءَ سان . سچ ڪان لازمي آهي آتم ڪٿا لکندڙ جو پنهنجي پاڻ سان - پنهنجي سنسڪارن ، سياڻپ ، جذبن ۽ سڌانتن سان نباهڻ .

منهنجي آتم ڪٿا جو پهريون پاڳو پنهنجي پيءُ ۽ پوري منهنجي ٻالپڻ ، اُن جي سنسڪارن ، انڀورن ۽ جسماني ۽ مانسڪ واڌ جو مڪمل دستاويز رهيو . اُهو منهنجي وقت جي منهنجي ڳوٺ جو اِنهاس رهيو. ڪرشن ڪٽواڻيءَ اُن کي سنڌيءَ جي ٻين آتم ڪٿائن کان بهتر جتائيندي لکيو ، " سنڌ جي ڳنهن ڳوٺ جو اهڙو سڄيو چٽر اڃا ڪنهن نه چٽيو آهي . "
باقي پاڳن ۾ مون پارٽيءَ جي اُميد جي برڙوابي پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرفان لازمي قرار ڪيل ڇهن نقطن کي ڏيان ۾ رکندي ڪئي آهي.

مون پنهنجو پاڻ سان وڏيڪ نباهيو آهي.

پوءِ به مون سندي تحريڪ جي تواريخ سان ٻڌين، ٻڌين ۽ چوڻين پاڻي ۾ نباهيو آهي، شخصن ۽ هنن جي ڪمين ڪمزورين کي نظر انداز ڪندي ادبي تحريڪ جي ڪاميابين ناڪاميابين تي نظرثاني ڪئي آهي، ۽ منهنجي سڄي چوٽ جي صلاحيت جو سلسلو اهو رهيو جو موهن ڪلهنا پاڻ کان پاڻهي مونکي چيو، "چوڻين پاڻي ۾ تون بولد (هممت) وارو رهيو آهين."

منهنجي زندگي ساهتيه سرجڻ ۽ ادبي تحريڪ سان جڙيل هجڻ سان گڏوگڏ ڪلچرل ڪيترن سان به وابسته رهي آهي - ١٩٥٣ ڪانوني، پهرين انڊين پيپلس ٿيٽر ائسوسيئيشن سان ۽ پوءِ ڪلاڪار منڊل سان، ١٩٦١ ڪانوني مسلسل ووڪل ڪلچر کي سلامت رکڻ جو عملي يتن ڪندو رهيو آهيان، ڪيترين سنگيت معرفت، ڪلچرل ڪيترن ادبي تحريڪ سان جڙيل هوندي به اُن کان الڳ پنهنجو يگانو وجود رکي ٿو. اُن جو پنهنجو ماحول آهي، پنهنجون تقاضائون آهن، پنهنجا تجربا آهن، پنهنجا مسئلا آهن ۽ پنهنجا تائير آهن. ساري پارٽ ۾ دور دور تائين پکڙيل جانيءَ کي پنهنجي سنسڪرتيءَ جي اهميت ۽ وسعت بابت وشواس ڏيارڻ ساهتيه سرجڻ کان وڏيڪ اؤکو ڪم آهي - جسماني خواهه مانسڪ سطحن تي. چوڻين پاڻي ۾ اُن جي اُپتار ڪئي آهي.

انهن پنجويهن سالن جي مسلسل تحريڪ ۾ ڦيرونتي ناواڻيءَ جو مون سان اٽوٽ ۽ اٽاهه ساٿ رهيو. هن جي اٽڪ لڳن ۽ لامحدود اعتماد آوازي ڪلچر جي اوج ۾ يادگار يوگدان ڏنو. هن جي پنهنجي اعتراف موجب "هوءَ اهي پل ئي جيوت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهي جي هن ڳائيندي وقيت ڪيا." ۽ سنسڪرتڪ ٻوليءَ ۾ هُوءَ ميلو متل چڏي ويئي. مون هنکي آٽو ڪٽا جي پڇين پاڳي جي نائڪا بڻايو آهي ۽ "عجيب، هيءُ رشتا ناتا!" اظهاريا آهن. نائڪ ڪيترو پردي پٺيان رهندي، هت سوتردار جو پاڳو ٻڌا ڪيو آٽو، ۽ آٽو ڪٽا ڪار ۽ سوتردار وچ ۾ ميزان رکڻ جو ڪجهه به ڪيو آٽو.

منهنجو عقيدو آهي - بهتر ادب بهتر انسان هجڻ کپي، مون بهتر انسان ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

هيءَ آٽو ڪٽا، يا جيڪي ڪي اِها آهي - اِها منهنجي اِتفاقن ڀري زندگيءَ جي تضادن جي ڪهاڻي آهي ۽ بس.

- گوبند مالهي

٧، راج گرهه،
مهاتما گانڌي روڊ،
گانديولي،
بمبئي - ٤٠٠٠٦٧.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عجيب رشتا ناتا !!

منهنجي ڏاڏي هر صبوح جو ايائي گهرن جو خير گهرندي هئي ، پڳوان کي آراڌنا ڪندي هئي ، "حقون ٻه رکج ، ناحقون ٻه رکج." وڌيڪ ٻرارٿنا ڪندي هئي ، "سهنديءَ بار نه ڏج." ٿورو وڌو ٿيندي ئي ايائي گهرن جي خير گهرڻ جو مطلب سمجهي ڏيو ويس ، پنهنجي خير کان اڳ ٻين جي خير گهرڻ جي سنڌي - پارٽي سنسڪرتيءَ جي پرڀرا ٻه منهنجي دل دماغ تائين پهتي . عمر ۽ عقل مر آڇا ٻه وڌو ٿيندي "حقون ٻه رکج ناحقون ٻه رکج" جو رهسيه ٻه جاتم ۽ شاهه لطيف جي اڇا بندگي ٻه راس آئي نه "عدل چتان آن نه ، ڪو ڪيرو ڪج فضل جو." باقي ڏاڏيءَ جي ٻين تمنا ، "سهنديءَ بار نه ڏج." منهنجي عقل کي نه پيئي آڏي : سهنديءَ بار نه ملي ته اُن سهڻ جهڙو بار ڪيئن کڻي سگهبو؟ جوانيءَ مر پير پائيندي اُمان کان ان عجيب آرزوءَ جو مطلب پڇيو ئي ، اُمان چيو ، "ماڻهو اهڙو نؤد آهي جو ڪهڙو ٻه پاري بار ڪنڌهندي ڪرڪندي ، روئندي رڙندي ٻه سهي ئي ويندو . ماڻ پٽ سهسائي ويندي ؛ زال ڏهاڳ جو ڏکه سهي ڇڙهندي ؛ پيءُ ڏيءُ جو پرائي گهر يا پڳوان وٽ وڃ جو وڇوڙو ساري ويهندو ....."

مونکي اهڙا ٻه ڳالها ٻه نؤد پٽا سڃهن - اڳ پنهنجيءَ پيٽ دادن جي ديهانت جو ، هوءَ پنهنجيءَ ۽ منهنجي جوانيءَ مر هميشهه هميشهه لاءِ هلي ويئي . منهنجيءَ اکه گوڙهو نه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گاڙيو، سو ر ٻڙبندو آهي، ڪي ڏينهن، ڪي سال پر ناسور اندر ڇوريندو آهي، عمر پورو ۽ اهو اندر جو ڇڇڙ ڇورڻ منهنجو پنهنجو نهو.

ٻيون ڏڏ ٻڌو تہ ڪلهہ ڪلهوڙي ڳالهہ آهي .....

ڀگونتي (ڪڪي) ہ وقت کان اڳ ويندي رهي!

ظاهري نہ رنم، نہ رڙيس؛ نہ ڪنڇيس، نہ ڪرڪيس؛ سندءُ جي نياڻي سهسائي ويئس، ڳوڙها پي ويس، پيڳندو رهيو آهيان.

دادن منهنجي زندگيءَ جو دڳ جوڙيو هو، ڪڪيءَ زندگيءَ جو دڳ سنواريو هو.

دادن منهنجي زندگيءَ کي وشواس ڏنو هو، ڪڪيءَ اُن وشواس تي وشواس رکيو هو.

ڪڪيءَ دادن جي وڇوڙي جي درد کي دل اندر دبائي رکڻ ۾ واهر ڪئي هئي، هن جي هلڻي وڇڻ جي خال کي گهٽي حد تائين پورو ہ هو. پاڻ ويئي نہ خال اُٿليو، گهرو ہ ٿيو ۽ ويڪرو ہ، ۽ اِس ڇوڻ کان قاصر آهيان- پوءِ ہ ان جي وڏيڪ اُپٽار نہ ڪندس - اهو ساهہ ۾ سمايو رهندو.

ڪن سالن کان ڪڪيءَ کي پرون پڳي ويا ۽ ان ڪري هن ڇڳي ڪڍي، جيڻ جو موهہ ئي ڇڏيو هو. اِها لڪا هن مون کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي پوڻ نہ ڏني هئي.

۽ اِهي پرون ڪن ڪن کي ئي ڇو پوندا آهن، سو ہ گهٽو ڏٺو زالن کي، مان اَڃا تائين سمجهي نہ سگهيو آهيان، اِهي پرون منهنجي ڏٺيءَ ديويءَ کي ہ پيا هئا، پر اُن جو ذڪر اڳتي هلي موزون جڳهہ تي ڪندس. اِهي پرون ديديءَ کي ہ پيا هئا. هوءَ ڪڪيءَ جي ڏيهانت کان پنج سال اڳ جس لوڪ اسپتال ۾ داخل ٿيڻ جي خبر ٻڌندي اُڀي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوائي جهاز ۾ ڏهليءَ ماڻ بمبئيءَ هلي آئي هئي ؛ شايد اهو ڊپ هوس ته ريل گاڏيءَ ، راڄداني ايڪسپريس ۾ اينديءَ ۾ هوءَ ڪٿي ڪٿيءَ کي زنده ڏسڻ کان محروم نه رهجي وڃي ، ڏيڏيءَ هنکي ڳراڙي پائي چيو هو ، " منڙي ، ڏسجاءِ ويڻي ؛ ماڻ توکان اڳ مرندس . "

ڪٿي ڇيڙي ئي هئي جو ڏيڏي ٽن سالن اندر رمندي رهي !

ڪٿيءَ جي جس لوڪ ماڻ ڪٽي ڇڏي نڪرڻ کان سٺ پوءِ آسان ڪٿيءَ جي آرام سانگي ڪجهه ڏينهن ڏهليءَ ۾ رهياسين ، پوءِ ٻئه انهن ٽن سالن اندر پنج ڇهه دفعا ڏهليءَ وياسين . ڏيڏي ڇڏهن ڪڏهن ڪٿيءَ کان اڳ ساسين سکالي ٽيڙ جي ڳالهه ڏهرائيندي هئي !

ڏيڏيءَ جو ڪٿيءَ سان عورت جو رشتو نه هو ، پوءِ ٻئه ڏيڏي - ڪٿيءَ جهڙو ڏنين جو ڳانڍاپو ڪن رشتيدارن وڃ ٻئه مشڪل رهيو هوندو .

عجيب زندگيءَ جا عجيب رشتا نانا !

درحقيقت اُن زماني ۾ عجيب رشتن ناتن جو عجيب ٽڪندو ، ڇوڪندو ڇڙ ٻيڇاءِ نه ٿيندو ، ڪهي ويو هو ، ڏيڏي ، ڪٿي ، ماڻ ءِ واسديو اڇتائي ، " آشا " بهتر آهي ، ماڻ مڙس کان وڌي بيان گريان :

١٩٧٤ جي فيبروريءَ جي ڳالهه آهي .....

مونکي نيٺ ساهتيه اڪادمي اِنعام ملیو ڏي - " پيار جي پياس " ناول تي ، مونکي اِنعام وٺڻ لاءِ ڏهليءَ اچڻو هو . اِنعام وٺڻ جي تاريخ هئي ٢٨ فيبروري ، هڪ ڏينهن وچ وڇهي ٢-٣ مارچ تي ڏهليءَ ۾ اڪل پارٽ سنڌي ساهت سڀا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو اکل پارت ساهت سميلن ٿيڻو هو. ان سميلن جي صدارت ڪرڻ وارو هو ڪيرت ، ڪيرت بابائي .

انعام جي پڌرائي ۽ سميلن جي تاريخن جي ظاهرات نگر پگ ساڳئي وقت ٿي هئي ، ڊسمبر ۱۹۷۳ ع.

ڪيرت مونکي سميلن جي ڪلچرل پروگرام ۾ ڪلاڪار منڊل جي پاڳو ونڻ لاءِ چيو ، سميلن تال ڪٿورا گارڊن ۾ ٿيڻ وارو هو ، ڏيڏر ، ديليگيٽ ۽ ڪلاڪار تمن ۾ رهايا ويندا . هيترن سارن آڻانگن سفرن ۽ اوجاڳن واري پروگرامن جي دوران ۾ ڪڏهن جي تمنا ڇڏي ڪئي نه طلب ڪئي هوندي ؛ رهائش جي جڳهه گوڙ گهمسان کان پري هجي ۽ اها ترمسالا نه هجڻ کپي ۽ ڏيڻ سان پروگرام ڏيڻ ڪري هن جي نند ۾ رشنو پوڻ جو امڪان هجڻ نه کپي . هوءَ ڇوڙيءَ ڇڏي گهر خواهه مخواه ڇڏي ٻنگلي جي نويڪلي ڪمري ۾ ڪڇڙي خوش رهندي هئي . هوءَ رهائيندڙن کان ڏيڻ وٺڻ جي سخ نه ونڊندي هئي هيڪاري گهر جي زالن کي ڪمڪار ۾ هٿ ونڊائيندي هئي ، هن جي سياڻپي سڀاءَ ڪري نه هڪي ڪوبه پاڻ وٺ رهائيندڙ ۾ خوشي ۽ فخر ٿئي محسوس ڪندو هو . ريگيولر پروگرامن واري ڳوٺ / شهر ۾ آسانهو دائمي ميزبان ميسر ٿي ٿي ويو هو . ڏهليءَ ۾ آسان رهندا سڏائين منهنجي پڇاڙ گوبندرام پنهي مل جي ٻنگلي تي هڪاسين ڪملا نگر ۾ . هو پروگرام واري هنڌ تي ڇڏي آڻڻ ۽ آڻائڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيندو هو! مون ٻوءَ نه ڪيرت کان پڇيو ، " آسانکي رهائيندا ڪٿي ؟ "

ڇيائين ، " تون منهنجي ۽ ڪلاڪارن جي رهائش جي ڳڻتي نه ڪر . " هن ڏيو ۽ چيو ، " تنهنجو ۽ ڪلاڪار منڊل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ٻين ڪلاڪارن جو هڪ شردانو جاڳيو آهي ، اوهان مان ڪنهن کي ڏسڻ کان اڳ ئي. اوهان ڪلڪتي ۾ ڊراما فيسٽيول (ان ڊراما فيسٽيول ۾ ڪيءَ "آئيلو" ۾ اداڪاريءَ لاءِ بهترين اداڪاره جو اِنعام ڪٽيو هو) کانپوءِ لکمي ڪلاڻيءَ سان ڳوهاڻيءَ ويا هئا. اُنهي ڇڳي ڏوم مچائي هئيو، هن سڄڻ کي اُنهي ڊراءِ ڪلينگ جا دوکان آهن. هوُ اُن وقت اُنهي نه هو پر ڀگونتيءَ جي آواز جي ساک ٻڌي هوُ اَڻ ڏني ڀگونتيءَ جو شردانو ٻڌي ٻيو آهي."

مون ڪيءَ کي اِها ڳالهه ٻڌائي، هوُءَ ٻه حيران. چيائين، "ضرور هوندو پٽسي وارو ۽ گهر ٻه ضرور وڏو هوندس - پنڇن ڇهن جي رهائش جو بار ٿو ڪڍي ..."

ڪيرت ٻه آسان سان گڏ ڏهليءَ هليو. ۲۷ فيبروري ڊيلڪس ايڪسپريس ۾ بمبئيءَ مان نڪتاسين، ۲۸ صبوح جو سايڻي نوين ڏهين ڀڄي ڏهلي اِسٽيشن تي پهتاسين.

ڪيرت جو سنڌو تولو ويرواڻي ۽ آسان جو ميزبان اسانکي وٺڻ آيا هئا.

بدن جو ٻوڙو ٻنو، وار ڪسڻ ٽي، عينڪ سان، سليڻي سوٽ ڪوٽ ۾ ملبوس شخص هو، آسانجو ميزبان. نالو ڪيرت ٻه ڀريون دفعو ٻڌو- واسديو اُچنتاڻي "آشا". تخلص ٻڌي مون ڀريندي هٽ ملائيندي هن کان پڇيو، "ادب آهيو اوهان!" مرڪي چيائين، "نڊي هوندي تڪيندي ڪندو هوس، هاڻ راڳ سان رڇي اٿم،" ٻنا دير چيائين، "ڳائيندو نه آهيان، ٻڌڻ جو شونق اٿم،" ڪيءَ کي هٽ جوڙي نمستي ڪيائين، فيڪٽ ڪار آندي هئائين، ٽئڪسي ٻه ڪيائين، ٽئڪسيءَ ۾ ڪلاڪار چڙهيا. ڪيرت، تولو، ڪيءَ ۽ مان ڪار ۾ ويناسين. ڪار اُچنتاڻيءَ پاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊرائيور ڪڍي، رميش نگر م ڪيرت ۽ تـوني کـي لاهي، اسين آڇي راجوڙي گاردن جي J بلاڪ م پهرئين ماڙي تي پهتاسين، هڪ شاهي هال هو ۽ چار ڪمرا، اُن مڙان ٽيريس تي بـه هڪ ڪمرو هو. ڪلاڪار اُن م رهيا ۽ اسين ڪتب جا پاڻي سمجهيا ۽ ياسين. آڇناڻي ڪار شروع ڪندي ئي آسان جي ڳوهاڻيءَ م ڊنـل پـروگرام جي ٽيپ هلائڻ شروع ڪئي هئي. ڪار بند ڪرڻ کان اڳ اُها ٽيپ ڪيڊي ڪوٺ جي ڪيسي م وڌائين. ظاهر هـو، ٽيپ کـي قيمتي وستو سمجهي پاڻان پـري ڪرڻ نٿي چاهيائين.

ڪيرت رميش نگر م لهندي چيو، "مان ڪلاڪ بـه شام جو اڪادمي واري اِنعامي اُنسؤم پهچندس، تون، پگوٺي ۽ آڇناڻي مون سان هلجو. رات جو ڊنر بـه آهي تـه پريس ڪانفرنس بـه آهي. سميلن جـي آڇيان سڀا جي ڇڱرمن پريم وچاڻيءَ جي بنگلي تي دعوت آهي، ٻيا ڪلاڪار پل موٽي آڇناڻيءَ جي گهر اچن."

منڇهند جي مانيءَ کان اڳ ئي آڇناڻي مون سان ڪيءَ سان اهڙو گهائل مائل ٿي ويو جو جڙ و رهين کان واڦ ئي نـه، گهرو متر هو اسانجو. هن جي گهر جا پاڻي بـه اسان سڀني سان حد کان وڌيڪ پنهنجائيءَ سان پيش آيا.

ساهتيه اڪادميءَ جي اِنعامي اُنسؤم ڪيرت، نارائڻ شيام، لچمڻ ڪومل، هرومل سدارنگاڻي ۽ ٻيا ڪيترا سنڌي اديب شامل ٿيا. ڪيرت ۽ ٻيا اديب اُنسؤ بعد هليا ويـا. ڇمڪداس پمناڻي پاسي م "چيلسفورڊ ڪلب" م چانهه پيارڻ ونـي هليو. هن سان گواليار لاءِ، سميلن پڇاڻا، هو ليءَ جو پروگرام بـه ڏيڻم.

پريم وچاڻي، ويسٽن ايڪسٽرانڪس جو ڇڱرمن بـه هو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

د فينس ڪالوني ۽ مرهن جوندير بنگلرهو، جنهن کي ڏهليءَ جي پاشا مرڪوني ٽي سڏ يائون. پريس وارن، آجيان سڀا جي ڪاروباري ڪاميٽي ميمبرن ۽ چوند ادين ڪلاڪارن کي ماڙيءَ تي وهاريائون - ڪڪي هيٺ زالن م وڃي ويٺي، مونکي دل ئي دل م اهو فکر رهيو تہ مرداني ڪڪي، شاهوڪار گهرن جي زالن م پاڻکي اڏاري اڏاري محسوس ڪندي. مٿي شراب جو دؤر شروع ٿيو ۽ اُن سان ڇهر چالو ٿي، پريس ڪانفرنس صرف بهانو هئي. ڪيرت جي پريس پڏرائي پريس وارن م ورهائي ويئي ۽ پريم هنن کي اُها ڇپڻ جي پلاڻ ڪئي. جتي پريم رعبدار شخصيت جو مالڪ ٿي ڏٺو، تتي ڪانگرس نديو پاڻ سندر ڪافي ملنسار لڳو. اچنتائيءَ ٻڌايو، "ويستن کي هن ڪڙيءَ تي پهچائڻ م سندر جي وڏيڪ محنت رهي هئي، ڇپت نگر م هڪ ڪمري م نديا ٽرنسٽر ناهيندي، هن پنهنجي لگن ۽ ملنسار سڀاءَ سان ويستن ٽي. وي. تائين پهچندي اوکلا انڊسٽريل اسٽيٽ م شاهي بلڊنگ جوڙي ورتي هئي، پريم جو دماغ ۽ فيڪٽري هلائڻ جو ڏاڻ ۽ سندر جي وڪري وڌائڻ جي هنر و چاٽين کي غريبيءَ کان اميريءَ تائين پهچايو هو." مونکي رکي رکي ڪڪيءَ جو خيال ٿيو تہ هوءَ ڪڙي حال م هوندي.

محفل پوري ٿيڻ بعد اَچنتائيءَ جي ڪار م چڙهندي ڪڪيءَ چيو، "گهٽين زالن م شاهوڪاريءَ جو اهايو ادمبر ڪونہ هو. سڀني منهنجو خاص خيال ڪيو. هڪ نہ منهنجي مٿان هنسي ڪول ڪول ڪئي ويئي. ويستن جي مالڪن وچاٽي پائرن جي ڀيٽ هئي. سڀني ديدي ديدي ڪئي ڪونيس. رعب ۽ ڇڪو هوس، محفل جي مورٽي ۽ اُها هئي. جهڙو بدن موٽو هوس، دل اُن کان ۽ وڌيڪ ويڪري هيس..."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چتي مونکي آئت ملهيو تنهي آچنتائيءَ کي ديدي ۽ چي هيڏي ساري ساراه نه آڻڻي شايد ، اهڙي ڪا ڏيکاري نه ڏيندي ۽ چيائين ، "موهنيءَ جي ڳالهه ٻي ڪرين نه ، شراب ۽ چڪو پيتو هوندائين ، سگريٽ ۽ جام چڪيا هوندائين ." ڪڪيءَ چيو ، " ها ، ٽي چار پيگ پيتائين ، ۽ ٽي سگريٽ ۽ چڪيائين ." ۽ پوءِ گويا آچنتائيءَ کي ڳالهه وڌائڻ کان روڪڻ لاءِ چيائين ، " سڀاڻ ڪري مونکي حد وڻي ."

ٻئي ڏينهن صبوح جو ڪيرت تونهي وٽان فون ڪئي : مانهي ، هيءُ وڃاڻي پائر راڳ جا شيدائي ٿا ڏسجن . هينئر فون آئي آهي ته شام جو پنجين ٻجي ساڳئي راڳ واري بنگلي ۾ راڳ جي محفل رکڻ ٿا چاهن . رات جي روٽيءَ جي ۽ دعوت ڏني آٿائون . ڪاني ڪلاڪارن کي ڪهايو آٿائون . ڪلا هزاري صبوح جو پهتي آهي . هوءَ ۽ ايندي ، تون ۽ ڪلاڪارن سميت اچجانءِ ."

مونکي رت نه آڻڻي ؛ چيم ، "شاهوڪارن لاءِ پروگرام ڏيڻ تي منهنجي دل نٿي ڏئي ..."

ڪيرت چيو ، " هتان جا ساڻي چيون ڳر سهاڻي ۽ شنيو جئسنگهاڻي چون ٿا ، پروگرام ڏيڻ کپي . سميلن لاءِ پريم ۽ سندر ڪافي مالي امداد ڪئي آهي ، ڪوٽ جي حالت ۾ ايڏا ۽ وڌيڪ مدد ڪندا . ٻيو ٻڌ ، هي خواهان آهن پگوڻنيءَ کي ٻڌڻ لاءِ ، منهنجي صلاح آهي پروگرام ڏيڻ کپي ."

مون چوڳي تي هٿ رکي ڪڪيءَ کي ٻڌايو ۽ هن کان رايو پڇيم . ڦري آچنتائيءَ چيو ، " شاهوڪارن جا ۽ نخرا آهن ، "سڀاڻي رابيندر رنگ منڊپ تان پروگرام ٿو ٻڌندائي..." مون ڪڪيءَ ڏانهن نهاريو ، هن چيو ، " هت واندي ويهڻ کان پروگرام ڏيڻي ايندا سين ." مون ڪيرت کي چيو ، " ڏيڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ، پنجين ڀڻي شام جو ڀهڪندا سين . "

اچنتاڻيءَ چيو ، " مان نه هلي سگهان ته ... "

ڪڪيءَ چيو ، " اسين ٽئڪسيءَ ۾ ويندا سين . هونءَ به اوهان سڀائين تڪليف ڇو ونو ؟ "

اچنتاڻي ڪکو وکو ٿي ويو . چيائين ، " مونکي پڪڙين ٿي وڃڻو آهي . "

مون چيو ، " ٺيڪ آهي ، اسين ٽئڪسيءَ ۾ ويندا سين . ممڪن آهي ، موت لاءِ ڪار ڏين . "

اچنتاڻي پنهنجي ٻڌڻ ختم ڪري ورتي . چيائين ، " ڇڏو ، مان اوهان سان هلندس . راڳ ٻڌڻ ، سير ۽ دادي جي مڪ مان ، اهو موهه مان ڇڏي نه سگهندس ، منهنجو (پٽ) کي پڪڙين ٿي موڪلينديس . "

وري کلي ڪڪيءَ ڏانهن نهاري چيائين ، "دادي ، سميلن ٿي رهڻ بعد منهنجي گهر ۾ پروگرام ڏيڻو پوندو . "

ڪڪيءَ جواب نه ڏنو . مونکي خراب لڳو ، مون چيو ، " منظور ، هت ۾ پروگرام ڏيندا سين . "

اکيلائيءَ ۾ ڪڪيءَ چيو ، " اچنتاڻي ڪافي سٺو ماڻهو آهي ، مهمانواز ۽ آهي ، حسد کان ۽ پري آهي . پر لڳي ريسارو ٽسو ، خاص طور وچائين سان هنجي نڪي پوي . لڳي پاڻ ۽ شاهوڪار ٿو ۾ ... "

عجب مونکي ۽ لڳو . گويا ڏاڍيان سوچيندي (thinking aloud) چيم ، " ويسٽن وارا هن کانپوءِ چڙهيا تا ڏسجن ، سوشل لائيف ۾ اچنتاڻيءَ ۽ پنهنجي لاءِ گا جڳهه جوڙي آهي . اچنتاڻيءَ جي جڳهه محدود رهي آهي ، وچائين جي وڏيڪ وسيع ٿي ويئي آهي . پر دل ڪري اچنتاڻي ڪافي سٺو انسان آهي .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڪيءَ مون سان سهمت ٿيندي چيو، "دل وارو شخص آهي، ان م ڪو شڪ نہ آهي."

۽ شام واري خانگي پروگرام م، جتن اُميد رکي وئي هئي، ڪڪي ميدان ماري وئي. هن جي آواز م ادائگيءَ مڙيني کي متاثر ڪيو. هڪا و چاٹين ها ڪٹيي، سنڌندي، آڇيان سڀا جا مڪيہ ميمبر جن سميلن م ڪنهن نہ ڪنهن قسر جي سهائتا ڪئي هئي. ديدي ۽ کي مون ڀريون دعو ڏنو. موٹي ديهہ واري، سانوري، ملنسار ۽ رعب واري. پائسون خواهہ ٻين ٿي هلندي ڇنڊي ٻہ ڇگي هئس. جي هوءَ ڪڪيءَ ٿي مٿون ٿي ڏني تتي نظرانداز موڪي ٻہ نٿي گيائين. اُچنتائيءَ جو ٻہ ڇگو خيال ٿي رکيائين. اچنتائي مونکي اُدارو اُدارو لگو. ديدي ۽ جو ڪڪيءَ م ايڏو ٿوٹو چاهہ هن کي راس نہ ٿي آيو، زبان سان ڇيائين ڪجهہ ٻہ نٿي، پوءِ ٻہ مون دل ئي دل م چيو، "مهمان نوازيءَ جي صدقي ٻيا ٻن ٻاهين م آهيون. هڪ طرفي ٻا / ۽ ٻہ طرفي ايڏو ڪڏهن نہ ڪڏهن ڀڙڪو کائي سگهي ٿي."

ائين ٻہ سوچيم، "هڪ ئي ڏينهن م ڪڪيءَ جا ٻہ شرڌالو پيدا ٿيا آهن، خدا خير ڪري."

۽ تڏهن ئي ٻهي کان يا ٻهي مان ڪنهن ٻہ هڪ کان جند ڇڏائڻ ممڪن نٿي نظر آيم! ۽ جند ڇڏائڻ نہ ٻہ دل نہ ٿي.

موٹندي ڪڪيءَ چيو، "هيءُ خانگي پروگرام ديديءَ رکايو هو."

اُچنتائيءَ چيو، "منهنجي گهر واري پروگرام مان وچاٹين ۽ موهميءَ کي نہ گهرايان ٿو؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڪي سهمجي ويئي. هوءَ مون ڏانهن ڏسڻ لڳي، سوالي نگاهن سان.

مون ڦريندي محسوس ڪيو، اڇتائيءَ کي ڇوٽو صرف ديوي هو پر ڪڪيءَ جي جذبات جو لحاظ رکي وڃائين کي بہ ڳنڍيو هٿائين. ڪڪيءَ جي سوالي نگاهن کي نظر انداز ڪري اڇتائيءَ جي سوال جو جواب ڏنم، "پل هنن مان ڪنهن کي بہ نہ گهرائجو."

نوڪلاڻيءَ مرڪيءَ کي چيو، "اڇتائيءَ اڳيان ديديءَ جو نالو بہ نہ ڳهڻ جي ساراهہ ڪر. اڇتائيءَ جي ريس کي ايڪا جي شڪار بڻجڻ کان روڪڻ جو اهوئي طريقو آهي."

ڪڪيءَ مرڪي چيو، "As you say. هنن ٻنهي جي ناتن وچ بہ رهندي اوهانکي ڪوئي پرندي."

سميلن جي سموري ڪلچرل پروگرام جي واڳ ڏور منهنجي هٿ ۾ رهي، بہ ٽي راتيون، ڇوڪرن راڄ جو مکيہ مهمان هو اندر ڪمار گجرال جو آءِ. سي. گجرال سڌ ڇڻ لڳو هو. اُن وقت هو انفرميشن ۽ براڊڪاسٽنگ جو منسٹر هو. پروگرام جي ڏوڪڻ ۾ هڪ گروپ جو اڌ ڪلاڪ جو پروگرام اَلاٽ ڪري مان آڏو بہ ۾ هن سان وچي ويٺس. مونکي چيائين، "ٻنهنجي گروپ جي مکيہ گائڪا کي سوبل منڇ تي آڻ." مون چيو مانس، "مان ڪوشش ڪندس پر پڪ نٿو ڏيانءِ جو ٽوليون ڪهڙيون آهن ۽ پروگرام منهنجي هٿ ۾ آهي. ٻيا ڪلاڪار ناراض ٿيڻ ۾ وبہ ۾ ڪٿي نہ ڪندا..."

مون گجرال کي بہ ٽي سال اڳ هند ـ پاڪ وچ سملا سمجهوتي ڪرائڻ بعد، اُن جي ماتحت ڪلاڪار منڊل سان سنڌ وڃڻ ۾ سرڪاري سطح تي مدد ڪرڻ لاءِ آفيشل خط لکيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. هن ۾ آفيشلي جواب ڏنو هو، "تنهنجو خط پڙهيو معاملن جي ڪافي ڄاڻون موڪليل آهي." پڙهيو ڪاڪي جي سيڪريٽريءَ لکيو، "توهانجو خط منسٽر آف انفرميشن اينڊ براڊڪاسٽنگ آسان ڄاڻهن موڪليو آهي، اهو زيرِ ويچار آهي."

اُن بعد منهنجي رمائيندر جو ۾ ڪو جواب ڪونہ آيو. آٿرس گلڊ جي سليباني ميڙ جو اُد گهاٽن ڪندي گجرال مونکي ۽ ڪيرت کي وٺل ڏسي چيو، "منهنجا ڪي سنڌ جا ساٿي هت وٺيا آهن جن سان ڪراچيءَ م فريندس آف سوويت يونين سنسٿا م گڏ ڪم ڪيو هوم..." ظاهر هو تہ اندرا سرڪار م هڪ ڪري هن اهو جتائڻ نہ چاهيو تہ ڪو ڪراچيءَ م هوُ ڪميونسٽ پارٽيءَ سان جڙيل هڪ ڪري آسان سان لهہ وچڙ م آيو هو. اُدگهاٽن رسم بعد چانهہ جي دؤر وقت هوُ اسان سنڌين طرف وڏي آيو. مونکي چيائين، "مالهي، تون پاڪستان م پرسو نا ڪريتا (اُن گهوريل شخص) آهين اِها سڌ مونکي پاڪستاني پڙهيي کانسي کان ٻيڻي. هر پروگرام م چوندو رهين ٿو، سنڌ آزاد ٿيندي، توکي ڪيئن گهرائيندا؟ ها، جي تنهنجي گروپ توکانسواءِ وڃڻ چاهي تہ مان اُن کي موڪلڻ جي ڪوشش ڪري سگهانٿو."

مون ٻڌا گروپ جي سنڌ وڃڻ جو سوال ئي نٿي اُٿيو. ڪڪي هت ئي مون ٻڌا پروگرام جو سوچيندي ئي نہ هئي.

اُن بعد اسين هڪ ٻئي سان هٿ سميلن جي ڪاڇول پروگرام جي دؤران ر ڪڏيا هڳاسين. مان سنڌ ئي پروگرام جي سنڇاڪ هڪ ڪري ٻڌڪ استيج موٽي آيس. هن ڪيرت کي منهنجي گروپ کي مدعو تي آڻڻ لاءِ چيو. ڪيرت مونکي چيو، "ڪي ڪلاڪار ضرور ناراض ٿيندا پر گجرال جي تمنا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوري ڪري ڪپي." " مون هڪ سمجھوتو طيءَ ڪيو، مون پنھنجي پروگرام کي ان حصن مروڙھايو. پندرنھن منٽ گجرال اڳيان باقي پندرنھن منٽ پروگرام جي آخر ۾، جئن ٻڌندڙ پڇاڙيءَ تائين ويٺا رھن." ٻوءِ ٻے ڪي ڪلاڪار ناراض ٿيا ئي.

ڪڪيءَ جي آواز جو جادو گجرال مڻان ٻے ھليو. ھو ھلڻي وڃڻ کان اڳ ٻڪ استيج تي آيو. سڏو ڪڪيءَ وٽ اُچي ھن کي مبارڪون ڏيندي چيائين، " جيتري اُميد رکي ھئم، تنھن کان بھتر تي ڳائين، شپ ڪامنائون." " مونکي چيائين، " اِھا سياست جي لعنت آھي جو سڌ جا سنڌي ھنکي ٻڌڻ کان وانجھيل آھن."

اُچنتاڻيءَ جي گھر خانگي پروگرام شروع ٿيڻ کان اڳ ئي ديدي پنھنجي ھڪ پيٽ ڪملا سان گڏ ھلي آئي. اُچنتاڻي گھر گھڙي آيلن جو نالو ڪيئن ڪري ؟ مان پنھنجي ملهل ڪمري مان ٻاھر نڪرڻ تي ھوس جو اُچنتاڻيءَ مون کان اُچي پڇيو، " دادا، موھنيءَ کي اُجوکي پروگرام جو اوھان ٻڌايو ؟ " مون چيو، " نه ته." اچنتاڻيءَ وري پڇيو، " ٻلا دادي ڳونٽيءَ ؟ " مون چيو، " مان نٿو ڄاڻيان، ڪڪي اڃڙي ڪڍي آھي ؟ " ڪڪي پنھنجي ڪمري مراڻا سنڀري رھي ھئي. ڪڪيءَ ھيڪاري پڇيس، " ديدي آئي آھي ڇا ؟ "

اُچنتاڻيءَ پھرين ته مڳو پروگرام رد ڪرڻ چاھيو پر ھن جا پنھنجا عزيز ۽ مٽ زالين مردين ايندا رھيا.

ديديءَ ڪڪيءَ سان پاڪر پائي گڏ جھنڊي چيو، "مڻي، تو ته ڪونه ٻڌايو. منھنجي من مونکي چيو ته ڪو راڳ جو شيدائي تو ڇڙيءَ گائڪا کي ڪا شام بنا ڳائڻ جي نه ڇڏيندو-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ تہ ہ مڪاميلو تہ ٽيندو ئي ، اِهو سوچي ڪملا کيس ساڻ ڪري هلي آيس ، هت اچي ڏٺم تہ منهنجو من صحيح هو. "

اُچنڀاڻيءَ کي پڪ ٿي ويئي تہ ڪيءَ ۽ مون هڏڀي وشواس کي ڏوڏيو نہ هو. هن جو اوچتو ديدي‌ءَ طرف رخ ۽ قهرو اچي ويو ، ڏاڍو آدرپاءُ ڪرڻ لڳس . ڪيڏو مهمان ديدي ٻڌي ويئي !

پروگرام جي دوران ۽ هڪ منٽ جو فون آيو ، " سچان پريم وچاڻيءَ جو جنم دن آهي . هن کي پگهونتيءَ جو پروگرام ڪپي . جيترا ٻ ٻڌا چوندين ، اوترا ملندءِ . "

مون چيو ، " سچاڻي صبوح جو اسين گواليار ويندا سين . ڇمڪداس پنهاڻيءَ معرفت اُنهي هوليءَ جو پروگرام ڏيڻو آهي . "

هُو منٽ سڀاءِ سميلن سان نزديڪيءَ تان جڙيل هو. چيائين ، " اسان جا سڀ ساڻي چاهن ٿا تہ تون پروگرام وچاڻيءَ کي ڏي . پنهاڻيءَ سان تاريخ بدلاءِ . "

مون چيو ، " پروگرام جو اعلان گواليار ۾ ٿي چڪو هوندو. پنهاڻي اسانجي ڪاربت بچائي نہ سگهندو. عام ٻڌندڙن تي اثر ويهندو تہ اسين واعدي جا پڪا نہ آهيون ، ٻڌسن تہ قرندا گهوندا آهيون . "

منٽ ناراض ٿيو مگر مان پنهنجي من کي هن جي ڳالهہ مڃائي نہ سگهيس .

پروگرام پوري ٽيندي ديدي‌ءَ چيو ، " مون ٻي پريم کي چيو هو ، ڪيءَ جو پروگرام رکائڻ لاءِ . " هن ٻہ پگهونتيءَ کي ڪيي چوٽ شروع ڪيو هو.

نڪ پريم جو فون آيو ـ ڪلڪ ۾ ڏهٽ جو عجيب سنگهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو، هن جي آواز ۾، اِهو ٻڌي چيائين، "ماڻ بلڪل چيڪ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان."

مون چيو، "سائين منهنجا، اِهان منهنجا نہ وان نہ واڻ ٿيا آهيو، تنهن ڪري اِها سڌ ڪانہ آڻو تہ ماڻ پئسي کي واجبي ۽ ڪاڻ وڌيڪ اهميت نہ ڏيندو آهيان."

هن چيو، "اوهان کي منهنجي دل رکڻ ڪئي."

مون چيو، "مان مجبور آهيان. ٻئي سال اوهان جي جنم ڏينهن تي اڇو ۽ ڪا پيتا نہ ونبي." مون ٻہ پنهنجي طرفان درياهہ دلي ۽ جو اظهار ڪيو.

هن ناراضي ماڻ چيو، "ڇڪا اوهانجي مرضي."

ديدي ناراض ٿي تہ اِها ڏيکاري ڪانہ ڏنائين. ها، ويندي ويندي ايترو ضرور چيائين، "پروگرام ڪٽو ها تہ اسين سڀ خوش ٿيون ها."

اچنڊاڻي ۽ زبان سان ٻہ ڪجهہ نہ چيو ۽ ڇهري جي پاڻ ماڻ ٻہ دل جي ڳالهہ ظاهر نہ ڪئي.

مون ڪڪي ۽ کي ٻڌايو، "بلڪل چيڪ موڪلايو آڻم."

ڪڪي پهرين ئي سمجهي ورتو هو. مرڪي چيائين، "اِهو ڇا پهريون دفعو ڪيو آڻو؟"

هاڻ هڪ بلڪل چيڪ وڃڻ اڳ موڪلايو هوم، تڏهن پئسا نہ ونندا هئاسين، متڪي ۾ آيل پئسا ٻہ آرگنائيزرن کي ڏيڻي اينڊا هئاسين. ڇڪي کي بند لفافي ۾ ڏيندا هئاسين. اُهو سڀ ڪلاڪن ۾ ڪيو ويندو هو. خانگي پروگرام ڪٽندا ئي نہ هئاسين. اُن دؤران ۾ ڪيترا دفعا سفيون آڇون ٻہ نہ قبوليون هيون. هڪ لڳا ڳيا جو هڪ سڄي هفتي ۽ جي ڇڙهي آيو. هن پاڻما ۾ ڪروڪو بند سنگهہ جي جنم دن تي پروگرام ٻڌو هو. چيائين، "ڇهن ڏينهن پنهنجي پت جائو آڻم. اُن خوشي ۾ پروگرام ڏيو. لولي ٻہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيوس ۽ لاڏا ٻه ڳايو. ٻڌسا جيڪي چئو." اسڪول ۾ ماسٽري ڪندو هوس، تڏهن، هڪ ماسٽر چيو، "اوهان جا نه پاڻ ٿا قائن" مان ڪجهه چوان ئي چوان، گيا مان آيل سڀ ڪيسي مان چيڪ ٻوڪ ڪيو، بلڪ چيڪ ڪولي چيائين، "رقم لکو..." مون چيو، "معاف ڪجو. سوال ٻڌسن جو نه، اصول جو آهي. شاهوڪار پٽ جمڙ ٿي بلڪ چيڪ ڏيندو، غريب سکڻي دعا ڏيندو- مون لاءِ ٻڌي برابر آهن. ۽ جي ان ريت پروگرام ڏيڻ شروع ڪيا و يا ته هڪ ڏينهن ب آرام ٿه نه ملندو، ٻڌسا ٻه گهڻا نه ملندا."

اُن ماسٽر ئي چيو، "سو وري ڪيئن."

"سو هيئن،" مون چيو، "نوي سيڪڙو ڪان مٿي ماڻهو اَڻ سرنديءَ وارا آهن."

۽ پروفيشنل ٽيڻ بعد خانگي پروگرام ٽارڻ ناممڪن بڌي ٻيو هو. مگر ڪنهل پروگرام ٻڌسن جي ويديءَ تي سواهه ڪرڻ لاءِ مان پاڻڪي مڃائي نٿي سگهيس. ڪڪيءَ کي چيم، "پريم کي انڪار ڪري سنو ئي ڪيو نه؟"

ڪڪيءَ چيو، "پروگرام کڻڻ نه کڻڻ اهو اوهان جو ڊپارٽمينٽ آهي..." پوءِ چيائين، "صحيح ئي ڪيو، ٻڌسا نصيب سان ملندا آهن."

اچنڀاڻي چپ چاپ ٻيڻو هو اوستائين. گويا جملو پورو ڪندي چيائين، "عزت اصولن تي مڪمر ٻيهڻ سان ملندي آهي."

مونکي خبر هئي ته هوُ دل ئي دل ۾ بيحد خوش هو، منهنجي اصول پرستيءَ تي، خاص ڪري جڏهن اُن پريم جهڙيءَ مادرن هستيءَ کي انڪار ڪيو هو.

۽ گوالیار جي پروگرام لاءِ ٻيٽا ملهي - ٽوڪن، نالي ماٽر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ادائي سؤ روپيه ، متڪي ۽ ٻاجي تي آيل ٻڌسا کڻڻ لاءِ آرگنائيزرن مجبور ڪيو.

وچائين غصو ڪري ڇڏيو ته مان ڪملا ڪيسوائيءَ کي گهرايو- پريم جي جنم ڏن اُنسؤ ۾.

ان ڪري ٻه مهينا پوءِ جڏهن مونکي اچڻ جي تار ملي ته حيران ٿي ويس.

" پريم جي پائٽيءَ جي شادي. پروگرام فلاڻي ۽ فلاڻي تاريخ (ياد نه آئم) پيتا سڏي. ٽڪيٽون ويسٽن جي بامبي آفيس ڏيندي. رهڻ جو بندوبست مون وٽ. آڻڻ جو اطلاع ڏجو."

مون ڪڪيءَ کي چيو، " بلئنڪ چيڪ ڇڏ."

هوءَ پروگرام جو ٻڌي خوش نه ٿي هئي. چيائين ، " ٻڌسن بدران مونکي ٻي ڪٿتي آهي. پروگرام وچائين جو، رهائش اُچڻ ٽيءَ وٽ ۽ وچ ۾ ڏيندي ، مان ته پيسڄي ويندس."

مون چيومانس ، " مان توکي ٻچائيندس."

هن جي منهن تي ڪا سرهائي نه آئي. چيائين ، " اِها هڪ ڳالهه آهي جنهن ۾ اوهان مونکي ٻچائي نه سگهندا ..."

مون ٻه ڳڻيرتا سان چيو ، " ڇڻين ته اِنڪار جي تار ڪريان."

"اِنڪار مان نقصان خواهه مخواهه ڪلاڪارن کي پوندو." پوءِ بلڪل درڀتا سان چيائين ، " اوهان پروگرام ڪڍو، اوهان جي دعا سان سڀني جي رهڄي ايندي."

مون دل ۾ هنکي شاباس ڏني ، هوءَ ٻاڻ سان گڏ سڀني جي رهڄي اڇڻ جي خواهشمند هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديدي سمائي ٿابت ٿي. پروگرام رکايو هن هوء، اچنڻائيءَ جو اسانجي هن وٽ رهائش جو شرط به مڃيو هئائين. پوءِ به هن اچنڻائيءَ کي ڪجهه نه چيو، منهنجي خوشامد ڪرڻ شروع ڪيائين. اچنڻائيءَ مان اهو معلوم ڪري ورتو هئائين ته مونکي وسڪيءَ کان وڌيڪ بيئر وڻندو آهي.

پروگرام به هئا. پهچڻ واري ڏينهن ٿي پرين- سندس جي وڏي پاءُ پرڪاش جي گهر لاڻن جو پروگرام هو. هن جي ڏيءُ مدوءَ جي شادي هئي. هوءَ ميونسپل ر آفيسر هوءَ هنکي لوڏي کالونيءَ ر ڪوارٽر ملهل هو. ديديءَ هنجي فرج ر ولائتي بيئر جا ڏبا پرائي ڇڏيا هئا. لاڻن جي پروگرام ر اڳ ٻيون پريون مس ته منهنجي لاءِ بيئر جو دؤر شروع ڪرائي ڇڏيائين. هڪ ڏينهن بعد ٻيو ڏينهن- ائين سلسلو جاري رهندو آيو.

شاديءَ جي پروگرامن ر مان صرف انائونسمينٽ ڪندو هوس ۽ پروگرام رکائيندڙن ۽ هنن جي عزيزن مٽن کي واڌايون ڏيندو هوس، ۽ بس. پوءِ ڪکي ڪلاڪارن جي سهڪار سان ڏوم مچائيندي هئي. هن شاديءَ جي پروگرامن جو نرالو ۽ يگانو طريقو اپنائي ورتو هو. شروع ئي اهڙي ڇڻ سان ڪندي هئي جو ڪائنٽ شرط نڇ چالو ٿي رينديو هوءِ- پوءِ لاڏي مقان لاڏو ڏيئي نچائيندڙن کي ٽڪائي ساهي ڇڏيندي هئي. وچ منجهنديءَ ته منهن ورائي اکين جي اشاري سان يا ڏيئي آواز ر مون کان پڇندي، "هن کانپوءِ چا؟" ائين ٻن ٽن قسطن ر ٻن ايائي ڪلاڪن جو پروگرام ڪامياب ڪري اُٿندي. وچ وچ ر سريندر کان چٽڪلا ڏياريندي. "ڪهڙا ڏيون؟" اهو آهستگيءَ سان مون کان پڇندي. اُن ڏينهن جو مون مٿار بيئر جو خمار چڙهندو ڏٺائين ته سموري جوابداري سنڀالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورتائين. ۽ ٽي دفعا آهستي مونکي چيائين، "نشو ظاهر ٿيڻ نه ڏجو، مهرباني ڪري." مون ٽي نشو نه چڙهيو، خمار جاري رهيو. ڪڪيءَ جي پيٽ ديوڪا ۽ هلي هئي اسان سان. پروگرام بعد مانـي ڪائـڻ ويڻاسين تـه ديدي مون وٽ آئي. چيائين، "دادا، جي رات ڪڪيءَ هنڌي پيٽ مون وٽ هلڻ تـه اوهانکي اعتراض آهي؟" ڪڪيءَ اکيلي هڏي ها تـه اعتراض ونان ها، چيم، "پيءُ توسان هلڻ چاهن ٿا مونکي ڪو اعتراض ڪونهي." ديديءَ جي ٻائي ٻڌي، فلڪ سان اچنٽائيءَ کي چيائين، "دادا مڃيو آهي، ڪڪيءَ هن جي پيٽ مـون سان منهنجي گهر هلندين." اچنٽائيءَ ٻـه ٻيڙ ٻيٽو هو، مـون کـان گهٽ. هنڌي زبان مان نڪري ويـو، "اڳوپوءِ دادا کـي ٻـه پنهنجي گهر وڃي وڃو نـه." مون موقعي جي نزاڪت سمجهي چيو، "نـه. مان ڪلاڪن سان اوهانجي گهر هلندس." زبان ٽي اِهو ٻ آيم، "جي اوهان وڃي هلندا." پـر زبـان مان لفظ کـي بـاهر نڪرڻ ئـي نـه ڏنم.

ڪڪيءَ ديوڪا ٻيون ڏينهن سڄو ٻ ديديءَ وٽ رهيون. ڪيءَ جو پروگرام سندر جي بنگلي ٽي رکيل هو. اُني ٻ هوُ ديديءَ سان سڌيون پهتيون. اچنٽائيءَ گهر مان نڪرڻ کان اڳ ئي مونکي چيو، "دادا، مهرباني ڪري اَڄ رات دادڻيءَ ۽ ديـوڪا لاءِ موهنيءَ جـي ڪـر ۾ نـه اَڇجو. مونکي دکـ ٿيندو." ڪڪيءَ ٻ اَچنٽائيءَ جي پريشانيءَ جو لحاظ ڪري اُها رات ديديءَ کان نٽائي ويئي، رات جو ديـر سان ئي، دُور راجوڙي ڪاردن هليا آياسين، سڀ جو سڀ.

ڪڪيءَ مونکي اڪيلائيءَ ۾ چيو، "مان ٻن جيون جي ايـڪا جـو ڪارڻ ٻڌڻ ٿي چاهيان." مـون چيو، "مان ٻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پریشان آهیان. هن بعد دهلي۽ جو پروگرام نہ کٹیو." اها ڳالهه ڪڪي۽ کي نہ آڻڻي ۽ ممڪن ٻڌڻي لڳي. مون کي اُن مهل هڪ رستو سڃهيو. چيم، "هين۽ ڪندا سين. جي سائوٽ دهلي۽ م پروگرام هوندو تہ ديدي۽ وٽ رهندا سين، نارٽ دهلي۽ م هوندو تہ اچنتائي۽ وٽ داهو ڪندا سين. هڪ هڪ رات ٻي۽ ڏر وٽ ميزباني قبوليندا سين." ڪڪي۽ کان ٽهڪ نڪري ويو. پوء گنهير ٿي چيائين، "اوهان ٻنهنجي ناهه گرو دماغ مان شارٽ ڪٽ ڳولهيو آهي پر پوء ٻه مان ٻن جي چن پٽ م پريشان رهنديس ئي. اڳ ٻڌو هوم، هاڻ مڃانڊي تہ جند ڪڙ تہ جند ڳوڙو پڙ ڪڙ تہ پڙ ڳوڙو." مون ٻنهنجي سياڻ سان نباهيندي چيو، "في الحال تہ دهلي۽ جو پروگرام آهي ڪونہ ؛ جڏهن ملیو تڏهن رستو ڳولهي ونبو."

ٻئي ڏينهن پروگرام جي پيٽا ونڊ ويا سين تہ سندر ٻنهنجي چيمبر م ئي ٻيڙ جو هڪ ڊبو ڪولائي منهنجي اڳيان رکيو. ٻوء 555 جو ٻڪيٽ ۽ رانسن لائيٽر منهنجي اڳيان رکي چيائين، "دادا، منهنجي طرفان نذرانو سمجهجو."

۽ ٻول ٻہ اچنتائي۽ ۽ پريم وچم عجيب ٿي هئي. ٻئين ڪي واري پروگرام م متڪي م جيڪڏهن مڙر رقم کان ٻئسا گهٽ آيا تہ مڙر رقم ۽ متڪي وارن ٻئسن وچم فرق ويستن وارا مڙا ڏيندا. ڦهريون پروگرام رونگم م هو، جيڪي ٻئسا آيا اُهي ٻول م نہ شمارڻا! ياڙو الگم، سيڪنڊ ڪلاس سليپر اوت موت ويستن وارا ٻوڪ ڪرائي ڏيندا. رات متڪي م آيل ٻئسا رواج موجب ڪلاڪارن ئي ڳڻيا، اُن ڏينهن صبوح جو. متڪي جي منهن کي رومال ٻڌي اُهو منهنجي ڪمري م ئي رکيو هڻائون. اسان متڪي جي رقم پريم کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌائي. پريم جي حساب موجب اسان ڏي سؤ روپيه گهٽ ٻڌايا هئا. هن حساب ڪري ٻڌايو، "مون هيترا وڌا، سندر هيترا، گيان هيترا، مون ٻنهنجي مائٽن کي هيترا ڏنا ..."

ء مون چيو، "اوهانجي مائٽن گهٽ وڌا هجن ته؟"

هن ٻئي ٻهه وراڻيو، "اوهان جي ڪلاڪارن ٽڪايا هجن ته."

مان ٽڪايا لفظ تي ٻاهوڙ جي ويس: "منهنجا ڪلاڪار پائيوار آهن، هنن جا حصا آهن، هو ٻئي ايمانجي ڪندا ئي ڪونہ ..."

ويا صرف مان ء اڇنڀاڻي هڪاسين. اڇنڀاڻيء کي وڇهه ملیو. چيائين، "ڇگو ٿي سؤ روپيه مان ٿو پريان."

پريم قطاقت پنج سؤ روپيه مون ڏانهن وڌايا ء چيو، "پروگرام سڀني کي ايڊ پسند آيو."

سندر موٽ جون ٽڪيٽون اڇنڀاڻيء جي هٿ ۾ ٽمايون. اُٺ لڳاسين ٽئي پريم سنڌيدگيء سان چيو، "دادا، اوهان منهنجي جنم ڏينهن تي پروگرام نہ ڏنو؛ پهرين ته مان ناراض ٿيس. پوءِ من ڏي من ۾ اوهانکي ڏيڻ - اوهان واعدي کي ڀڳسن کان وڌيڪ ٿا سمجهو. منهنجي نظر ۾ هيڪاري مٿاهان ٿيا آهيو."

مون چيو، "مهرباني." اسان اُٺي ڪڙا ٿياسين.

پريم چيو، "واعدو ياد ڪجو. ڪڏهن نہ ڪڏهن مان اوهان کان جنم ڏن جو پروگرام وٺندس - مفت ۾." هن ويٺن ٻن لڦظن تي زور ڏنو.

مان ڪجهه چوان ئي چوان تنهن کان اڳ اڇنڀاڻيء چيو، "دادا واعدي جو پڪو آهي."

اُن ڏينهن شام جو اڇنڀاڻيء ٻنهنجي گهر ۾ پروگرام ڪرايو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديدي نہ آئي ، جيتوڻيڪ ڪيءَ نينڊ ۾ ڏٺيس - اچنڀاڻيءَ کان پڇا ٻڌا . هوءَ ضد ٿي : " ماءُ ايندين جي ٿون ۽ ديوڪا مون سان گڏ منهنجي گهر ايندين . " ڪيءَ لاءِ اهڙي خاطري ڏيڻ ، منهنجي سهڪار ٻڌا ممڪن نہ هئي . ۽ ماءُ هڪ کي راضي ڪرڻ لاءِ ٻئي کي ناراض ڪرڻ جي فائدي ۾ نہ هوس - خاص ڪري جي اُهو شخص اچنڀاڻي هو ، هوءَ ٻاهران غم کائي وڃي ها ، پر اندر ئي اندر پريشان رهي ها .

ڪيءَ ڇڻ ڏيڻيءَ کي آڻڻ ڏينڊي منهنجو فيصلو ٻڌايو ته جي سائوٽ ڏهليءَ جو پروگرام ملتوي ٿو ٿئي ، جي نارٽ ۾ ملتوي ته اچنڀاڻيءَ وٽ .

اُن پروگرام جي آخر ۾ پلڻ جي ڏوران ۾ اچنڀاڻيءَ چيو ، " مونکي هڪ ٻئي جي ٻڌيان ٻڌي ڏيڻ آهن . دادي پلڻ ٻاءِ ته هلڻ منوءَ کي جي ڪجائو ته ماءُ توهانکي هٽ گهرائيندس ۽ ڪيءَ کي لولي ڏيارينديس . " هن ٻڌين جو نوٽ ڪيءَ جي ساڙهيءَ جي پلڻ ۾ رکو . ڪيءَ مرڪي ۽ پلڻ ٻاتو . اِها مرڪ شرارتي هئي .

مون اکيلائيءَ ۾ اِن شرارتي مرڪ جو ڪيءَ کان ڪارڻ پڇيو . چيائين ، " اچنڀاڻيءَ جو مون سان ٻيهڙ موهه آهي پر اِن ۾ مونکي ديديءَ جي پيٽ ۾ ٻاڻ سان ٻڌي رکڻ جي زوردار تمنا ٻڌ آهي ، هن ديديءَ سان منهنجو فون تي ڳالهائڻ ٻڌو ٿو ڏسجي ، تڏهن ته ڪنهن نہ ڪنهن ڪارڻ هو مونکي پنهنجي گهر سان ٻڌي ٿو رکڻ چاهي . "

پوءِ ٻئي منهنجي من ۾ اچنڀاڻيءَ لاءِ همدرديءَ جو جذبو اُپريو .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڪيءَ ٽهڪ ڏنو ۽ چيو، ”ٻن ريساڻن جي وچ ۾ اوهان ۽ ڪلاڪار فائدي ۾ آهيو، گهاڻي ۾ هڪ مان ئي آهيان.“

ڦڪي مرڪ منهنجي چپن تي آئي. ڏيڍ منهي اندر ديديءَ هڪ پروگرام آڇيو- آڇيو نہ، ڪيو ۽ آسانڪي آڇ لاءِ لکيو. لڇپت نگر مارڪيٽ يرسان جهولي لال مندر ۾ چالیهي جو پروگرام هو- منهنجو وچ ۾ هو. هونءَ ان ميلي ۾ مڪاني ڪلاڪار گهرايا ويندا هئا. هن ڀيري ديديءَ پنهنجي پاءُ سندر کان آسانڪي گهرائڻ جو خرچ ڪارايو هو!

مون ڪڪيءَ کي چيو، ”ديدي ٻرن کان وڌيڪ تي آڏامي. هن ضد ۾ موهه جي ڳڏيل ڇڪ ۾ قاسي پنهنجي پاسي پروگرام تہ ڪيو آهي پر آسان سپني کي رهائيندي ڪٿي؟ گهر آئس ٻن ڪمرن وارو، پنڌين آڳڻ کي سيمينٽ جي چادرن سان ڍڪائي ڪمرو بڻائي اُن ۾ ٽرانزسٽرس جي ٺڪڻري وڌي آڻائين.“ اوچتو مونکي ويچار آيو، ”هوءَ ڪٿي صرف توکي تہ پنهنجي گهر رهائڻ واري نہ آهي؟“

ڪڪيءَ کي اِن وچ ۾ ديدي خط ۾ لکندي هئي ۽ هڻتي ۾ هڪ ٻہ دفعو فون تي ۾ ڳالهائيندي هئي.

ڪڪيءَ چيو، ”ديديءَ کي مان سڃاڻان، جي هنکي مون سان موهه آهي تہ هن کي اوهانجو ٻہ خاص خيال رکڻو آهي، اِهو هوءَ چاڻي ٿي. اڪيلي هن وٽ مان ۾ نہ رهنديس، اِهو مان ۾ ٿي چاڻان، هوءَ ۾ ٿي چاڻي. ها، ڪلاڪارن کي شايد پاسي ۾ ڪٿي رهائي ۾ رکندي هجن کي ٻہ سکيو.“

اِها دعا مونکي ۾ دل سان لڳي.

ديديءَ ٺڪڻريءَ وارو ڪمرو خالي ۽ صفا ڪرائي اُن کي ٻن پلنگن وارو بيڊ روم بڻائي ڇڏيو هو- منهنجي ۽ پنهنجي ٻڍيءَ لاءِ، ٻٽ بابيءَ جي سمهڻ لاءِ فولڊنگ پلنگ جو انتظام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کیو هئائین ۔ رات جو ڊرائنگ روم م وڃھ لاءِ ۔ پنھنجي بيڊ روم م ڊبل بيڊ پلنگ کانسواءِ ڏيءُ سيما جي سمھڻ لاءِ سيٽي ۽ وڇھائي ڇڏي هئائين ۔ ڪلاڪار لاءِ پراري گھر جو ھڪ ڪمرو ولي اُن م فولڊنگ ٽي پلنگ ، سينٽرل ٽيبل ۽ فرج وڇھائي ڇڏيو هئائين ۔ ۽ فرج م وسڪي هئي ، بيئر هو ۽ سوڊائون ڏھيون !

مون ڏھي ٽيئي چيزون ڪلاڪارن جي فرج مان ڪڍائي ڇڏيون ۔ ورھيه اڳ ناڳپور جي ڪوڙي آزمودي کانپوءِ مون ڪلاڪارن کي پروگرام کان اڳ نه چا ، پروگرام واري ڏينھن تي نه وسڪيءَ کان واڃھي رکيو ۔ ھت تائين پروگرام بعد ماني ڪلاڪار ۽ ميزبان جا گھر وارا گڏ کائڻ وارا ھئا ۔ وسڪيءَ جو دؤر نه گڏ ھلي سگھيو ٿي ۔ بيئر تائين مون پروگرامن جي دؤران م ڪلاڪارن کي ٻيڙھ ٿي نه ڏني ، گلي خراب ٿيڻ جو انديشو رھندو ھوم ۔ ۽ جي وسڪي نه ھجڻ ڪري ھئي نه فرج م سوڊائون جا ڪرٽ واريون ڏھيون !

اچنڀائي اسانکي اِسٽيشن تي ونڻ ۽ ڇڏڻ آيو ۔ پروگرامن م نه ڪھڻي پاسي م ويندو ۔ ٽين۽ رات پنھنجي گھر وڃي ھليو ۔ سڀي مھمانواڙي ڪيائين ۔ راجوڙي گارڊن ۽ لڇپت نگر وچم ٽنگاٽولي نه ٽيو پر پاھران ڏسڻ خوش رھيو ۔ پر ھن نه ڏيڻيءَ وٽ ڪاڏو ۽ نه ڏيڻيءَ کي پنھنجي گھر گھرايو ۔

پوءِ نه ڪڪيءَ ۽ مون ھڪ ڪيو جو لڻي ٻڌي پنھي جي پاڻ م ۽ پنھي ماڻ اسانجي سڪ جي رھجي آئي ھئي !

ھا ، ھڪ گالھه ٻيءَ جو نه ذڪر ڪري ڇڏيان :

جڏي اچنڀائي مونکي ۽ ڪڪيءَ کي پروگرامن جي سلسلي م ھڪ ٻئي جو پورائو سمجھندو ھو تڏي ڏيڻيءَ تي اثر ويڻ ھو تہ آواز ڪڪيءَ جو ھو ۽ ماڻ ان آواز جي بدولت پنھنجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رعب جمائيندو هوس ؛ ڪيءَ جي ڪنهن وقت ماستر هجڻ جي ناتي هنڪي شرڌا جو فائدو ونندو هوس . هن آسانڪا خانگي پروگرام ڏنا ۽ ٻڌا هئا ، جتي مون ظاهري ڪجهه نه نڪي ڪيو ؛ صرف سميلن ۾ ان ان قسط ۾ پروگرام ڏنا هئا. آڻي ته سڀني ٽولين جي پروگرامڪي انائونسمينٽ مون ڪئي هئي . هوءَ ڪلاڪار منڊل ۾ منهنجي اهميت ڪٽڻ کان قاصر هئي . هن ڪيءَ کي ٻڌايو ، " دادا جو ايڏو رعب ڇو ٿي سهين ؟ "

ڪيءَ کلي چيس ، " جو مان حڪم جي بندي آهيان . " ٻوءِ گنڀير ٿي چيائينس ، " وقت ايندو جو ٿون پاڻ صحيح حالت سمجهندين . " ڪيءَ مونکي اهو ڪي ٻڌائيندي گويا دلجاءِ ڏني هئي . " جئن جئن ويڇهائيءَ تان ڏسندي ، اوهان جي اهميت سمجهي ويندي . "

مونکي ديدي جي رائي جي گهٽي پرواهه نه رهي ، ٿورو وقت اڳ ڪيءَ جي زباني ئي مونکي ڪملا ڪيسواڻيءَ جو سرٽيفڪيٽ مليو هو ، هن ڪيءَ کي احمدآباد ۾ ريڊيو سماروهه جي دوران ۾ ڳالهين ڳالهين ۾ چيو هو ، " من ، ٿون پروگرام ۾ ڪندي ڇا آهين ؟ پروگرام پوليندو دادا مالهي آهي ، آرگنائيزن کي منهن دادا ڏيندو آهي ، پٽ ندڙن جي چاهه جي پرکه هوڻ ڪندو آهي ، گيت هو چونڊيندو آهي ، اُنهن جي ڳائڻ جي مهل ۾ هوڻ ئي فيصل ڪندو آهي ... "

ڪيءَ چيس ، " گيت ڳولهيندو به مالهي آهي ، انهن جون ڏنون به مالهي ٺهرائيندو آهي . مان صرف ڳائيندي آهيان ... "

ڪنهن ٻئي جي سرٽيفڪيٽ کان و ڏيڪ ڪيءَ ڪلاڪارن کي منهنجي اهميت جي خبر هئي - منهنجي لاءِ اهو ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪافي هو. مونکي اهو به سنتوش هو ته هڪ خاص مقصد لاءِ ڪلاڪار منڊل هلائي رهيو آهيان.

لڇپت نگر جي پروگرام جي سلسلي ۾ پنهنجي گهر ۾ ٻڌي ڏينهن ريهرسل ۽ پروگرام ڏسي ديدي دنگ رهجي ويئي.

هن ڪڪيءَ کان منهنجي منهن تي اڄ پڇيو، "منهنجي دادا نه هجي ها ته تون چا ڪرين ها؟"

ڪڪيءَ مون ڏانهن نهاري مرڪيو، پوءِ اکين ۾ شرارت ڀري چيائين، "مون اڳ ۾ ان سوال جو جيڪو جواب مالهيءَ جي دوست کي ڏنو هو، سو توکي به اڄ ڏيان؟" "رنڊڪي ۾ ويهي لولا پچائيندي رهان ها." هن دل سان ٿهڪ ڏنو.

سچ پچ ديديءَ جو رخ بدلجي ويو. هوءَ گويا منهنجي احسان مند رهڻ لڳي جو مون هنجي پيار جي پاڻ کي عرش تي پهچايو هو. لهه وچڙ وڌندي هوءَ مونکي سڳن پائڻ کان ۽ وڌيڪ عزت ڏيڻ لڳي.

لڇپت نگر جي پروگرام کان مهنو پوءِ اچنتاڻيءَ کي پوٽو ڄائو. هن ڪيڏن نه ٻڌيءَ ۾ سيڪنڊ ڪلاس سليپر رزرو ڪرائي اسانکي گهرايو. رهايو اڳيئن جيان ڪڪيءَ ۽ مونکي پنهنجي گهر ۾. ڇٽن ته هنڌا سيٺ ۽ ٻيا گي عزيز نه آيا ٽئن ڪلاڪارن جي رهائش جو بندوبست پاسي ۾ هڪ گهريچ ۾ ڪيو. ديديءَ کي هن دعوت ڏني ته آڻي نه سگهيو. هن فون تي ڪڪيءَ سان ڳالهائڻ جي دوران ۾ اچنتاڻيءَ کي نه پوٽي جائي جون واڌايون ڏنيون. پروگرام ٽي رهڻ بعد ديديءَ مونکي فون ڪئي، "ياد اٿو، ڪڪيءَ جي بدايل سٽاءَ موجب اوهان سڀاڻي جي رات مون وٽ هجڻ ڪجو." پروگرام اسان منڊهند جي مانيءَ کان اڳ ڏيئي ويو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون چيومانس، "سو ته نيڪ ٻر اچنڪاڻيءَ سچائي جون واپسي ٽڪيٽون بوڪ ڪرائي چڏيون آهن. هن جو چوڻ آهي ٻرينهن اربين جون ٽڪيٽون ملهس ڪونه."

ديدي چيو، "ٽڪيٽن جو ڏوهنجو. ٻه راتيون وڌيڪ رهو..."

مون چيو، "مان ڪيءَ سان صلاح ڪري ٿوريءَ ديرم موٽ ٿو ڪريان."

ڪڪي ڳالهه سمجهي ويئي ته ديدي واعدي جي وفائيءَ جي تقاضا ڪئي آهي. چيائين، "اوهان انصاف ڪندا آهيو، انصاف جي تقاضا اها آهي ته هڪ رات هن وڌ رهڻ ڪهي."

"رهڻ ڪهي، موٽڻ جي رزرويشن بنا؟" مون پڇيو.

اچنڪاڻي مون اڇي ڪانوني هال ۾ ويٺو هو. چيائين، "جي هوءَ ٽڪيٽون رزرو ڪرائي سگهي ته پل رهو، مونکي اعتراض نه ٿيندو. سچي ڳالهه اها آهي، مونکي ٻرينهن جون ٽڪيٽون نه ملنيون. آئر سان گڏ ڏڪڻا ڏيئي مون جئن تئن سڀان جون ٽڪيٽون ورتيون آهن."

مون چيو، "هوءَ ٻن راتين جي گهر ٽي ڪري ۽ ٽڪيٽون رزرو ڪرائڻ جي جوابداري ڪڍي ٽي."

اچنڪاڻيءَ ٻنهڪي سچائي ثابت ڪرڻ لاءِ چيو، "جي ڪري ته اوهان پل هن وڌ هڪ ٻ ڏينهن رهڻ قبوليو. پر هوءَ ٽڪيٽون رزرو ڪرائي نه سگهندي."

مونکي هڪ ڳالهه جي پڪ هئي، استري برش کان موهه ۾ ٻه وڌيڪ پختي آهي ته اُن جي سرانجاميءَ ۾ ٻه وڌيڪ پختي آهي. هوءَ ويهن ڏينهن جو زور ضرور لڳائيندي.

مون وري ٻه ديدي ٿي ڪيو. مون شرط وڌومانس،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"شام تائين رڑو ٽڪيٽون منهنجي هٿ ۾ ڏي. اسان ٻه راتيون تو وٽ هونداسين- مان، ڪڪي ۽ ڪلاڪار. زور ڏيئي چيم، "سپ."

هوءَ شام کان اڳ ئي ٻه ٽڪسيون ونيءَ آڻي سهڙي. هڪ ۾ سامان ۽ پيٽس ڪملا، بيءَ ۾ ڪملا جو گهوٽ لچمڊاس، هيمان ئي سڏ ڪري ٽڪيٽون مونکي ڏيکاريائين، چيائين، "اچو."

مون چيومانس، "پهرين مٿي اچو."

اچنڊاڪي ٻه بالڪنيءَ ۾ اچي ڇڪو هو. چيائين، "پائرن جي هلندي پڇندي هلائي هوندائين."

ٻوءِ ديديءَ جي دل ۽ دوراندیشيءَ جي خبر پيئي. هن اسان جي اچڻ کان اڳ ئي اچنڊاڪيءَ کان اسانجي واپسي ٽڪيٽن جو پڪيو هو ۽ ويستن جو اثر هلائي ٽڪيٽون رڑو ڪرائي رکيون هيون!

مون دل ۾ چيو، "ديديءَ جهڙي عورت! تنهنجو جواب ناهي."

ٻئي ڏينهن ديدي ٽن ٽڪسين ۾ پتيءَ، پٽ ڏيءُ، پيٽ پيٽوائي، پاڻيجي پاڻيجيءَ، مونکي، ڪڪيءَ ڪلاڪارن پنهنجي پائٽئي، پرڪاش جي پٽ راجن - هيڏي ساري ڪٽڪ کي ونيءَ هلي هريانا جي سورج ڪنڊ ۾ - پڪنڪ تي، پاڻ، ڪڪي، مان، راجن ۽ پيٽويو لچمڊاس هڪ ٽڪسيءَ ۾ هڪاسين. لچمڊاس، راجن ۽ منهنجي وچ ۾ گويا بيٺ پيٺ جي شرط شروع ڪرائي ڇڏيائين. سورج ڪنڊ پهچڻ تي، ويجهو ڪو پروگرام نه هجڻ ڪري ڪلاڪارن سريندر ۽ جهامن ٻه ڏوڻي پيتو. ميوي منائيءَ ۽ فرسان جا ٻه ٽوڪرا پرائي هلي. ڊنڊ ۾ پيڙيءَ جو سٽر ٻه ٽيو، گانو ڀجانو ۽ ڊانس ٻه ٽيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

" ٻڙيءَ وارا ادا ڙي مهاڻا. " سيني گڏجي ڳاتو-
مون سميت.

ديديءَ اچنڀاڳيءَ کي ٻه دفعا گڏ هلط لاءِ چيو، پهرئين
دفعي هن چيو، " اڄا کي مهمان رهيل آهن، هنن کي
ڇڏي هلط ٺيڪ نٿو سمجهان." ٻئي دفعي ساڳي ڳالهه دهرائي
چيائين، " هڪ گڏ ٿائيبر. "

اسانجو وقت ته ڪافي سٺو گذريو. وچ وچ ۾ مونکي ويچار
ٻئي آيو، " ڪاش، اچنڀاڳي هجي ها. " هڪ دفعو ٻڙيءَ
ڪيءَ کي چيم. هن ڏاڍيان چيو، " اڇي ها ته ڪيس ٻه
ڏور اڇي ها، اسان ٻه وڏيڪ اينجاءِ ڪريون ها. " هوريان
چيائين، " هن ريسارٽ ۾ هڪ ڪڙو ٻڌي سگهي ها.
مان ٻه آزار ۾ هجان ها. "

مون ٻڌ هوريان چيو، " مهڻجي ٽوسان همدردي
آهي. "

هن چيو، " حل ٻه ته نڪا ڳولهيو. "

" واپس گوبندرام پنهي مل وٽ هلي رهنداسين ... "

مون گوبند کي، جيترا پيرا ٻڌ ديديءَ آيا هئاسين، فون
تي " هلو هلو " ضرور ڪئي هئي.

ڪيءَ چيو، " اهو هاڻ ممڪن نه آهي. اهو ڪن ٻين
غلطفهمين کي جنم ڏيندو. "

ديديءَ کان اسانجي سس پس نڪل نه رهي. چيائين،
" ناراض آهيو ٻئي ! اچنڀاڳيءَ کي ٽڌ مون ٻڌ پيرا
فون ڪئي. "

ڪيءَ ڏهه ڦهه چيو، " ڳالهه هڙ ماسترس وائس جي
رڪارڊنگ جي آهي ... "

مون دل ئي دل ۾ ڏڏي ٿي عقل اچط لاءِ ڪيءَ کي ڇيهو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچ ۾ گرامافون ڪمپنيءَ جي رڪارڊنگ جو مسئلو بہ آڏو هو. مون ووڪل ڪلچر بچائڻ لاءِ ڪلاڪار منڊل جي سنگيت گروپ کي چست ڪيو هو. ۱۹۶۳ع ۾ جي ڇڻور سميلن بعد سنڌي ووڪل ڪلچر بچائڻ جي ذريعن ۾ ڇڪي وسعت آئي هئي. سنڌي فلمون ريلز ٿيندي رهيون، هز ماسٽرس وائس رڪارڊ نڪرڻ شروع ٿيا هئا ۽ پروگرامن جو انداز بہ وڌندو ويو هو. انهن سڀني ۾ ڪي ٻين ڪلاڪارن کان اڳري رهي هئي - انداز ۾ خواهہ لوڪ پريم تا ۾، هرهڪ نڪرندڙ سنڌي فلم ۾ هڪڙو آواز لازمي بڻيو هو. گرامافون ڪمپني بہ سنڌي رڪارڊ نئين سر ڪڍڻ لڳي هئي. ڪملا ڪيسواڻي، مهيش چندر، راڻي گدواڻي، شيام لالا ۽ ٻين جا رڪارڊ نڪتا هئا. شروع شروع ۾ مون سي. ارجن کي چيو هو تہ رڪارڊن لاءِ سنگيت ڏي. هن کي هڪ فلمي سنگيتڪار طور اها ڳالهہ نہ آڻڻي هئي. مان ٻنهڙي فلم ۾ مشغول ڏي ويس، اُن جي مار کائڻ بعد پروگرامن ۾ ان وچ، گورودن پارٽيءَ سي. ارجن کي مچارائي ڪڍي ۽ ستارام جا بہ اي. پي رڪارڊ پسرايا - هرهڪ ۾ بہ گانا ۽ چار ٻي مذاقي. رڪارڊ خوب هليا، ڪڍيءَ کي بہ سٺي رائلٽي ملي. مان راضي نہ هوس. مان اسٽيج پروگرامن ۾ ٿي مذاقي گيتن جو انداز گهٽ ڪرڻ لڳو هوس. صرف مذاقي گيت تہ سنڌي سنگيت جو صحيح درشن ڪرائي نٿي سگهيا. گرامافون ڪمپني جي رڪارڊنگ مئنيجر مرڻي مهرهر سروپ کي ڪهن اها ڳالهہ ٻڌائي. مونکي گهرايائين، مون چيومانس، "ڪڍيءَ جي آواز کي مان وسعت خواہ گوناگونيت ڏيندو رهيو آهيان - صرف مذاقي گيتن لاءِ اُن جو استعمال مونکي اڌورو ٿو لڳي. هن چيو، "پل گهڻيرو گيت ڳولهہ، سنگيت لاءِ سي. ارجن کي چئبو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِن کانپوءِ گرئمو فون ڪمپني ڪيءِ جي آواز ۾ گنيمر گيتن طرف متوج ٿي. موٽ ضيا جو "ساجن ۽ سجني" پرپوفا جو، "سهڻي سپاجهي" ، "نوري نماڻي" اِهي ٻه دوگانا اي. پي ۾ ڪيءِ ۽ ستارا ڪان ڳايرايا. ٻيءِ اي. پي ۾ گرشن راهيءِ جي "لولي" ۽ "اوراڙو" ڏنو. اِهي رڪارڊ ٻ ڪافي هليا. گورڻ ٻه ڇوليا لعل گيتن جي اي. پي ۾ هڪ پاسي مهيندر ڪپور ۽ بئي پاسي مهيندر ۽ ڪيءِ جي آواز ۾ گيت ڏنا.

مرلي منوهر مونکي چيو، "اِهو رڪارڊ مهيندر ڪان وڌيڪ پگونتيءِ ڪري هليو آهي." انهن ڏنهي اي. پي ز ۾ سنگيت سي. ارجن ڏنو. سنگيت ڪار طور سي. ارجن ڪافي ڪامياب رهيو. اِن ڪري هوءِ سنگيت ڏيندو رهيو. هڪ وڌيڪ اي. پي ڪلامن جو گورڻ پارتيءِ جي گيتن جو ٻه نڪتو. اُن ۾ ڪيءِ سان ستارا جو آواز ٻ هو، اِهي مڙيئي رڪارڊ چگا وڪاميا. ٻوءِ مرلي منوهر مونکي گهرائي چيو، "مالهي جي، هاڻي مهرباني ڪري ڪي لاڏا ڳولهه. اسان سپر سيون سيريز ڪڍيون آهن. اي. بي ۽ ايل. پي وغيره، ۽ پگونتي جي نه سندي لاڏن جي واڌي مڃي وڃي ٿي. اڄ مون تنهنجي گنيمر گيتن جي ڳالهه مڃي، هاڻ تون صبح، لاڏا چونڊي ڏي."

اِن سپر سيون جي رڪارڊنگ ڏهيءِ مان اڇا بعد ٿي. ٻه لاڏا راهيءِ جا، ٻه لاڏا موتي پرڪاش جا ۽ هڪ بوٽي هيرانندائيءِ جو.

ڪيءِ ڏيڊيءِ سان سورج ڪنڊ ۾ اِن سپر سيون رڪارڊ طرف اي اِشارو ڪيو هو.

مارچ ۱۹۷۴ کان مارچ ۱۹۷۵ ۾ سميلن جي پروگرام کانسواءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇھ ڀيرا اسان ڏھليءَ ۾ ٻاڏرا ڪڏيون. ڏي پروگرام اچڻ ٻاڻيءَ جا ھڪا ۽ ڏي ڏيڻيءَ جا. مارچ ۱۹۷۵ واري پروگرام ڇيڙي ڇڏ جو پروگرام ھو. ڀوريون دفعو راڇڏاڻيءَ ۾ سنڌين ڪرول باغ جي اجمل خان پارڪ ۾ ڇيڙي ڇڏ جو پروگرام رکيو ھو ۽ وڏي ڀڳماڻي تي. ان کان اڳ ڏھليءَ ۾ سبزي منڊيءَ ۾ چالھي جو پروگرام شاھي ڀڳماڻي تي ٿيندو ھو. اسان اُن ۾ ٻہ دفعا اڳ ڏي پاڳ ورتو ھو ۽ گوبندرام ڏنڀي مل جي گھر مھمان رھندي. گوبندرام ان ميلا ڪاميٽيءَ جو ڇيڙمن ھو. ھن ڇيڙي ڇڏ جي ميلي جا مکيہ ڪاريہ ڪرتا ھڪا ۽ انڊور جي ديپڪ جو ٻاڻ ڪوڏواڻي ۽ پوڃراج ڇمناڻي، جو ڇوولي لال جو شيوڪ ھو ۽ ٻيڙين جو وڏو واپاري ٻہ ھو، دل وارو ٻہ ھو ۽ سنڌيت سان ٻہ پيار ھوس. ھنن مکاني سنگيت پارٽيون اڳ ٻولين ھيون، مان سمجھان ٿو ھنن جيوڻ گرسھاڻيءَ جو ايڪانڪي ٻہ رکيو ھو. ان پروگرام جي اوڳڙ جي سلسلي ۾ مکيہ ڪاريہ ڪرتائون ڏيڻيءَ وٽ وڃي نڪتا ۽ ھن ڇھ ڇين- "ڀگونتي ناواڻيءَ کي ڇو نہ ٿا گھرايو؟" پوڃراج ڇيو، "ٻڌو آھي، ڀڳسا تمام گھٽا ونندي آھي." جواب ڏيڻيءَ نہ، ھن جي جوڙيدار ڏنو، ڇيائين، "پروگرام ۾ ڀگونتي ناواڻي بوليندي ڪانھي. ھرتا ڪرتا گوبند مانھي آھي. ھن بابت منھنجي ٻاڻ ديپڪ جو چوڻ آھي تہ ڀڳسن جو موڊ ڪونھيس. گروپ ھلائي ڏي سنڌيت جي سڳنڌ ڦھلائڻ لاء ٿو. مان اڄ ڏي ديپڪ کي لڪانڻو نہ مانھيءَ کي اسانجي پروگرام لاء مڃائي." پوڃراج ڇيو، "ڀر ھنن کي رھائبو ڪڏي؟"

ڏيڻيءَ ڇيو، "اھا جوابداري مان ڏي ڪڏان. ڇڪو تہ دادا مانھيءَ سان فون تي مان ڏي ڳالھايان. ڇڪو تہ مان ھيڻڙ ڏي دادا سان ڳالھايان." انڊو گھري ھڪ اکي، ھنن کي ٻہ ڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مليون. ڪوڏواڻيءَ چيو، "نيڪي ۽ پاڻ پاڻ ! پر پيتا ۽ رعايت ڪرائي ڏجو." ديديءَ فون ملائيندي چيو، "پيتا لاءِ اوهان ٻاڪ ڳالهائجو."

آرتوار جو ڏينهن هو، اُهو. ديديءَ فون ملايو، مان ٻڌڻ ٻڌڻ ٻڌڻ

ٻه لڳي هئي ، راءِ جوڙڻ ۾ لڳي هئي ۽ ويچار ظاهر ڪرڻ ۾ لڳي هئي.

اوچتو وڏيڪ گنهيڙ ٿي چيائين ، " رهنداسين ديدي ۽ وت ، ڏکي اچنڪاڻي ٽيندو ؛ مونکي ارمان هن جي ڪري آهي . هوءَ ٽمگا ٽولي ٽيندي ۾ دل ڪري خوش نه رهندو ... "

پر ڏهليءَ ۾ اچنڪاڻي مونکي رضا تي راضي لڳو. ڪڪي خوش ٿي ، پڇيائين ، " اوهان هنکي پرپوڙ ڏنو- خط ۾ يا روبرو ؟ "

" نه " مون چيو ، " پرپوڙ ته نه ، هن وشيه تي هن سان بات چيت هاڻي ڪرڻ وارو آهيان ، هوءَ ٽوروڪ گهٽو پاڻ ۾ صورت حال سمجهڻ لڳو آهي ... "

ديدي ۽ اچنڪاڻي ۽ جي من ۾ آيل قيري جو فائدو ورتو ، پروگرام جي ٻڌي ڏنهن رات جو مونکي ۽ ڪڪيءَ کي اچنڪاڻيءَ سان وڃڻو هو ، اڳ جي سڏاءَ موجب . عين موقعي تي اچنڪاڻيءَ کي چيائين ته " جي صرف دادا اوهان وٽ هلن ته ؟ "

مون سمجهيو ، اڇو ٿو جواڪي قاڻي ۽ لفظن جو پيٽ ٻري . اچنڪاڻيءَ جي منهن جو ٻنو لهي ويو . هن جا چپ ۾ ڦڙڪيا ، پر اڳاڪ رهجي ويو !

ڪڪي ٻڌي ڪمري ۾ هئي ، اهو ٻه جاڻي ته ديدي ۽ ڪڪيءَ کان پڇڻ ٻڌائي اچنڪاڻيءَ سان ڳالهايو هو . مان ڪڪيءَ کي سڏاءَ تي عمل ڪرڻ جي صلاح ڏيڻ لاءِ گوچ تان اڻيس مس ته اچنڪاڻي اڏي ڪڙو ٿيو ، مون سمجهيو ، هوءَ مونکي ٻه ساڻ وڃي نه ويندو . پر هن چيو ، " دادا ، هلو . توهان ۽ مان ٽا هلون ، دادي ڀل هت رهي . "

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڪڙڻ جي وڳي ڪپڙا لاءِ ڪيءِ وٽ ويس. هن ٻنهنجا خواه مٿنجا ڪپڙا ٽوالن ۾ ويڙهي هٿ ۾ جهليا هئا. هوءَ سواليءَ نگاهن سان مون ڏانهن ڏسي رهي هئي. هن ڊرائنگ روم جي وڪاري ڏني بڊي هئي. مون هوريان چيو، "ڏيدي ڪي ائين ڪرڻ نه ڪپي." ڪيءِ چيو، "ڏيدي چا ٻه ڇوي ۽ سمجهي، مان اوهان سان هلان پيئي ..."

اچنڀاڻي پهريون دفعو اندرئين ڪمري ۾ آيو ۽ چيائين، "دادي، اوهان پريشان نه ٿيو. هت رهو، ڏيدي جي خوشيءَ ۾ منهنجي خوشي آهي." ۽ هن جي چون تي هئي - مرڪ.

اُن ئي رات .....

ڏيدي جي گهر ۾ ڪيءِ ۽ ڏيدي وچ ۾ جهڳڙو ٿيو.

۽ اچنڀاڻي جي گهر ؟

اچنڀاڻيءَ وسڪيءَ جا ٻه گلاس ٽپائي ٽي آڻي رکيا. هڪ گلاس هٿ ۾ کڻي مٿي جهلي چيو، "دادا ! چيئرس. ٽو دي سڪسيس آف يور لائيف مشن ..."

هوءَ ٻيئو مرڪي رهيو هو.

مون ٻه گلاس کڻي چيو، "چيئرس."

مان پڇڻ چاهيو - "هيءُ ڪيئن آيو ؟ دل جو ڪيرو آهي يا زبان جو ؟" پر سٽ نه ساريو.

هوءَ منهنجي سامهون ڪرسيءَ تي ويهي ويو. چيائين، "دادا، مونکي رضا تي راضي ٿيڻ ڪنهن سيکاريو ؟ دادي ڏاڏي پگونتيءَ !"

پگونتيءَ ! ڪڏهن ! ڪيئن !

هوءَ چوڻ لڳو، "مون موهه وس هنکي کافي پريشان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کیو. ”ہی هفتا اڳ خط لکیومانس، ”پروگرام بعد دادا ۽ توهان مون وٽ رهجو. مان اوهان ۽ دادا کي ضرورت پيئي ته فرسٽ ڪلاس ۾ يا هوائي جهاز ۾ بمبئيءَ موڪليندس.“ هن نندڙو خط لکيو، اوهان سان ڳالهائڻ بنا، ”مان اوهان بن جي ريس جي چٽاپيٽيءَ کان بيزار آهيان. دهليءَ اچڻ ني دل ئي نٿي ٿئي. ڪو وقت اچي، اسين دهليءَ جا پروگرام ئي نه ڪٽون.“ منهنجون اکيون ڪلي ويون. ٻاڻ کان پڇيم، ”اهو موهه ئي ڇوڙو جو اڳلي کي بيزار ڪري؟ ۽ دهليءَ نه اچڻ جي اشاري مونکي اهو به محسوس ڪرايو ته منهنجي ۽ موهنيءَ جي ايرڪا ڪري دهليءَ جي سنڊي جيتا دادي‌ءَ جي آواز کان ۽ سنڊيت جي هڪاءَ کان ڇو واڇهيل رهي؟“ هن ورڻ مرڪيو ۽ چيائين، ”اوهان ڏي نه ڇوندا آهيو، مڙيو سو جڙيو.“

اسان ٻيو ٻيگ ڪڪيءَ جي آواز جي سلامتيءَ جي دعا ٻڌندي ٻيڻ شروع ڪيو.

صبوح جو ديديءَ مونکي چيو، ”دادا، ڪڪيءَ کي سمجهايو نه، هوءَ رات کان رڻي ويٺي آهي.“

اچنڊاڪي مونکي چڊ آيو هو. پاسي ۾ ٻيٺو هو، ديديءَ کي چيم، ”پوءِ اهڙا ڪم ڪرين ڇو ٿي؟ ...“

هن جا هٿ سڄ ڪنن طرف کڄي ويا، چيائين، ”مون توبهه ڪئي.“

مون دل ئي دل ۾ شاباس ڪڪيءَ کي ڏني. هن شرڪان کي صحيح راه تي آندو هو. مون کلي چيو، ”ڪڪي رسندي به آهي، اها شروعات به هن هٿ ئي ڪئي ئي ڏسجي. آهي ڪٿي؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڪي ٻن هٿن مر ٻه چانهه جا ڪپ ڪٽي اچي وارد ٿي.

ديدي ٻاهوڙجي ويئي: "شنيو ڇا مري ويو آهي جو تون ٻاڪ چانهه ڪٽي آئي آهين."

ڪڪيءَ ٻنهنجي انوکي مرڪ مرڪي چيو، "گهر مر ڇا مون وٽ ڪو شنيو وينو آهي..."

"هت نه راڻي ٿي رهه نه."

"مان هن بعد ڏهليءَ وري اچڻ واري نه آهيان."

اچنڀاڻي ان وچ چانهه جو هڪ ڏڪ پري ڇڪو هو. چيائين، "دادي اوهان نه بيزار ٿيو نه ڏهليءَ وارڻ جي ڳالهه ڪريو. مون اڳ ئي هٽ مٽي ڪيا آهن."

"مان ٻه ٿي ضد ڇڏيان نه."

"ڪلاڪار ڪٽي آهن؟" مون ڳالهه بدلائڻ لاءِ پڇيو.

جواب ڪڪيءَ ڏنو، "ويا آهن چانڊني چوڪ تان خريداري ڪرڻ. آج ڊيلڪس ايڪسپريس مر هلڻو آهي. منڊهنڊ تائين موٽي ايندا."

اچنڀاڻيءَ کي ٻه شرارت سڇي، چيائين، "موهني ديدي، سپاڻي جون ٽڪيٽون گهراءِ نه."

"دادا ـ ڪڪي مڇن ته مان سپاڻي لاءِ ٻني جون هوائي جهاز جون ٽڪيٽون گهرايان."

ڪڪيءَ چيو، "مالهي سڀني ڪلاڪارن لاءِ سفر ۽ سهوليتن مر هڪجهڙائيءَ جو حامي آهي."

درحقيقت رواجي طرح هوءَ ٻه مون سان اڙ سلسلي مر سهمت هئي. ڪڏهن ڪڏهن حد ڪان وڌيڪ ٽڪل هڻڻ ڪري چاهيندي هئي ته مان هنجي چوڪري هڻڻ جو لحاظ ڪري هنکي بهتر سهوليتون ميسر ڪري ڏيان پر عين وقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي هوءَ ڪلاڪار سان گڏ سفر ڪرڻ ۽ رهڻ چاهيندي هئي، جتي منهنجي زندگيءَ جا الاهي تضاد هئا، هن جي ٻوران تضادن ۾ اهو به هڪ هو.

ايتري ۾ ديديءَ جو نند و ياءُ گيان اچي ڏمڪيو. چيائين، "دادا، هڪ ويٺي آهي، اُميد ته نراس نه ڪندا."

مون چيو، "ڇڏو."

"سچاڻي مون وٽ جگجيت سنگهه چترا جو پروگرام آهي. اوهان چاڻو ٿا ته غزلن بڻط لاءِ ٽيسٽ ڪريڊيٽ ڪرڻي پوندي آهي. سندس جو خيال آهي ته ڏنر کان اڳ اوهانجو پروگرام ٿئي ۽ ڏنر بعد جيڪي غزل بڏي اينجاءِ ڪن، اُهي ٽرسن، بيا پل درنڪس ۽ ڏنر بعد هليا وڃن. درنڪس غزلن جي دؤران ۾ به هوندا."

وچاڻي پائر ۽ پيغر - سپ سنگيت جا شائق هئا، مگر صحيح معنيٰ ۾ سنگيت جو شيدائي گيان هو. هن جي گهر ۾ ديڪ هئي ۽ ميوزڪ ڪٽ به هئي. رڪارڊن ۽ ڪئسيٽن جو ڳاڻاٽو نه هو. مشهور هو ته جگجيت سنگهه کي ٻهرين لٽت گيان ڏني هئي.

مون ڪڪيءَ ڏانهن نهاريو. هن اکين سان چيو، "جيڪا اوهان جي مرضي."

مون چيو، "ٺڪيٽون!"

گيان چيو، "اها چنتا مون تي ڇڏيو. ٽن ڪلاڪارن جون فرسٽ ڪلاس جون ۽ دادا ۽ ديدي پگونتيءَ جون هوائي جهاز جون سچاڻي شام تائين اوهانکي ملي ويندیون پريشن جون."

مان چوڻ وارو ئي هوس، "اهو پيد پاور چو؟" پر ڪڪيءَ جي ٻورو اڳ واري ڳالهه بڏي چپ رهيس.

گيان ڳالهه چيو، "مان جگجيت - چترا ۽ ديديءَ پگونتيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچ ۾ فرق وجهڻ نڏو گهران. جيڪي ٻڌسا هن جي باجي تي آيا، اُهي هنڇا، جيڪي ٻڌسا اوهان جي منڪي ۾ پيا سي اوهانجا. هنن ٻن لاءِ هوائي جهاز جون ٽڪيٽون آهن ۽ سنگت ڪندڙن لاءِ فرسٽ ڪلاس جون، ساڳي ڳالهه اوهان سان رهندي."

مان ڪجهه چوان ئي چوان تہ ديديءَ چيو، "ڪلاڪارن جون پل ٻرينهن جون گرائج. دادا ۽ ڪيءَ جون ارينهن جون." شايد منهنجي اعتراض وٺڻ جو اونو ٽيس. چيائين، "ٽرين ۾ ٻہ ارينهن ئي پهچندا نہ."

مون چيو، "ٺيڪ آهي."

ديديءَ جي خوشيءَ کي پر لڳي ويا. چيائين، "ان خوشيءَ ۾ رات جو کانو موئٽ هوٽل ۾ کائينداسين، سڀ جو سڀ : اچنتاڻي، اوهان ٻہ."

اچنتاڻيءَ چيو، "ان لاءِ معاف ڪج. ڏينهن هو ڪنهن ڏينهن ..."

ڪيءَ چيو، "اَڄ چو ڪين؟ هونءَ ٻہ اسانکي ڇڏڻ هلو ها تہ منجهند جي مانيءَ هت ئي کائو ها." اچنتاڻي مڃي ويو.

سڀاڻي تي ٻئي پروگرام ڪامياب ويا، زالن، ٻارن ۽ ٻڍڙن اسانجو پروگرام پسند ڪيو، جوانن ۽ ڪڙوڙين کي غزل وڌيڪ راس آيا. ۽ ٻئاءِ ٻہ غزلن تي وڌيڪ چيو. ڪيءَ چيو، "اسانجي سنت ٻڌسن تي گهٽ آهي." گيان کو ڪٽي پر ۾ ٻينو هو، چيائين، "دادي، اوهان نالو گهٽو ڪمايو آهي، ناڻي کان نالو وڏو. جگجيت کي ٻہ اوهانجو آواز وڻيو. چيائين، هنديءَ ۾ ڳائي تہ ڦهر ڪري."

ڪيءَ چيو، "پوءِ مالهيءَ جي سنڌيت جو ڇا ٿيندو؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون ٹوڙو بگڑجي چيو، ”صرف منهنجي سنڌيت آهي؟ تنهنجي ڪجهه نه لڳي؟“

هن موقعي جي نزاڪت سمجهي چيو، ”ساري، مان به پنهنجي ڳالهه جو مقصد سمجهڻ لڳي آهيان ...“

جتي جگجيت جي وڏيڪ ڪمائڻ جو اسانکي ارمان نه ٿيو، تتي سال سوا پوءِ ٻيءَ م اُن جي اُبتڙ ٿيو.

گيان ويستن جي ٻاهمي برانچ سنڀالڻ لاءِ پريزيڊنٽ هوٽل پنهنجان ڪڍ پريڊ تي ”سنيتا“ بلڊنگ م اچي مقيم ٿيو. ديدي پنهنجن ۽ ڪملا جي ٻارن سان اُتي آئي. هفتو ڏيڍ رهي، ٻاڻ کي وري ٻه ٽي پروگرام اڳيان پنهنجان رکڻ لاءِ چيائين، هن ادلي بدلي ڪئي. پهرين جگجيت چترا، پوءِ اسان ۽ اُن بعد ڏنو. مهمان نوي ٻنجاڻوي سيکڙو سنڌي، اسان جي پروگرام جي دوران م نچڻ ٻه وڏيڪ ٿيو ۽ ٻڌسا ٻه گهٽا آيا. جگجيت - چترا مانيءَ ڪائڻ کانسواءِ هليا ويا، پڌم سال ڏيڍ ته گيان ۽ جگجيت وچم ڏنر سنوان نه رهيا!

ڏهليءَ م پروگرام جي ٻڌين ڏينهن ڪلاڪارن جي هلڻي وڃڻ بعد، اِستيشن تان ئي مان ۽ ڪڪي اچنڊاڻيءَ وٽ رات رهڻ ويا سين. ديديءَ جي دل مايوس ضرور ٿي پر باهريون ٻنو رکي وئي. اچنڊاڻيءَ چيو، ”دادا مونکي هڪ خيال آيو آهي، هفتي ڪن م ته گوهاٽيءَ وڃان ٻيو، انڪم ٽئڪس لاءِ حساب ڪتاب ناهڻ. خيال اٿم، گوهاٽيءَ رهان، ڏيءُ ٻه مڳائي اٿم. باقي هڪ ڏيءُ جو پاڻ ٻه ٻاو ٿيندو. مون سان واعدو ڪريو ته احمد آباد منهنجي ڏيءُ جي شاديءَ تي ٻئي ايندا، جڏهن سيٽن شادي ٿيي. ٻيو ته ڪلڪتي ايندا ته گوهاٽيءَ ٻه ايندا. وري چيائين، ”ڏهليءَ کي وارجو نه، پل ديديءَ وٽ رهجو، مونکي منهنجي خطن جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جواب ڏيندا رهجو ... " هن جو گلو ڀرجي آيو. مون ۽ ڪڪيءَ زبان سان ڪجهه نه چيو پر دل ئي دل ۾ اسان هڪ ئي وقت هنکي داد ڏنو. ممڪن آهي ، هن ننڍپڻ پٽ جي لائق ٽيڪ ئي ڏاڍلي ۽ جو دڪان هن حوالي ڪرڻ نيڪ سمجهيو هجي ۽ ڏاڍائيءَ جي دڪانن کي پائيوارن بدران پاڻ ننڍپڻ سر هلائڻ وڌيڪ فائدامند سمجهيو هجي ، پوءِ به ان طرح ڏيڏيءَ جي حق ۾ دست برادر ٽيڪ واقعي ساراه جوڳو قدم هو. ۽ هن اهو قدم ڏاڍلي ۽ کي سنگيت ۽ سنڌيت کان نه واڌيڪ لاءِ کنيو هو.

پاڻ ۾ ڪيل ستاءَ موجب اسان ڏيڏيءَ سان اڇلتائيءَ جي ڏاڍائي وڌ جي ڳالهه نه ڪئي - هنجي ويٽر ٻيگهي ڇڏي ها.

ڪڪيءَ کي ۽ هن ڪري مونکي پاڻ وٽ ڪهرائڻ ۽ رهائڻ لاءِ هوءَ کوبه موقعو هٿان ڇڏڻ واري نه هئي. هنکي فون ڪري ۽ فون هوءَ ڪنهن نه ڪنهن آفيسر سان بندوبست ڪري هفتي ۾ به ڀيٽ دفعا ڪندي ئي هئي ، اها خبر پئجي ويئي ته مون ۾ اسانجو کو پروگرام ڪونهي. هن ٽاهوت لڳائي ڏني ، " اڇو اڇو ! " اسان ٻئي ناڪار ڪندا رهياسين. هڪ ڏينهن ، مون جي پهرئين هفتي ۾ فون تي چيائين ، " مون ڪار ورتي آهي ، ڪڪي ۽ اوهان ڇڻهي اُن جو مهورت ڪريو نه ته ائين ٻيئي هوندي. " سان آناڪاني ڪرڻ لڳس. هن چيو ، "ڪار سيڪنڊ هئنڊ آهي ، ڪوالٽي ڏسڻ لاءِ هردوار هلنداسين ، راڄن جي ڪار به ڪٽنداسين ۽ پنڊت جي ٽڪسي به هوندي ، باربن ٻچين اوهان سان ڪڏ گهمي ايندا سين ، اينجاءِ ڪنداسين. "

هن مهل تائين پنڊت جي ٽڪسي هن بلي رهندي آئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، جي هڪ کان وڌيڪ ٽڪسين جي هنکي گهرج پيئي، اسان جي ڪري ته اُنهن جو انتظام به هوءَ پنڌت معرفت ڪندي هئي.

هردوار جو لب مونکي ٽوٽي ڪڪيءَ کي لالچائط وارو نه هو. مان ته ماٽيلي ماءُ جي ياڻهي ٻاڻهي جي ڪريا ڪرم لاءِ ۱۳-۱۴ سالن جي عمر ۾ هردوار ويو هوس - پيءُ ۽ مامي اوچيرام سان. ۱۹۴۸ ۾ منهنجي پاڻ به هردوار جو سفر ڪرڻ چاهيو، پارت ۾ نئين زندگيءَ جي شروعات کان اڳ. هو مونکي به ساڻ وٺي ويو، سونهون ڪري پوءِ به مون ڪڪيءَ ۽ ڪلاڪارن کي به دفعا هردوار ڏيکاري هئي - هڪ پيري ٻريلي ۽ آگري جي پروگرامن وچ ۾ ٽي ڏينهن وٺي هئي ۽ ٻئين دفعي آگري ۽ دهليءَ جي پروگرامن وچ ۾ چار ڏينهن ويساهين هئي. اهڙيءَ ريت ٿي هڪ دسهڙي تي مون ڪلاڪارن کي گجرات ۾ امبي ماتا جو مندر ڏيکاريو هو، ابو شهر ۾ هڪ رات داپو ڪرڻ سان. بمبئيءَ موٽي وري واپس اچڻ پيسن جو زيان ته هوئي، بلڪ تڪليف جو باعث نه هو. پروگرام ونڊڻ ڪنهن به هڪ ڏر وٽ به ٻه ٽي راتيون ڪاٽڻي سگهيون ٿي جو سنڌين ۾ ايڏا به مهمان نوازيءَ جو گڻ موجود آهي پر مون ان سلسلي ۾ ڪڙو آزمود و پرايو هو. "روٽي راڻ جي آهي." ائين چئي رهائيندو هر ڪو، خاطرداري به ڪندو، پر پوءِ شام ٽيڻ کان اڳ هوٽل چوندو، ڪلاڪ سوا پروگرام رکجي ته؟ جي هن ڇڪ ۾ڙسي ڏيکاري گا فرمائش يا وينتي نه ڪئي ته ڪو ٽڪائيدار، ڪو پوجاري، سنسڪرٽڪ يا سماجي سنسٿا جو ڪو عيوضي هٿ جوڙيندو ايندو، پائرن" جي ڏاڍي مرضي آهي ته مندر ۾، پٿر ۾ يا ڪنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هال ۾ سنگيت سيا ڪئي وڃي. اوهان هوڻ ئي سنڊيٽ جو پرچار ڪندا آهيو، پگوان اوهان جو پلو ڪندو. پوءِ اهو ڪلاڪ سوا جو پروگرام ٿي ڪلاڪ ٿي ويندو، ٿڪ ۾ ٿڪ الگ، ساڪ ٿي مٿو ڪوڙائڻ ٻئي طرف - رهڻ پاري پوندو. ان ڪري مان به پروگرام بعد ڪوچ ڪرڻ جو عادي ٻڌجي ويس - ان ڳالهه ۾ آزاد صوفيءَ جو پيروڪار ٿي ويس - " پروگرام ڏنو نه آهي، مڏي پٽي نه آهي. "

پوءِ به اسين دهليءَ ۽ اُن بعد هردوار وياسين ئي. هڪ اِها اُڻ تڻ رهي ته وسڪيءَ بنا ويشنو ڪاڏي ٿي اينڌاءِ ڏيڻي ڪيئن ڪندي؟ هن لاءِ هردوار هلڻ هڪ بهانو هو، اسان کي واڻي رکڻ جو. ۽ هن ان پنهنجي اُصول جو به پالن ڪيو. " پوتڙا جو مدار من تي آهي، ناسونت سرير تي ڪا ميار ڪانهي. " ها، رهڻ جو بندوبست هر جي پوڙيءَ کان ميل ڪن پري ٻيءَ ۾ سرڪاري گيسٽ هائوس ۾ ڪيو هئائين. جئن وديشي ياترين تي ڪا بندش ڪانه هئي تئن ڏيڏيءَ به ڪا بندش نه مڃي. سنان، ڪائڻ پيئڻ ۽ گهمڻ سان اسان اينڌاءِ ڪيو ٿي. ڏيڏيءَ کي اِهو سرٽيفڪيٽ ملیو ته هن جي سيڪنڊ هئنڈ ڪار لڳايل رقم ۾ لائي نه هئي.

هڪوار هردوار هلڻ جي دعوت مڃڻ ٿي ڏيڏيءَ جي ذات هري - هن منهنجي گرونانڪ ۽ گرواڻيءَ سان چاهه کي خيال ۾ رکي وري رٽ لڳائي: "هلو نه امرتسر دربار جو درشن ڪري اچون." پروگرامن ۾ مشغول رهندي مان هنکي ٽاريندو آيس. اُن زماني ۾ شاديءَ جا پروگرام ڪرائڻ جنهن تنهن جو شغل نه هو - ڪي تمام گهٽي پئسي يا ۽ مرتبي وارا ماڻهو ئي اِهو شونق رکندا هئا. ميءِ ۽ ڏسمبر ۾ نه ڇڙا پروگرام هوندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

در حقيقت جڳن سنڌ ۾ چار مندون هيون تڳن سنڌي سنگيت پروگرامن جا به سال ۾ چار وڏا موقعا هوندا هڳا. اهي جڳن وڏن ميلن وارا اُتسؤ هڳا - مارچ - اپريل ۾ چيٽي - چنڊ، آگسٽ ۾ جهولي لعل جو چاليهو، دسهڙي ۽ ڏياريءَ و چ آڪٽوبر - نومبر ۾ ڪنور رام صاحب جون ورسيون ۽ نومبر جي شروع ۾ يا آخر ۾ گرونانڪ صاحب جي جنم ڏن جا. انهن جڳن ميلن ۾ جنهن تنهن ڪلاڪار کي پروگرام رهندا هڳا، اسان لاءِ ته اهي ميلن جو سلسلو جوڙيندا هڳا. چيٽي چنڊ کان هفتو اڳ ۽ به هفتا پوءِ تائين، چاليهي صاحب جا ٽن جڳن شهرن ۾ خود بمبئيءَ ۾ گرافورڊ مارڪيٽ، ڪرلا ۽ اُلهاسنگر ۾، ڪنور رام جي ورسين جا ٽي چار هفتا - بمبئيءَ کان باهر ۽ گرونانڪ جنم ڏينهن کان هفتو اڳ ۽ به ڏينهن پوءِ تائين پروگرام رهندا هڳا. تنهن سواءِ شوراتري، جنم اشٽمي، رام نومي، اَسو ۽ پوهي چنڊ ۽ گيتن سنڌن جي ورسين جا پروگرام، پروفيشنل بڪنگ کان اڳ سال ۾ مشڪل ۲۰-۲۵ پروگرام هڳا، اُهي وڏندا سؤ سوا سؤ تائين وڃي پهتا. ٿورا سال شاديءَ جي پروگرامن جي گهٽ هجڻ ڪري مي ۽ ڊسمبر ۾ پروگرام گهٽ رهيا ۽ اهي مهنا گي سال ديديءَ جي ٻلي رهيا - هڪ ڀي وقت به ٽي هفتا هن وٽ رهڻ ۽ هن سان گڏ گهمڻ جا رهيا. هن تي اثر رهيو يا هن اهو اثر ٻار ٻار جتايو - " اوهان سان گهرائي وڏڻ بعد منهنجي ڪمائي وڏڻ لڳي آهي، ڪنهن وقت جي ڪنجوس، اَڄ جي درياهه دل آهيان، مهمان نوازي ڪرڻ مان راحت ملندي آهي ۽ اوهان سان ؟ "

هوءَ اڪثر چوندي هڳي، " ڪير ڪيڻن به چوي يا مڃي هڪ ٻڳي سان ناتا جنمن کان، جنمن تائين هلندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان کان اڳين جنمن ۾ ڪافي گهٽو ورتو هوندم ، ان جو هن جنم ۾ وياج ته ڏيڻ ڏيوم نه ، ۽ ڪڪيءَ جو ناتو؟ آد جڳاد کان هوندو. هن ڏي جنم ۾ نس پس جهڙين اکين ڏاروءَ هن جهڙين اکين وارو ، هن جهڙي سڀاڻهي سڀاءَ وارو نينگر نهاريڻ ۾ منهنجو واقف ٿيو ، اعتبار ڪريو نه ڪريو ، اسان وڏي هوندي شاديءَ جو بار بار اقرار ٿي ڪيو ، هوءَ مري ويو او چتو ۽ وهين بعد هوءَ مونکي ڪڪيءَ ۾ ڏسڻ آيو ، ۽ دادل پيار ۽ ڪام واسنا - ٻه الڳ الڳ چيزون آهن . ڪام واسنا پوري ٿيڻ تي کن پنگر خوشي ڏيندي آهي ۽ پيار لائيندي ٻه اٽاهه خوشي ڏيندو آهي - پيڙا ٻه خوشي پاسندي آهي. " پوءِ گويا زمين تي لهي ايندي ۽ چوندي "اوهانکي چا سمجهايان؟ اوهان ليکڪ آهيو ، مون کان وڌيڪ سمجهو سياڻا ۽ چاڻو..."

سچ پچ هن مونکي عمر ڀر موه ۾ ڏنو ، عزت ٻه ڏني . پنهنجن سڳن پائرن کان گهٽو گهٽو وڌيڪ هوءَ مونکي مڃيندي هئي . پهرين ڏيکاءُ ٻه هو ، مجبوري ٻه هئي ڪڪيءَ جي ويجهو اچڻ جي - پوءِ اسان جا من ملي ويا ، سڀاءَ پيءَ تي پڳجي ويا ، البت هن پاڻ کي مون کان ٻه وڌيڪ موڙيو . هڪ جبري ، ڏنڊي ۽ ڪاميياب ، محفل جي مورڻي ، رعبدار ۽ آڻ نه مڃيندڙ عورت سچ پچ منهنجي موه ، ممتا ۽ مڃتا جي بنڌن ۾ بڌجي ويئي . مون هن ۾ دادن جو پيار ڏي نه ، گهٽي حد تائين ان ۾ اهڙي گهرائي ۽ پنهنجائي پاڻي . هن جا مٺ مائٽ ، ڪڪي ، منهنجي ۽ هن جي نانيءَ جي گهرائيءَ تي اکثر چوندا هئا- "ديديءَ ۾ مبارڪ ڦيرو آيو آهي، اُهو وڏندو ٿو رهي." ۽ هن اسانکي جنهن تنهن مائٽ ۽ مٽ سان واقف ڏي نه ڪرايو ، هنن جي پنهنجائيءَ جي دائري ۾ داخل ڪرايو !

وڏهڻ جهڙ ٻه ٿيو اسان وچ ۾ ، آخر ڏهه يارنهن سال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان ٽي ڪافي ويڇهو رهياسين. ڪڪيءَ اُن جو ذڪر ڪرشن ڪٽواڻيءَ ڏانهن خط ۾ ڪيو آهي. مان هت ٿو اعتراف ڪريان. اڪثر مان هن سان ناراض ٿيندو هوس ۽ اڪيلائيءَ ۾ ڪئي نه، گهر وارن ۽ پاڙين پيڙهن اڳيان به. تڪو منو پوندو هوس. هوءَ اتفاق سان دل ۾ ڪندي هئي ۽ ڪلاڪ ڏيڍ وڌ ۾ وڌ ٽن چئن ڪلاڪن بعد اچي چوندي، "دادا، ناراض آهيو اڃا؟ آڇ مڇي، جهڪڙو پورو ٿيو نه؟"

ڏسجي ۾ اسان دهليءَ کان امرتسر اُسهاسين، اِن و ڇڙهنجي پيڙ ڪملاڪي ۽ ويسٽن و ٽان سيڪنڊ هئنڊ فيڪٽ ڪار سسٽي اڳهه ۾ ملي هئي. راجن واريءَ ڪار ۾ راجن سان ديدي ۽ ننڍين ڪاني ۾ مان، ڪڪي ۽ هنجو پيٽو-و ليمڪداس. دهليءَ خواهه ٻاهر اسين پنج ساڳيءَ ڪار ۾ هوندا هئاسين اڪثر.

۱۹۷۵ جو زمانو هو، پنجاب مسئلو اڃا پيدا نه ٿيو هو- صلح سانت، رستا و ڪرا ۽ پڪا، راجن جي لفظن ۾ "ڪار ترڪندي ٿي هلي - گهٽ ۾ گهٽ رفتار اَسيءَ جي." ٽن ڪارس جي ڪاروان. سوچيو هوسين راڄ ڌاني تي ماني ڪائبي - "سرسون دا ساگ اور مڪي دي روٽي" ۽، ڪنهن سراءِ ۾ چار پنج ڪلاڪ آرام ۽ پرڀات جو وري سفر. اِهو سڇاڻ ڪڪيءَ جو هو ۽ سچي ڪي راس آيو هو. ٻر شام ٿيندي ٿي راجن جي ڪار ٽنگ ڪرڻ شروع ڪيو، هڪ هنڌ ٻيهي ٿي ويئي. رستي تي گڙيج گڙيج تي بيهاسين. گهرڀل ٻرزو مليو ٿي نه. ائين ڏنگ ڏنگ ڪندي ياريهن اَچي ٿيا. جئن ماني ياد آئي ته ڌابا سپ ٽرڪن ۽ هنن جي هلائيندڙن سان چڪاچڪ ٻرڀل، سپ ڪٽون والا ريل، ٽرڪ ڊرائيور ٻي رهيا هئا ۽ موڊ ۾ هئا. فيصلو ڪيو سين امبالا ۾ ڪنهن هوٽل ۾ ٽڪا هلي ڪائون ۽ آرام ڪريون. ڪاڏوسين اُهو ٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرسون دا ساڳ اور مکي دي روٽي - ڪڪيءَ جي فرمائش تي . پر هوٽل جي ڪاڏي مان ڏابي وارو مزو نه آيو - ديديءَ ڏهليءَ جون سڀ وڏيون هوٽلون ڏي نه ، مکيه ڏابا به گهمايا هئا، پيري پيري سان " موتي محل " ۽ "ڪاڪي دي هٽي" تي رات جـو هڪ هڪ ويلو ضرور کائيندا رهياسين . موتي محل ۾ قواليءَ جي لالچ تي ۽ ڪاڪي دي هٽيءَ تي ڪاڏي جي ذائقي ڪري . ۽ ڏيري ڏيري مون هنکي رات جي مانيءَ گهر کائڻ تي هيريو. ها، ڪڏهن ڪڏهن ٻاهران کاڌو گهرائيو هو .

چنديگڙه شام جو چئين ڇهي پهتاسين . سياري ڪري شام ٽيڙ واري هئي . هوٽلون سڀ جو سڀ ويرل . ڏيئن ٻرين ويل ٽيبل و يستن ٽي. ويءَ جي برانچ مئنيجر وٽ وڃي ڏرنو ماري و ينا سين . هن ڏهليءَ ۾ ديديءَ کي ڏنو ٻه هو ته هن جو ڏڏبو ٻ پسيو هو . جئن ئئن ڪري هڪ موٽل ٽائيپ هوٽل ۾ ٻـ نديڙا ڪمرا هڪ رات لاءِ هـٽ ڪري ڏنـائين . ٻئي ڏينهن منجهند کان اڳ هوٽل خالي ڪرڻي هئي جو اهي ٻـ ڪمرا جنهن پارٽيءَ ٻاڙيا هئا، اُها ڪنهن ڪارڻ ڪري هڪ ڏينهن ديـر سان اَچي رهـي هئي . ان ڪري چنديگڙه اهڙو اُتاچرو ڏنوسين جو صرف قسم کڻي سگهجي ته آسان چنديگڙه مان بـ ٽي آياسين . ان مختصر رهائـش جـي دوران ۾ بـ چنديگڙه جـي بناوت ۽ اوسر يگاني پـاتيسين . سيکڙون ۾ ورهايل مادرن شهر ، هر طرح کليل ۽ هر طرف هوادار ، نالا نه نمبر . جاميٽريکل حساب سـان اَڏيـل ، پور و چوٽـيءَ وارا وڏا رستا - ٻن هاءِ وي رستن جي وچ ، سرڪاري آفيسون ۽ رهائش جون جڳهيون شهر جـي پـرانهين طرف . هر سيکٽر ٻنهڪي ۾ پورو ، مارڪيٽ هر ڪنهن جو پنهنجو. ڪافي وڻندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثالي مادرن شهر هو چنديگڙه. گرواڻيءَ سان منهنجو لڳاءُ، شاهه جي بيٽن کان ٻه اڳ رهيو. گرواڻيءَ جا پڇن سانيرو اڇا سان ٻڌو. بابا پرياڳ کان اڳ اڻي سنان پاڻي ڪري گرواڻي اُچاريندو هو- وڏي واڪي، اول ته جاڳ ٽيڙ ٽي منيان لڳندي هئي، سوچيندو هوس بابا کي جي رام رڇهائڻو ئي آهي نه آهستي پڇن ڪري نه. پر گرواڻيءَ جو ڪا غيبي ڪشش محسوس ڪيم، ٿوري وقت کانپوءِ منهنجي نند پاڻ کان پاڻهي ڦٽي پوندي هئي. اُٺندو نه هوس، پر ليٽئي پئي ئي گرواڻي ٻڌندو هوس- ٻئو فائدو/ اثر ڏٺو اُٺر ڄن جو. مونکي سويل اُٺڻ يا گهٽ نند ڪرڻ تي ڪا جسماني تڪليف درپيش نه ايندي آهي ۽ گرواڻيءَ سان دلي موهه اَڄ ٻه قائم آهي- البت پاڻي سريلو هجي ۽ اُچارڻ جو ڍنگ سٺو هجيس، مان ڳالهه جي پوڳ ٽي وڃڻ پسند ڪندو آهيان، صرف نائين مهلي جا سلوڪ ٻڌڻ لاءِ مارڪسواد مونکي ناسٽڪ نه ٻڌائي سگهيو جو نائين مهلي جي سلوڪن جو اثر دل جي ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ ۾ سلامت رهيو بعد ۾ ته شاهه جو صوفي متو ٻه گرواڻيءَ سان دخل انداز رهيو. اکرن وچ نه اڙهي مان ته ٻنهي ۾ صدق رويي عشق کان متاثر ٿيو آهيان.

امرتسر هلڻ مون ٻن ڪارڻن ڪري ٻاسيو هو- هڪ ته منهنجي رول ٻين جي جڏ ٻي ڪي لنبو سفر، گهڻگهرن مان گڏ ورهين پڇاڻا تسڪين ڏيڻ وارو هو، ٻنهي پاسي وڻراهه- پکي پرندا، ۽ انسان ۽ راهه جا راهي همسفر وغيره. ٻيو ڪارڻ، بابا منهنجي مائيلي ماڻهه جو گورو هردوار پهچائڻ وقت مامي اوچيرام ۽ مون سان گڏ هليو هو. هن هردوار کان وڌيڪ گرو آستانن جي يارا چاهه سان ڪئي هئي، ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جت ڪٽ سونهون خرڙ ڪندو هو. اُن وقت ڀي امرتسر م چوويهه ڪلاڪ سريلي ۽ وڏي آواز م گروائيءَ جي اُچارڻ ۾ ڪافي موهيو هو، پڪيءَ عمر م اُها تبديلي جي ڇڪ ڀھر زنده ٿي اُڀي هئي ...

اَمرتسر جو مندر اڳئين جھڙو هو، اُن جو ايوان ڪافي وڏو ٿي ويو هو، جڳهيون به وڏيل هيون پر گروائيءَ جي مناس اڳئين جيان اثردار هئي. آتنڪوادين جو نالو نشان نه هو.

اَمرتسر لاءِ اچڻ م آناڪانيءَ جي دور م ديديءَ ۽ ب هڪ لالچ ڏني هئي - اَٽاريءَ هلي هند - پاڪ بارڊر ڏسڻ جي، جاڻي ڇڇي اَٽاريءَ شام جو واپسين - ٻنهي پاسين جھنڊن جي لهڻ، بارڊر جي رات لاءِ سيل (بند) ٿيڻ جي رسم ڏسي سين. شيخن جي هٿراڏو ديوار جي ٻئي پاسي ماڻهو ڏٺاسين. هن ۽ هن پاسي جا ماڻهو ٻئي هڪ زمين جا رهاڪو، هڪ ئي بولي ڳالهائيندڙ هڪ ٻئي لاءِ پرڏيهي ٻڌي پيا هئا/ ٻڌايا ويا هئا، پوءِ به ٻنهي پاسن هڪ ٻئي سان هٿ ملايا، خوش خيرو عافيت پڇي ۽ ڪيڪر ڪئي، اسين به خوشنصيب هئاسين. پاڪستان جي محافظ مٽريءَ م هڪ ڇڪو سنڌي هو. اسانکي سنڌيءَ م ڳالهائيندو ڏسي وڏي آيو. سنڌيءَ م ڳالهايائين ۽ سڀني سان هٿ ملايائين. منهنجي ڇوڪ تي اسانکي پاڪستان جي حد اندر به وڃي ويو، فليگ پوسٽ تائين، منهنجو من ٻوڙي آيو ۽ دل دانهن ڪئي:

" ماڻهو هڪڙا ئي پر رهن راڄن ٻن م. "

۽ اُن رات مون ڪيءَ ڪي " سنڌ ۽ سنڌي " ٻڌائڻ لاءِ ڇيو. اهڙي فرمائش مون ڪڏهين ڪنهن کي زندگيءَ م ڪهڙي ڪئي. هن به ڪهڙي ته ڪلي ڇيو، " هيءَ سنڌ جي بارڊر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ آهي ، پنجاب جي آهي ." ۽ ۽ ۽ زور پسريو ، ڪيڪيءَ شروع ڪيو :

وطن لاءِ جان گهوري ، پوءِ به ٿوري ...

وڏا ته چا ، ننڍا به چپ چاپ ٻڌندا رهيا . ڪجهه ڏن جو اثر هو ، ڪجهه منهنجي حد گنهيرتا جو . ڏوهيڙن جي پوري ٽيڪ بعد به سانت طاري رهي ، ڪجهه وقت . مائ جي مهر ديديءَ ٽوڙي . "گرواڻيءَ جو پڇن ٻڌاءِ ، ته " شرنائي آيا سنگر ... " ڪيڪيءَ چيو ، " ان بعد فل اِستاپ ... "

راڳ پورو ٿيو ته راجن ڪتراڳ شروع ڪيو . چيائين ، " هيستائين آيا آهيون ، چو ڪين سمجها هلون ؟ " ديديءَ ۽ ڪملا جي ٻارن ڪورس ۾ چيو ، " هلو هلو . " ديديءَ ڪيڪيءَ کان پڇيو ، " منهي ، چاڻي چوين ؟ " ۽ ننڍن وڏن سڀني کي گهٽو اڳ معلوم ٿي چڪو هو ۽ هوُ ان ني هري ويا هئا ته اهڙين ڳالهين ۾ آخرين فيصلو ڪندڙ راءِ ڪنهن جي آهي . سڀني جون نظرون ڪيڪيءَ تي هيون ۽ ڪيڪي خرچ جي باري ۾ هرڪنهن جو جو هلڪو ڪرط چاهيندي هئي ۽ نہ ڏوڙو . نڪائط سانگي چيائين ، " ٻہ ڪڇا ته اسان هل اِستيشن ڇڏا آندا ڪونہ آهن ." ديديءَ چيو ، "اِهو انتظام ٿي ويندو ، هرڪنهن لاءِ هڪ هڪ شال هتان وٺون ٿا . سڀيئر سملي ۾ هلي وڃندا سين ."

۽ اسان نين شالن سان هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات لاءِ سملي ويا سين ! سياري ۾ ڪنهن هل اِستيشن ٿي وڃڻ کان توبهہ ڪري آيا سين . ۱۹۷۵ جي مي ۾ نئنيتال ساڳئي اڻائي سان ساڳئي نموني گهمي آيا سين . نئنيتال مان ڇڻن ڏينهن اندر پڇي آيا سين جو دهليءَ ۽ نئنيتال جي گرميءَ ۾ نہ ڇڏو فرق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. مڪان ٽڪنيڪال ۽ برف جو قحط ٻه هو. برف بنا وسڪي پيئڻ ۽ مزو ئي نٿي آيو، ديدي ۽ کي ۽ مڪان ڇڏن جو آزار ٻه هو.

۱۹۷۶ ۾ مسوري ۽ ويا سين. اُتي خانگي مسواڙي ڇڳهه ۾ رهياسين. مسوري مونکي دارجلنگ کان ڏسورو گهٽ وڻي. ڪڪيءَ کي مسوري ۽ وڌيڪ متاثر ڪيو. دارجلنگ اسان ۱۹۷۳ ۾ ايڪانڪي فيسٽيول کانپوءِ ڏوهاڻيءَ ۾ پروگرام ڏيڻ بعد ويا هئاسين- لکمي ڪلاڻي ۽ ڪلڪتي يونٽ انسوسئيشن جي ڪن سائين سان، آف سيزن هئي، ڇهل پهل ڪانه هئي ۽ ٿڌ به وڌيڪ هئي، پوءِ به جيڪي ڪي ڏسڻ لائق هو، ڏٺوسين. رهياسين "ٿئٽي" هوٽل ۾ جا هڪ سنڌيءَ جي هئي. ڪلاڪار به ساڻ هئا. لکمي ڪلاڻيءَ جو هنکي ٻڌايو ته ڀڳونتي ناواڻي آهي، گوبند مالهي آهي ۽ ڪلاڪار آهن ته هن سڀڻ جي دل هرکي. چيائين، "سڀ پڇهه سنڌي هٽ ڪونه ڪو ڏنڊو ڪنڊڙ آف سيزن ۾ به هٽ آهن، مان سنگيت پروگرام رکان؟ لکمي مون کان پڇيو. مون به ڪڍي چيو، "پل رکو." ڪڪيءَ چيو، "هن ٽڏ ۾ سوڙيون ويڙهي پروگرام ڏيڻو پوندو." اِها نؤبت ڪانه آئي. هيٽر سڄي هال ۾ گرمائش ڦهلائڻ لڳا، سڀ جو سڀ سنڌي اڇي شريڪ ٿيا. سنڌي سنگيت ٿورن پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻڌو هو، سڀ ٻوريون دفعو ڀڻڻ لڳا ته واقعي سنڌيءَ ۾ سنگيت به آهي ته ڪلاڪار به. وڏن ڪڪيءَ کي آسيسون ڏيون، جوانن هٽ ملايا ۽ نئين آٽوگراف ورتا، ڇڪي سنڌيت جي لهر لڳي وئي. هوٽل جي مالڪ رهائش ۽ کاڌي پيتي جا پيسا به نه ورتا. دارجلنگ ڇانهه جا پڙيڪا سڀني کي ڏنا. هوٽل مالڪ ڏڪڻا به پڇي. مون چيو، "سڀني چاه سان ٻڌو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ داد ڏنو، اهوئي اُجورو آهي." مسوريءَ چاڪاڻ ته سيزن جي وچ۾ آيا هئاسين، چگو پنهنجو ڪٽڪ ساڻ هو، ديديءَ جي درياهه دلي هئي ۽ وچ۾ "ويسٽن ڪئين" جي چونڊ هئي ۽ گيان، سندر جو بت روي ۽ ٻيا ڪرڪاري بہ آيا هئا - ٽي ڏينهن پارٽيون ۽ گڏجاڻيون رهيون، گهمڻ جا موقعا بہ جام ملايا - انهن سڀني ڳالهين ڪري هل اسٽيشن جي راڻي ڪيءَ کي وڏيڪ وٽي.

تنهنکان پوءِ هڪ ئي وقت ڏهه ٻارنهن ڏينهن ديديءَ وٽ رهڻ لاءِ نہ مليا. شادين تي ڪلچرل پروگرامن جو رواج عام جام ٿي ويو، سنڊيون جي شاهوڪاريءَ ۽ ڏيکاءَ ۾ بہ اضافو ٿيو. اسان ميءِ ۽ ڊسمبر ۾ هونءَ کان بہ وڏيڪ مشغول ٿي وياسين - شادين جي پروگرامن ۾، ميءِ ۾ اسڪولن ڪاليجن ۽ ڪن آفيسن جي موڪلن ڪري پارٽ ۾ رهندڙ سنڊين کي شادين جي سهوليت ٿي ۽ ڊسمبر ۾ پوڙهين جي ڏينهن ۽ ڏنڊن ۾ ڪي قدر مانائيءَ صدقي سنڊ ورڪي پارٽ ۾ اچي اهو سمو نينگرن نينگرين جي شادين جي شغل ۾ سڪيارٿو ڪرڻ لڳا. ۽ شادين جي پروگرامن ۾ اسان جي هڪ هٿي رهي. اسان جي مشغول هجڻ ڪري ئي ڪنهن بہ ٻيءَ پارٽيءَ يا ٽوليءَ وٽ وڃڻ لڳا. شاديءَ جي رسيپشن وقت ڪڏهن بہ پروگرام نہ ڏنو - اُن وقت پروگرام گويا سنگيت جي توهين هو. ماڻهو ڪائيندا، پيئندا ۽ گالهائيندا رهن ۽ ڪلاڪار ڳائيندا رهن. هڪ ڏينهن اڳ يا هڪ ڏينهن پوءِ پروگرام ڏيڻ لڳاسين - اڪثر هڪ ڏينهن اڳ. ڪي سرندي ۽ وارا ۽ هجائتا هڪ ڏينهن اڳ يا هڪ ڏينهن پوءِ - بہ بہ پروگرام ونندا هئا. ۽ اهي شاديءَ جا پروگرام ئي ڪلاڪارن جي ڪمائيءَ جا پروگرام هئا. صحيح معنيٰ ۾، هونءَ پهلڪ پروگرام صرف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪي پڪي گذر جا هئا ، منهنجو مول مقصد هو نہ ڪلاڪار منڊل جو نندي ۾ نندو ڪلاڪار بہ ڪنهنجي اڳيان هٿ نہ ٽنگي . هڪ وڏي ڪلاڪار جو مثال مون اڳيان هو . هو پاڻ پيسا نہ ونندو هو ، متڪي جا پيسا بہ هو پروگرام وارن کي ڏيئي ڇڏيندو هو . هن جو هارمونيم پليئر خواهہ طبلچي آرگنائيزرن کي ٻڪ جا چڪ پائيندا هئا ۽ آرگنائيزر بہ هنڪي مڪائيندا نہ هئا . مون اُن وڏي ڪلاڪار کي وڃايو . مون وٽ سڀ جو سڀ ڪلاڪار ساڳيا آهن ۽ اوهان وٽ هارمونيم پليئر ۽ طبلچي بہ ٽڪن نہ ٽا . هن ڳالهہ ٻڌي اُن ٻڌي ڪري ڇڏي . خير ، مون ڪلاڪار منڊل کي هڪ هفتو جي ڪوآپريٽو منڊل ٿي نہ ٻڌائي ، اِها بہ سنڀال رکي تہ ڪلاڪار منڊل هڪ پرش استري ڪلاڪار جي پارٽي نڪو ٻڌجي ، اُهو سڀ هڪ لاءِ ۽ هڪ سڀ لاءِ واري پاونا کي اُجاگر ٿو ڪري ۽ ڪين هڪ ڪتب ٿو ٻڌائي . پروفيشنل ٽيڪ بعد بہ کي پروگرام مفت ۾ ڏيندا رهياسين ، ساهت سڀائن ۽ سماجي سنسڪائن کي ۽ ڪن مهاپرشن جي ورسين تي ، کي رعايت سان ڏيندا رهياسين ، چئرٽبل ۽ ڪو ڪاريہ سڌ ڪندڙ سنسڪائن کي ۽ باقي پيسن تي . پهلڪ پروگرامن جي پيٽا شادي ۽ جي پروگرامن کان گهٽ رهي . مون ائڈوانس بہ زوريءَ ڪن آرگنائيزرن جي زوربار ٿي ورتو ۽ پول بہ ڪن جزوري پروگرامن جي ڪئي ، پوءِ بہ ڪلاڪار منڊل جا پيسا هڪ ٻن آرگنائيزرن کان وڏيڪ وٽ ميرا نہ ٿيا ۽ ڏانڊل ٻڌجو يهن سالن جي اٽڪل ٽن هزارن پروگرامن ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ آرگنائيزرن سان ٿي . جئن پروگرام وڏيا تئن اسان ميلي / ورسيءَ / اُنسوءَ ۾ سال بسال وڇ ڇڏي ڏنو - بہ سال وڇ يا گهٽ ۾ گهٽ هڪ نہ ٻئي سال ، صرف گرونانڪ جنم دن جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروگرام بمبئيءَ ۾ سال بسال ساڳيا رهيا ۽ ڪنور رام جي ناڳپور واري ورسي هر سال نباهجي هئي ، سا به ٽي ڏينهن ، نه ته دستور بڌيو رهيو ، گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال وچ وڇهو . ناڳپور سان رعايت جو ڪارڻ هو - ۱۹۶۲ ۾ ڪڪيءَ جو آواز به ڏينهن خراب رهيو هو ۽ ٽئين ڏينهن مون پنهنجي سر ۽ ڪڪيءَ پنهنجي سر ڪنور رام جي آدمقد ڪان وڏي ءَ مورتي ature اڳيان پروگرام کان اڳ ئي دل ۾ چيو هو ، "جي ڪڪيءَ جو آواز اڄ نه ڪليو ته هوءَ ڳائڻ ڇڏي ڏيندي ." ۽ اُن رات هن جو آواز به ڪليو ۽ هن جي ڏاڪ ٻڌي . ان ڪري ڪڪيءَ مان ان ميلي وارن سان رعايت ٻڌندا هئاسين ، ٽي ٽي راتيون پروگرام ٻڌندا هئاسين . هڪ نه ٻئي سال پروگرام پورا ٿيندا هئا تڏهن آرگنائيزن کي شهر ۽ سنسٿا جي مالي حالت کي خيال ۾ رکي چوندو هوس - " سؤ ، يا سؤ ، ايائي سؤ وڌائي ڏيو ." اهو سؤ کان ايائي سؤ جو اضافو آرگنائيزر چون وچرا کانسواءِ ڏيندا هئا. منهنجو مقصد هر پروگرام ۾ پوليءَ کان مارُءَ ٽائين ، شاه لطيف جي ڪلامن کان ماڻڻ گيٽن ٽائين وڙائڻي رهيو - ۽ ووکل ڪلچر جي اهميت ۽ ضرورت جتائن سپ کان وڏو مقصد هو . گيت ڪن شاعرن کان خاص لکائيندو هوس ، گوورڻن پارٽي ڪمپوزن ڏي موڪليندو هوءَ بين ڪلاڪارن کان اڳ مونکي وڇهه ڏيندو هو ، انهن کي استعمال ڪرڻ جو ، سنڌ جون ڪمپوزن سنڌ مان سڌو نه ته ڏيئءَ معرفت اڇي ويندين هيون ۽ ... ۽ ڪڪيءَ جي آڪاشواڻيءَ تي ، سچي سنگيتڪارن سان مڪمل سهڪار ڪرڻ سان به خاص موقعن جي سنگيت روپ ڪن مان گيت ميسر ٿي ويندا هئا . سي . ار جن ڪڪيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سهوليت تي رکاردنگ مر به ڦيرڦار ڪندو هو ، ان ڪري ڪيترائي هنڌي ٻوڙين دلچسپ گائڪا رهي ويا . هوءَ ستراڻ ۽ گرڏر کي به ڪٽندو هو ، ان ڪري سولو ، ڊيوئيٽ ۽ ڪورس گيت ملي ويندا هئا . ڪلاڪار سان گيت ۽ ڏنون هٽ ڪري ايندا هئا . ۽ ڪيترائي به گهرن مر رهندي ٻڌڻين کان يا ٻين کان گيت هٽ ڪري رڪارڊ ڪندي هئي . ريڊيو سيلون گيتن جي ٽيندي ، پروگرام مر ڏيڙ ڪلاڪ ۽ اڌ جي مهل چونڊ منهنجو حق رهيو ، پچاڙيءَ تائين .

ڪوشش ڪندو هوس ته ڪنهن به اڻسڌا ٻاهرا پروگرام هڪ ريلوي لائين يا بس جي سهوليت تي هجن ، ٻوءِ ٻه ڪن پروگرامن مر منهنجي سنڀال ، ترتيب ٻڌندي ڪانه هئي ، آرگنائيزرن / متن جو ذميوار دخل انداز ٿيندو ئي هو .

پروفيشنل ٽيم تي ٻاهرون پروگرام ، ڪنور رام جي ورسيءَ جو ناگپور جو ڪنيو ، پوءِ جبلپور- مون انهن مر ڪنهن ٻئي پروگرام جو اضافو ڪرڻ نه چاهيو پر ٻڌاڻي صاحب جي ناڪار ڪرڻ تي ، گورڻن پارٽيءَ جي زور ڀرڻ تي اجمير ڪٽڻو ٻيو ۽ پروگرامن لاءِ نڪرڻ کان اڳ مهسانا وارن ٻاهرون دعو ڪنور رام جي ورسي ملهائڻ جي شروعات ڪرڻ چاهي ۽ سا به آسان سان . هنن کي ته مون اجمير کان ٻڌي موڪليندي هڪ رات مهسانا لهڻ سان راضي ڪيو . ناگپور ۽ جبلپور جي پروگرامن وچ هڪ رات جي وٽي هئي پر بس جي سفر مر بس خراب ٽيم تي اڌا رات رستي مر ڪنهن سراءِ مر ڪاڻي ٻيئي ، ٻيءَ رات انين ٻڌي ٻڌاسين ۽ پارنهين ٻدران هڪ ٻڌي رات جو پروگرام شروع ڪيو سين . ٻلو- سي . راڻي به اُن پروگرام مر آسان سان هو ؛ شيام لالا به هو ، ٻلاڄيءَ جبلپور مر ئي ڇيو ، ” مالهي صاحب ، ڏاڍو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لنبو ۽ آڻڻانگو سفر ڪرڻ بعد جبلپور کان اجمير هلڻ جو سوچيندي ئي منهنجي دل ٽي ڏڪي. اهو سنڌيت جو سؤداءُ اوهان ۽ ڀگونتيءَ کي مباهه هجي. مان ۽ شيام کنڊوا کان ٻيهڙيءَ واپس هليا ويندا سين." مونکي خبر هئي ته گهٽ ڪلاڪارن سان مونکي اجمير ۾ دعوت ٿيندي، خاص ڪري جڏهن گووردن جو به پروگرام هوندو، جنهن ۾ ڪملا، ڪلا، لتيڪا، گرداس ۽ ٻيا نامياريا ڪلاڪار هوندا. پوءِ به مون ٻلاجيءَ کي ڪجهه نه چيو، هڪ ڏهنجي وهي سڀ پڇ اڙڪن سڻن ۽ اوجاڳن جي نه هئي، تنهن سواءِ جانم، "سنڌيت جو سؤداءُ سڪ جو سودو آهي، زور جي ميندي لڳڻي ڪانهي." هن ۽ شيام کي وچ ڏنم." جبلپور ۾ دفعا ٿيو ۽ دعوت ڏني، مهسانا وارن پروگرام لاءِ ڪن سالن بعد وري زور ٻڌو. ڇڪجي ڪڻي ڏرنو ماري ويٺا، هڪ گهٽگهرو ڪيءَ وٽ ويٺو هو. هوءُ اڪثر پروگرامن تي هلندو هو، واهرو ٻڌي. چيائين، "مهسانا کان جبلپور پهچائڻ وارا ٻڙودا منهنجو ذمو ۽ هڪ ٽائيم ٽيبل ٽڏي ٽي جوڙي ورتائين. پوءِ به مون مهسانا وارن سان هڪ تاريخ اڳ طيءَ ڪئي، پوءِ به ٻڙودي، سورٺ، جلگانو ۽ پوپال جون ريلوي معرفت ۽ پوپال کان ساگر ۽ ٻين شهرن جون بس ۾ منزلون ڪندار ٻائيتاليهن ڪلاڪن بعد جبلپور ٻين پروگرام واري راٺ پهتاسين. آرگنائيزر آنڊمانڊ ۾ ڪجهه عرصو ٿيو جبلپور اسٽيشن تي مڊيه پرديش جي ڪنهن ڳوٺ مان بس ۾ پهتاسين نه خبر پيئي ته هاميءَ ميل وايا الهه آباد ڏهه ڪلاڪ ليٽ هئي، اسانکي ذري گهٽ يارنهن ڪلاڪ جبلپور ۾ گهارڻو هو. مان اسٽيشن تي ايترا سارا ڪلاڪ گهارڻ لاءِ تيار نه هوس، ڪي ڪنهن ڏرمسالا ۾ رهڻ لاءِ راضي نٿي ٿي، اسٽيشن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پر مڪمل سستي هوڻ جو سوچي رهيا هئاسين جو
ٻاپيوار ٻڌايو جو ماڪ ٽيڪچند ڪنهن ڪم سانگي اچي
اسٽيشن تي سڏيو. هن جي نظر اسان تي پيئي ، وڏي آيو
پڇيائين ، " هت ڪيئن ؟ " ڪارڻ ٻڌڻ ۾ جيائين ،
" منهنجي گهر جي هوندي اوهان هوٽل جو ڪا سوچيو ؟ "
هن ڪوليءَ کي حڪم ڏيو ۽ سامان کڻڻ لاءِ چيو. پاڻ ڪار ۾
گهرائي ورتائين. گهر رهايائين ، کارايائين ، پياريائين ۽ پوري
ٽائيم تي اسٽيشن تي ڇڏي ويو. اُن ڏينهن اسانجا پير زور
هئا جو اهو سڀ ڪجهه ملهيو نه ته انين اسٽيشن تي اچي ، چار چار
ڪلاڪ گاڏيءَ جو انتظار الائي ڪيترا دفعا ڪيترين اسٽيشنن
تي ڪيو سين. ڏکيا ۽ اڻانگا سفر برداشت ۽ پلٽنگ ڪرڻ
جي باوجود زندگيءَ جو حصو بڻيا رهيا پر هڪ سفر ته
رکاوٽ ٽوڙ رهيو ، انتظار ڪري ، پريشانيءَ ڪري ، تڪليف
ڪري ۽ اينگهه ڪري ، وري به منٽ ميڙ ۽ عجب جي قيمت
ادا ڪئي هئي سين ، پلٽنگ تاڪ تي رکي. مڊيه پرديش مرڪي
رائپور پرسان ڏمٽريءَ جو پروگرام ڪيو هو. هونءَ تي ڇڇهه
ڪلاڪ لڳڻ هئا ۽ ڏمٽريءَ کان رائپور جيڏ مر ۽ رائپور کان
سؤراشٽر مر ڪيڏانا تسائين پهچڻ لاءِ ڏسن هٿ ڪاڏيون
بدلائڻيون هيون. هڪ انهن ڏسن هٿ اڳرات رزرويشن لاءِ
ورون ڪرايون هئم ، ڏمٽري ۽ کان جڏن تي رائپور پهتاسين ؛
ڏسڻ معلوم ٿيو ڪاڏي پڌڻ ڪلاڪ ليٽ آهي. رزرويشن
ڪڪيءَ جي سڀيو ۽ ان ڪرڻ جي سڀنگ جي ، باقي ان جي
اميد ، ۽ آر ڪمائيزن جي ان گيسر تي مجبور هوڻو پيو هو ،
الاهي دفعا. جي گيسر نه هڻي ته هڪ ڪان وڌيڪ وشواس نه
ڪندي پڇندي ۽ سان عين وقت تي ڪرائي ويندا سين. ۽
اُن وشواس جي سرانجامي نه ٿيڻ تي پريگڙ اسانکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پونڊو هو. ۽ هن سڀڪنھن کي گاڏيءَ جو پنڌ ڪلاڪ ليٽ ٿيڻ آڳاٽو ئي جسماني پوڳنا ۽ دماغي پريشانيءَ جو باعث بڻيو رهيو. پوساول تائين مٽر گاڏي روانو ٿي ويئي، اڌ ڪلاڪ بيءَ گاڏيءَ جو انتظار ڪرڻو پيو، سرپٽ تي به گاڏي نڪري ويئي، پنھنجي گاڏيءَ جو به ڪلاڪ انتظار ڪرڻو پيو، ويڙھ گام تي ته ٻارھن ڪلاڪ ترسڻو پيو. ٻاھٻ ڪلاڪن بعد ڪٽيانا پھتاسين. ھڪ رات اڳ جي بدران پروگرام واريءَ رات ڏھين ٻڌي پھتاسين. مکيہ آرگنائيزر شوديال کي پروسو، اويڙ سويڙ پھچندا ضرور. پر ٻين ڪنڊڙن کي دلجاءَ اسانجي پھچڻ تي ملي. اسان ياڻھين ٻڌي سمھياسين ته ھڪ ڪلاڪ ٽنگون ساھي اُٿنداسين ۽ آزاد صوفيءَ کان وارو ونڊاسين. پنجن ستن منٽن بعد شوديال ڊوڙندو آيو. "آزاد صوفيءَ جو پروگرام جمي ڏيو، مھرباني ڪريو، سنڀري ونو." مان ڏاڙھ. ڪيءَ چيو، "ھلو نہ پلا، اوھان ته ھر حالت ۾ ڪلاڪن ۽ ڏنڊڙن سان ٻيھڻ چاھيندا آھيو..." ٽڪل ٽٽل سڀني سنڀري ميدان ۾ آياسين. آزاد صوفيءَ ڪيءَ کي چيو، "ادي، پگھوان پلو ڪندءِ." اھو پلو ضرور ٿيو جو اسانجو پروگرام جمي ويو ۽ ٽن ڪلاڪن بدران چار ڪلاڪ پروگرام ڏنوسين. ماڻھن جي خوشيءَ اسانجو ٿڪ ڀڄي ڇڏيو.

ھڪ دفعي ڍڪيءَ ۾ آنند ڪيماڻيءَ چيو، "مالھي، ڪڏھن توکي ڪنھيل پروگرام تي نہ وڃڻ جو ويچار نہ آيو آھي؟" مون چيو، "مان اھا ڳالھ سوچي ئي نٿو سگھان ته زبان جي پٽ نہ رکان، تنھن سواءِ منھنجو منڊل جنتا جو منڊل آھي..." ھن چيو، "ڪلپنا ڪر ۽ ڪلپنا ۾ موج ماڻ. ٻڌندڙ ويٺا آھن، تنھنجي گروپ جو انتظار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽا ڪن ... " مون دل ۾ چيو، " مرڻ پنهنجي جڳهه تي ، مان وقت کان اڳ دير سان منڊ تي اچڻ تي ئي پريشان ٿي ويندو آهيان . " ۽ ان واعدي وفائيءَ کي پوڳايو پر نه ڪيءَ ڪڏهن وڃايو ۽ نه ڪڏهن ڪلاڪن منهن گهنجايو. گهٽن پروگرامن جي ترتيب ۽ ڪامياب سرانجاميءَ ۾ منهنجي ڪن پروگرامن جي رٽا ٽيڪ نه ٻارڻ کي هوءَ نظر انداز ڪندا هئا . ها ، آرگنائيزرن جي گيسو ، واعدو ڪري به ٽڪيٽون اڳوات روزو نه ڪرائڻ تي پوسرندا هئا . ڪونه ڪو ڪلاڪار آرگنائيزرن کي گهٽ وڌ ڇڪي به ڏيندو هو ، مگر منهنجي پل چوڪ هو اتفاق ۽ رضا سمجهندا هئا . ٽڪيٽن روزو نه ٽيڻ جي پريشاني پنهنجي جاءِ تي ، ٻوراپيرا روزو پريشن هڻڻ ڪري به پريشاني پڙهي . سڄا ڪان ٻڌڻيءَ پيا اچون ، ٻڌي ڏينهن رات جو ألهاسنگر ۾ ٻڙ واري سنت جي ورسيءَ جو پروگرام هو ، گاڏي پهريون پنج ڪلاڪ ليت ، پهتي سٺ ڪلاڪ ليت ، اڳوات اطلاع ملڻ تي گهران نڪتاسين ته ديسان ، گاڏيءَ سان اهو ڏهوئي نه آيو جنهن ۾ اسانجي روزو پشن هجي . پر واري گاڏي جي ڪنڊڪٽر چيو ، " سوچيو ، جلپور مان روزو پشن ڪرائڻ وارن جي حالت ڇا هوندي؟ " اسانجي زور بار تي ڏڪا ونئي ڪيءَ لاءِ زنانيءَ ۾ هڪ سليپر ڏنائين. طلڪي هن جي لالچ ناڻي ويو. چيائين، " دادا ، ڏڪا وڌيڪ ڏيندا سين ته باقي پنج سليپر به ڏيندو . " ٻيءَ رات پروگرام ڏيڻو هو . وڌيڪ ڏڪا ڏنيسين، گاڏي هلي ته خبر پيئي ته ڏهي ۾ ارڙهن سليپر اڃا خالي هئا ! ۽ اهوئي غير سندي ڪنڊڪٽر اسان سان گڏ اچي ويٺو . چيائين ، " مان جلپور ۾ اوهانجا پروگرام ڇاه سان ٻڌندو آهيان . سمجهندو گهٽ آهيان پر هن ٻيڻ جو آواز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي ڪافي وٺندو آهي !! " الين سندي غير سنڌي ريلوي ڪرمچارين جي لالچ ۽ بي رخيءَ جو الائي ڪٿا پيرا شڪار ٿياسين - منهنجي هيڏي ساري ترقيب ۽ چاڪشيءَ جي باوجود .

جلگانءَ کان رائپور جو ايرو گرام ڏيڻ و ڀڻو هو ، جلگانءَ گاڏي رات جو پوڻين پهر ۾ اچڻي هئي . جلگانءَ ايرو گرام ڏيڻي ، جهڙي ٽوڙي مانس کائيندڙ گاڏيءَ ۾ چڙهڻو هو . آرگمائيزر اسٽيءَ مان ئي ڇهه سليپر گاڏيءَ ۾ خالي ڪڻي اچڻ جو بندوبست ڪيو هو . هتن رزرويشن سلپ ۾ منهنجي هٿ ۾ ٽمائي هئي ، ۽ هڪ ريلوي ڪرمچاري اسٽيشن تائين گڏي ڏنو هو . جنهن ڏي ۾ رزرويشن هئي ، اُن جو ڪنڊڪٽر چوي ، " مون وٽ هڪ به سليپر خالي ڪونهي . " ٻاسي واري ٽوٽائر ڏي ۾ چڙهي ايا سين . ڪيءَ کي ويهارڻ ۽ بنچن جي هيٺي سڙ ڪرڻ جا وڌيڪ روپيه ڪنڊڪٽر کي ڏنا سين . ڪي اُن ڏينهن ٻهڙ غصي ۾ اچي ويئي . هن جي ڪاهه سنڌ هرداسرام ۽ هن جي شڪل ئي . جو اتفاق سان گرجندو آهي ، اهو ڪافي گهٽو گرجندو آهي . ڪي ٻه غصو لفظن ۾ اوتيندي هلي . مان ڪاڏ نه هوندي ٻه ٻاڪي گنهگار سمهي چپ رهيس . پوسارل ائين ٻين سان مان به ٻيهندو هليس . پوسارل تي ٻاسي واري ڏي جو ڪنڊڪٽر آيو ، چيائين ، " هلو ، مون واري ڏبي ۾ . اوهانجا سليپر خالي آيا هئا ، مون ناسڪ تي ٻڙي ڇڏيا . معاف ڪريو . مان ٻيڙ لاءِ هڪ سليپر ۽ اوهان لاءِ ويهڻ جون جگهيون ڪري ٿو ڏيانوڪ ، اکولا تي اوهان وارا سليپر خالي ٿيندا ... معاف ڪجو . " ڪي آرامي ٿي ، اسان به ويهي رياسين . ٿوري ڪنڊڪٽر ٻڌايو ، " جو ريلوي ڪرمچاري اوهان سان آيو هو ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽنهن چيس ، ”هيءُ سنت جي ميلي ٿي آيا آهن. هنن سان ناحق ڪيو اٿيئي، سنت پڇندءِ ، ان سنت جي ڊپ ڪري اوهانکي وٺي آيو.“ صبوح جو ڪڪي اُٿي ٽپ سپ ڪجهه بڌايو مانس. چيائين ، ”مان بـ اُبهري آهيان، سنت مونکي منهنجو غصو شل بخشي .“

ڀ ان بخشڻ خاطر اسان هڪ نـ ٻئي سال بدران ٻئي سال وري جلگانءُ وارن کي پروگرام ڏنو.

آڻانگن سفرن جي سلسلي ۾ هڪ سفر ۾ بمبئيءَ مان پاڻنا ويندي ، مون ٽـرئفڪ جئم ۾ گاڏي مس ڪئي ، ڪلاڪارن فلمي اثر هيٺ ڳائـي ٽڪيٽن جا پيسا ڪنڊڪٽر کـي ڏئي ڪري ڏيڻ چاهيا تـ ڪلڪتي جي هڪ سنڌي سڃڻ هنڪي سڃاڻي ٻ سؤ روپيہ اُڌارا ڏنا جـي مون جئن ٽئن ٻئي ڏينهن صبوح جو گاڏي پڪڙي اڪيلو اؤڪـو سفر ڪري پاڻنا پهچڻ شـرط منهي آرڊر ذريعي مـوڪليا. ٻئي پيري ڪولهاپـور وڃڻا هئاسين، مان ڪڪيءَ جي گهر مٿر روڪت کان ديرسان پهتس ڀ دادر تائين اڳوپوءِ ٽئڪسي ڪنڊو نـ آيو هوس. ڪڪي پوسرجي ويئي ، آڻي باقي منهنجي شيرواڻي لاهي رکڻ ٿي اُٿي ، ائين چوندي بـاهر هلي ويئي ، ”مان ٽـي ٽئڪسي وٺي اچان.“ مان بـ هنجي پٺيان بـاهر نڪتس. دروازو پٺيان بند ٿي ويـو. ڪنجون اندر ، ٻئي جون ٻگون اندر ۽ هارمونيم اندر ! شڪر جو ٽڪيٽون ۽ پيسا منهنجي ڪوٽي ۾ هئا. ڪڪي ٽئڪسي ڪري ئي آئي. صورت حال پـاڻي وٺي ٻڌائين ، ”ٻئي ڪـي سزا ملي - اوهانکي گيسر جي مونکي اُبهرائيءَ جي. هاڻـي ويهو ٽئڪسيءَ ۾ ، ڪٿي گاڏي نـ ڇڏي ويو.“ اِها هئي ڪڪي، غصو هن وٽ ڪن گهڙين جو ئي مهمان ٿي سگهندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گولهاپور ۾ ڪيءَ اڌاري ساڻهي بلائوز پائي پروگرام ڏنو ۽ مونکي ڪلاڪن ساڳيو وڳو ڏوئي ڏنو، اُن جي سڪ تائين، اُڌاري لونگيءَ گنڇيءَ ۾ رهيس. اُتي ئي ڪنهن سڃائتي چيو، "سچاڻي اچل ڪرنهيءَ پروگرام ڏيو، ساڳيءَ گاڏيءَ ۾ اسين اوهانکي ميرج کان چاڑهينداسين." ڪيءَ ڪلي چيو، "جتي هڪ ڏينهن، اتي ٻيو ڏينهن. هونءَ ٻه ٻئي ڏينهن پهرئين ڏينهن وانگر رهون ها؛ هاڻ گولهاپور بدران اچل ڪرنهيءَ ۾." ٻوءِ مرڪي چيائين، "سنڌيءَ سنڌ زنده آباد، سنڌي سنگيت زنده آباد." هوءَ اهي نعرا ڪڏهن ڪڏهن صرف منهنجي اڳيان هڻندي هئي - اهو جتائڻ لاءِ ته ووڪل ڪلچر سلامت رکڻ لاءِ چا چا نٿو ڪرڻو پوي!

هڪ اُٺپٽانگ ريلوي سفر ڪري پڻاڻيءَ سان ملاقات ٿي!

وري ٻه جيلپور کان يا ڪٽنيءَ کان ڪوٽا وڃڻو هو ۽ گاڏي ٻيڻا کان بدلائڻي هئي. ٻيڻا پهچندي معلوم ٿيو ته هڪ گاڏي جنهن گاڏيءَ جي ڪنيڪشن کي خيال ۾ رکيو هوسين، اُها وڃي چڪي هئي ۽ ٻي گاڏي صبوح جو هئي. وري ٻه رات اِسٽيشن تي ڪاڻ نه ڪاڻ جو سوال اُٿيو، ۽ جڳهه ته ٻيڻا ۾ اسان پروگرام ڏنو ئي نه هو ته ڪنهن سان گهري واقفيت ٿيڻ جو سوال ئي نٿي اُٿيو. اِسٽيشن جي ارد گرد ڪا رواجي هوٽيل ٻه نه ئي نظر آئي، ۽ ڪا غيبي چڪ ٻه اُڀري منهنجي من ۾! ستارام کي چيم، "ٿون مان هلون ٿا شهر ۾، سنڌي هٽ ٻه چگي تعداد ۾ رهن ٿا، مندر يا ڏرمسالا يا ٻئي ضرور ٺهرايون هوندائون، جي رات ڪاڻ لائق جڳهه ملي ته رات اُتي داڀو ڪنداسين." لڙي منجهند جا چار ٽيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪا سندي بستي ٽوڙو پڙوڙو هئي ، پنڊ ڪندا ويا سين . سندي بستي نه هئي ، جهڙو ٿهڙو سنڊ جو ڪو ڳوٺ هو . رستي تي ڪٽون وڇائجي ويون هيون ۽ پٽڙ ۾ پاڻيءَ جو ڇڪتاڻ ٿي رهيو هو ، ڪٽن وارو مڪان سنڊ ۾ ڪنهن زميندار / مڪيءَ جو ٿي لڳو ، رات ڪاڻ لاءِ موزون هو . ٻاهران ٽي لڳو پئي ، ڪافي ڪمرا آٿس ۽ ڪٽن وارو حصو اوطاق ٽي لڳي . اسان اُن پٽڙ جي سامهون هڪ ڪنڊ تي سندي پان ويڙيءَ واري وٽ ويا سين . سترام ۽ سگريٽ ورتا . هڪ مونکي ڏنائين ، هڪ پاڻ آگرين و ۾ جهليائين . ۽ پان واري کي چيائين ، " پائو ، ماچيس . " مونکي خبر هئي ته هن وٽ ننڍڙو سگريٽ ڀڪيٽ ۽ لائيٽر هو پر ڳالهه ڪيڻ جي لحاظ کان هن جو ذيان ڇڪاڻ لاءِ سگريٽ ونڻي ، هن کان ماچيس ورتو هو . هن ماچيس مان ٽيلي ٻاري ننڍڙو سگريٽ سلگائي رهيو هو جو پان واري ٻڌيس ، " اوهان گوبندرام مالهي آهيو ، هيءُ سترامداس روهڙا آهي . مون پوسال ۾ اوهانجو پروگرام ڏٺو آهي ، ضرور دادي ڪماري ڀگونتي ٽاواڻي بس اوهان سان هوندي ؟ هتي ڪئمپ ۾ پروگرام آهي ڇا ... ؟ "

سوالن جو سلسلو جاري رهيو . ۽ ظاهر هو ته هن مونکي سترام ۽ سترام کي مالهي پئي سمجهيو ، ۽ پروفيشنل ٽيڻ جي شروعاتي دؤر ۾ ائين غلطفهمي ٿيندي هئي ، ڪن ماڻهن کي .

سترام هن جا سوال نظر انداز ڪري چيو ، " هت ڪا سني ڏرمسالا آهي ؟ "

هُو ڇلانگ ماري آٿيو ، گلو ڇڏي ، ٽپ ڏئي هيٺ لٿو ۽ جنسي ڏوڙندو سامهون اوطاق اندر گهڙي ويو .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سترام چیو، "مالهي صاحب، اوچتو چا ٿیس؟ چگو ٻلو وینو هو."

مون کلي چیو، "راٹ هت پروگرام ڏیٹو پرندو؟"

سترام چیو، "ڏکٹا ڏینداٿ؟"

"شاید نہ، باقي کارائیندا پیارینداٿ ڏوٹي، رهائیندا سڻي نموني."

ٹیو ٻہ ائین ئي. سامهون اوطاق واري سڄي دادوٴ جي ڪنهن ڳوٹ جو مکي - زمیندار هو. ڪرڙ ڏيڻو پار ڪري ٻیاپي طرف وڏي رهیو هو، کهي سڻي هیس ۽ ڳالهائٹ مان بزرگي ٽپکي رهي هئي. هن چیو، "ٻلي آیا، جيءُ آیا، اسانجا وڏا پاڳ. ڪٹي لٹا آهیو... اوهان هت ئي وهو، کار ۽ دادي پگورتي ناواٹي ۽ بین کي وٹي ٹا اچون، راٹ سندي سنگیت جو ساڻ وٹایو، پنهنجو سندیشو سڻایو... صبوح جو گاڏيءَ ۽ چاڑهي ٹانگیکو ڪرڻ اسانجو ڪم. مون اوهانجو پروگرام ڏنو نہ آهي، اُن جي ساراه ٻڌي آهي، مالهي صاحب." هوٴ مون سان ئي مخاطب ٹیو، "مون سڌ ۽ ٻہ اوهانجو نالو ٻڌو هو، مان "نگین دنیا" مڙن گهرائیندو هوس."

ان وچ ۾ کار آئي، سترام وڃڻ چاهیو. "مون کانسواءِ ڪلاکارن کي سڄاڻندا ڪیئن."

سیٹ چیو، "پائو، کلاکارن جي سڄاڻپ سولي، ساز تہ هوندا ئي. ٿنهن سواءِ هڪ پیڻ ۽ گن پائرن جو هڪ هٹ هڄڻ. اوهان نہ ویندا تہ هوٴ کار ۽ سڻي نموني ایندا، دادي اڳیان، ٻیا پائر ٻڌیان."

سڌ جي ڳوٹ جي سیاڻپ اڄا زنده هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي سڃاڻي آيو، "ڪوٽا وارن کي تار ڪرڻ ڪهڙي نه آسان رستي تي آهيون."

سيٺ چيو، "تار نه ڪريون ٿا پر پهچندي اوهان جي ڪوٽا پهچي ڪاپوءِ."

ڪلاڪارن جي اپڙ تي، اُها خاطري ٿي گويا ڪنهن شاديءَ تي ويڇها عزيز آيا هجاسين - فرسان، سنبوسا، منائي، بسڪيٽ ۽ چانهه...

پروگرام ڏنوسين - رات جو نوين کان. ڪالوائيءَ ۾ پنڇاڙي پناهگير پهتا. "ڪ رسيا..." ۽ پانگڙا ٿي زالين مردين ٻڌيا، سندي زالون ڇڙ ڪان نڪائيندڙون رهيون...

سائي يارنهين زرين پلگ پاتوسين، ۽ پلگ بعد ڪلاڪار هليا ويا، ڪڪي آٽوگراف ڏيڻ ڪندي رهي ۽ اڌ اڇن وارن ۽ ٿورن گهنڊن واري منهن سان گرڙو استري اڇي منهنجي پرسان بيٺي، پڇيائين، "سڃاڻين ٿو؟"

مار، هوءَ پناڻي هئي. پٽرومڪس گولن جي ڇڪيءَ روشنيءَ ۾ مون هن کي منهن مان نه، آواز مان سڃاتو.

"سو نيٺ ڳولهي لڌو مانءِ."

نيم اونداهيءَ ۾ بس هن جي اکين ۾ چمڪ نمودار ٿي، پوءِ گنڀير ٿي چيائين، "تو مونکي کونه ڳولهيو، مان ننڍڪي خبر چار پڙهندي پڌندي رهي آهيان، اتفاق ملايو آهي، توکي مونکي." هن جو ٺهڪ فضا ۾ گونجيو. چيائين، "تون پاڻ چوندو آهين، اتفاقن کي ننڍڪي زندگيءَ ۾ معنيٰ رهي آهي."

چيم، "اتفاقن کي معنيٰ ئي نه رهي آهي، مهتو نه رهيو آهي، تون اتفاق سان ملينءَ، اتفاق سان الڳ ٿينءَ..."

هن هڪ هڪ لفظ تي زور ڏيئي چيو، "اهو سچ نه آهي." هن جو پناڻي پٽي جو رعب لفظن مان ظاهر ٿيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چیائین ، ”مان چاهیان ها ته زندگیءَ جي راه تي توسان گڏ هلندي رهان ها .“ پوءِ اڃا به گنڀير ٿي چيائين ، ”مان خوش آهيان ، جو ائين ٿيو . تون مون سان گڏ ايترو اڳتي وڌي نه سگهين ها .“

ڪڪي آلو گرافن مان واندي ٿي يا جند ڇڏايائين ، مهمانن جي انتظار جو سوچي ، چيائين ، ”هلون !“

مون چيو ، ”هيءَ آهي ...“

پناڻيءَ چيو ، ”منهنجي واقفيت جي نه ضرورت آهي ، نه اُن جو ڪو مطلب آهي . ۽ هيءَ پاڻ واقفيت جي محتاج نه آهي ، هيءَ توکان وڌيڪ مشهور آهي .“

مون چيو ، ”ائين چو نه ٿي چوين ته مان اَڄ ڪلهه هن جي ڪري جاتو سڃاتو ٿو وڃان .“

هن جي لفظن ۾ شرارت آئي : ”اِن ۾ ڪو شڪ آهي .“

”۽ اِهو مالهيءَ جي هڪ ناٽڪ جو نالو آهي .“ ڪڪيءَ ڪالهه بدلائڻ جي هنر پسرائڻ جو ٽيوٽ ڏنو . ڪڪيءَ چيو ، ”هلو ، اندر .“ هوءَ اوطاق طرف وڙي .

پناڻيءَ چيو ، ”نه ، مان هلان ٿي .“ اوچتو پريل گلي سان چيائين ، ”وري گڏجڻ پاڻ ٿي ...“ هوءَ هلڻ لڳي . مان اواڪ اوندهه ۾ ڏسندو رهيس ، هوءَ موٽڻ لڳي ! ويڇوا چي چيائين ، ”آسيس ڪر ، توکي گڏجڻ يا خط لکڻ ٿي دل نه ٿئي .“

مون مذاق ڪرڻ چاهي ، ”تقاستو .“ پر چئي نه سگهيس . ڪڪي به ٽوڙو هلي واپس آئي هئي .

هن چيو ، ”آسرو نام جو .“

هوءَ وڙي ، هلي ۽ اوندهه ۾ گم ٿي ويئي .

ڪڪيءَ پڇيو ، ”ڪير آهي ؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون گويا پاڻ سان ڳالهائيندي چيو، " صبوح جو گاڏيءَ
ر بڌائيندو سانءِ. "

اندر وسڪيءَ جي بوتل کان وڌيڪ ڪلاڪار منهنجو
انتظار ڪري رهيا هئا - هوءَ ان وچ ر راڄ جا ڪپڙا بہ پائي
آيا هئا.

ڪڪي سڏو گهر اندر گهڙي ويئي.

اُن زماني ر احمد آباد تان سنڌي پروگرام پورو ڪندي
سنڌيااڪا آشا منشارامائي چوندي هئي، "آسرو نام جو." اِهو
پروگرام اڪثر ڪنور رام جي گيت سان شروع ٿيندو هو ۽
ڪڪيءَ جي آواز سان پورو ٿيندو هو.

اِهو نام جو آسرو هڪ ڏينهن لاءِ هوندو هو، ۽ پناڻيءَ
جي نامُ جو آسرو - زندگي ر لاءِ بہ ٿي سگهي ٿو. مون دل
ر نراسائيءَ جو جذبو اُپرندو محسوس ڪيو ...

ڪڪيءَ کي مون پناڻيءَ بابت سڀ ڪجهہ بڌايو. پڇيائين،
" شادي چونہ ڪيؤ ؟ "

مون چيو، " شادي تہ مان پنهنجي مسلمان هاريءَ جي
نينگر زينوءَ سان ڪريان ها پر همٿ نہ ٿيم، بابا کي ڪي
چوڻ جي، اُن کان وڌيڪ وقت سان وڙهڻ جي. پناڻيءَ مان
تہ ڊپ ئي ٿيندو هو، اُن وقت. "

ڪڪيءَ ڪليو ۽ چيو، " جبري هئي، اهڙي ؟ "

مون گنهيار ٿي چيو، " جبري اَڄ بہ آهي، تن جي بدران
من جي. "

ڪڪيءَ ڳالهہ بدلائڻ لاءِ چيو، " شاديءَ جي معاملي ر
اوهان حد نصيب وارا آهيو. "

" اِن ر ڪو شڪ اٿيئي ؟ " مون پنهنجي ناڪ جو عنوان
صحيح چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ديوي، ڏيئرن ۽ پيٽ جا لاڏلا رهيا آهيو."

"لاڏلا" مون کلي چيو، "منهنجي ۽ منهنجي گهر وارن جي ناتي کي تو لفظ سان بيان ڪيو اٿيئي؟"

هن مرڪي چيو، "آخر سنڌي ڪنهن وٽ پڙهي هيس، اسڪول ۾؟"

مون چيو، "مان ته اهڙو موزون لفظ سوچي نه سگهان ها."

هن آڳاٽ شرارتي نوع ۾ چيو، "وديارٿي ماسترڪان هڪ قدم اڳتي."

مون چيو، "چوڪري، تون ته الائي گهڻا قدم اڳتي نڪري چڪي آهين."

هن گنڀير ٿي چيو، "اهو مان ڄاڻان ٿي، ٿورن اڻ ڄاڻ ماڻهن لاءِ، پوءِ ته ڪجهه نه ڪجهه وڌيڪ عقل اوهان وٽ باقي رهجي ئي ويندو. شينهن سمجهيو، بلي۽ سڀ ڪجهه سيکاريو آهي، ڪائڻ آيس ته بلي وڻ تي چڙهي ويئي..."

مون ڪڪيءَ سان ڪڏهن به گنڀير ٿيڻ اينگهايو نه، قري گهري منهنجي خود ٺڪائيءَ جي جذبي کي اوچ ڏينڊي هئي. چيم، "تون نند ڪر، مان ڪلاڪارن سان رهي راند ٿو ڪريان."

هوءَ سمجهي ويئي ته مان ڳالهه اٿيئي پوري ڪرڻ ٿو چاهيان. هن ويڻي ئي اکيون بند ڪري ڇڏيون.

۽ ڪوٽا اِسٽيشن تي مهمانن سان گڏ وڻ لاءِ ٻيٽا هڪا-اچٽتائي، ديدي، هنجي پيٽ ڪملا، ڏيءُ سيما ۽ ڪملا جو گهوٽ لچمڻ داس! ديديءَ کي مون اڳ لکيو هو، ڪوٽا مان ٻن ڏينهن لاءِ سڀ ڪلاڪار ڌاڙيءَ ايندا سين ۽ اُتان ئي احمدآباد پروگرام ڏيڻ ويندا سين. ٽڪيٽون رزرو ڪرائڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه لکيو هومانس . هن جي اڻالي سان ڪوڻا اڇا تي عجب نه لڳو ، هن جي ڪڪيءَ سان ملڻ جي اُتاولائيءَ کان بخوبيءَ واقف هوس ـ عجب اچنڀاڻيءَ جي ان اڻالي سان گڏ اڇا تي لڳم . موٽر ڪاريون ڏيڏيءَ ۽ اچنڀاڻيءَ جون ٻه هيون ، ڪلاڪارن کي ميزبانن جي موٽرن ۾ چاڙهيم . ڪڪي ڏيڏيءَ جي ڪار ۾ چڙهي ۽ مان اچنڀاڻيءَ سان ويٺس . ڪار هلڻ سان ئي اچنڀاڻيءَ چيو ، " دادا ، مان الهه آباد جي پروگرام جي دعوت ڪٽي آيو آهيان ، اُنان گوهاٽيءَ اچو ، اُتي ٻه پروگرام رکندس ۽ اوهانجي گهمڻ جو بندوبست ٻه ڪندس ." مون ڪجهه نه چيو . هن وري چيو ، " ڏهليءَ ۾ مان اوهانکي پنهنجي گهر هلڻ لاءِ نه چوندس . "

مونکي ٻه شرارت سجهي . چيم ، " ڇا اسين اوهانجي گهر هلڻ چاهيون ٿا ؟ " هن ڪليو ، چيائين ، " اوهان پاڻ ٻڌايو ، انڈو الله کان گهري هڪ اکر ، ملنس ٿي ، خوش ٿيندو يا نه ؟ "

مون اڳ ٻه سمجهيو هو ، هينئر هڪ دفعو وڌيڪ چٽو ٿيو ته هو ڏهليءَ ۾ ٻه اسان تي پنهنجيءَ دعويٰ کان دستبردار صرف اسانجي سهوليت سهنج ڪري ٿيو هو . ڏيڏيءَ سان هن جي عداوت اڳ ٻه نه هئي پر برمچڻ جي تمنا اڃا ٻه زنده هئي . تڏهن ٿا هن الهه آباد کان گوهاٽي اڇا ۽ اُن کي پڪو ڪرڻ لاءِ اُتي پروگرام ڏيڻ جي نيٺ ڏيئي اسانجي ڪاريه ۽ پنهنجي تمنا وچ ۾ ڳنڍ بڏي هئي ...

اسان ٿورو وقت اڳ هنجي ڏيءُ جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿي آيا هئاسين .

الهه آباد جو پروگرام ڪٽڻ ممڪن نه هو جو هن کان تاريخن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڪ تي ياد آيو ته اسان اڳ ئي اهي تاريخون کولهاپور ۾ ليل هڻاسين.

"ياد آيو" ٿو چوان جو مون اُن وقت ٿائين سڀ پروگرام يادگيريءَ مان هلايا هئا ۽ يادگيريءَ مونکي ڪڏهن دوکو نه ڏنو هو، ها، پروگرام وڌندڙ جي زور ۾ ار تي، ان کانپوءِ ٻه دفعا فون تي تاريخون ڊائريءَ مان نوٽ ڪيم، ٻه دفعا غلط! پر ٻڌي دفعا رهجي آئي. هڪ دفعو ڪلياڻ مان پائي هممت سنگهه جي ورسيءَ جو پروگرام هڪ تاريخ اڳ لکي ويئس، ان تاريخ جي اڳئين ڏينهن تي چتارام پڳٽ فيلشا هوٽل مان هليو آيو، ائين ئي. ڳالهه ڳالهه ۾ چيائين، "اڳ ڪنهن پروگرام / ورسيءَ جو ٻوڌ ٻڌواڻي صاحب سان ٻوندو هو، هاڻ اوهان سان ٿو پوي. مثال طور اسان سڀاڻي ڪلياڻ ۾ پروگرام ڏينداسين پر ورسي اوهان جي پروگرام سان پوري ٽيندي پرينهن ..." مون چيو، "اسانجو پروگرام سڀاڻي آهي." هن ڊائري ڪڍي تاريخ ڏيکاري، رهجي آئي. نه ته ٻه دفعا وڃڻو پوي ها. ٻڌي ٻهري جلگانءَ هڪ ڏينهن اڳ ٻهتاسين. مڪيه آرگنائيزر جيوڻ لال چيو، "پلي آيا. پروگرام اوهانجو سڀاڻي آهي. اَڄ ڏيڻ چاهيو ته مڪياري آهيو، ٻوءِ ٻي راتيون اوهانجو پروگرام رهندو، ٻيٽا اسان ٽن راتين جي ڏينداسين..." مون هڪ رات جلگانءَ ۾ ئي آرام ڪرڻ پسند ڪيو. ان چوڪ جو آڏر ڪوٽا جي پروگرام تي ٻيو. آئي هڪ رات پروگرام ڏنو، سو به سويل وارو جو اُن ئي رات ديلڪس ۾ رات جو ٻارنهين ٻجي جون ٻميءَ لاءِ ٽڪيٽون ورزود هيون. ڪوٽا وارن کي اڳتي هلي هڪ وڌيڪ پروگرام ڏيڻ جو واعدو ڪيم ۽ اُهو پورو ڪيم. پر ٻوءِ هيڪاري ڊائري رکڻ شروع ڪيم، گويا يادگيريءَ جي شڪتيءَ ۾ ڏران

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪيت کي آزمائط چاهيم، ڪا پل نہ ٿي.

آچنتاڻيءَ ڏهليءَ ۾ چيو، "ڏسجو ويٺا دادا، ڪام اڪثا اوهانکي ڳوهاڻيءَ آڻي ئي رهندي."

ڳوهاڻيءَ کان سڌ پنڌ باهر برهمپترا ندي وهندي آهي. ڳوهاڻيءَ جي اردگرد اُن کي ڪام اڪثا سڏيندا آهن. مشهور آهي تہ جو ڪام اڪثا پار ڪندو آهي، سو ڳوهاڻي ايندو آهي لنهن کي ڪام اڪثا ٻيهر ڪونيندي آهي.

اِن حساب سان ڪام اڪثا جي هڪ ڪوٽ مون ڏانهن باقي آهي، پين ڪڪي تہ اُن کان وڌيڪ شڪتيشالي ڪوٽ تي گهٽو گهٽو دور وڃي چڪي آهي. رهيو آچنتاڻي بہ ناهي. خير ...

آچنتاڻيءَ جي زوربار تي آسان چار دفعا گوهاڻيءَ و ياسين ـ الله آباد وارو ٽڪ نہ ٻيٺو، ٻوءِ بہ ڪن مهڻن اندر آسان گوهاڻيءَ و ياسين ئي. ڪلڪتي ۾ هڪ ئي وقت سنڌو ڪلا مندر جي وڏن ناٽڪن جو اُتسوَ هو، ڪلاڪار منڊل جو پروگرام بہ هو ۽ منهنجو سنمان بہ هو. يوٽ انسوسئيشن اِها پرمپرا ناهي ڇڏي هئي تہ هر ساهتيہ اڪادمي اِنعام ڪنندڙ کي گهرائي هن جو سنمان بہ ڪندا هئا ۽ هن کي روڪ رقم بہ ڏيندا هئا، ڳوٺريءَ ۾ يا لڪاڻي ۾. اِہ سال اڳ ايڪانڪين جي چٽاپيٽيءَ پيري هنن ڪرشن راهي ۽ ڪني سامتاڻيءَ جو سنمان ڪندي ئي پڏرائي ڪئي هئي تہ "مالهيءَ کي ساهتيہ اڪادمي اِنعام ملي نہ ملي، هنجو سنمان اڪادمي اِنعام ڪنندڙن جهڙو ڪندا سين." مونکي اِنعام مليو، مون کانپوءِ لال پشپ کي مليو ۽ اسان ٻنهي جو سنمان منگهارام ملڪاڻي، ملڪاڻي صاحب هٿان ڪرايائون ۽ پنج پنج سؤ روڪ بہ ڏنائون، اُن زماني پنج سؤ جي قيمت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَڄ کان گھٽو گھٽو وڌيڪ ھڻي. ٽڏھن جو اڪاڊمي اوراڊ پنج هزار ۽ اَڄ جي پنجويھن هزارن جي انعام کان وڌيڪ ملھائتو هو. مون لاءِ تہ اُھو چال چڏي، نندي ھڪ روم واري فليٽ وٺڻ ۾ واھرو ٿيو هو.

اَپنائڻي آسان جي ڪلڪتي پھچڻ کان اڳ ڪلڪتي اچي پھتو هو. اسانجو بندوبست ڪنھن سنڌيءَ جي شيدائيءَ اڳ ئي پنھنجي گھر ڪيو هو، اَپنائڻيءَ ڪنھن پڻي مٿر وٽ هلي رھڻ لاءِ چيو؛ آسان هيڪاري اَپنائڻيءَ کي پاڻ سان رھايو. سپ ڪلاڪار هن سان گڏھائڻيءَ ويا سين - پروگرام ۾ ڏنو سين، ڪاڏو سين پيتو سين ۽ گھميا سين ڦريا سين. مون لاءِ ولائتي بيئر جا ڏبا فرج ۾ پيا ئي هئا. گڏھائڻيءَ پھر اَپنائڻيءَ سان الله آباد جي پروگرام بعد ويا سين، اڳ شاديءَ جو پروگرام نہ ڪڻي سگھيا هئاسين، ھاڻ ساڳيءَ پارٽيءَ جو ايوان اندر مندر استاپن ڪرڻ جي مھورت جو پروگرام هو - ٽيھر (صحيح معنيٰ ۾ چوٽون پيرو) بنارس ۽ ڪلڪتي وچ پروگرام ۾ ڪن ڏينھن جي وٽيءَ ڪري ڪلاڪارن سميت گڏھائڻيءَ ويا سين. ديديءَ سان ريس پچائيندي اپنائڻيءَ مونکي ۽ ڪڪيءَ کي ٻين ڪلاڪارن کان ھڪ ڏينھن پوءِ هوائي جھاز ۾ اُماڻيو. اُن ڏينھن بارش زور سان پيئي هئي. مونکي اونو ھو تہ هوائي جھاز نہ رد ٿي وڃي. پروگرام تي نہ پھچ جي آندماڻ مونکي بيھد ستايو. پر ۽ ڪلاڪ ليٽ سھين، هوائي جھاز ڇٽو ۽ ڪلڪتي ۾ پست رھجي آئي. ڪلڪتي ۾ ۽ رستا پاڻيءَ سان ٻريل هئا ۽ لکمي ڪلاڻيءَ ڏري گھٽ گوڏي جيڏي پاڻيءَ مان ڪار ھلائي پنھنجي گھر آندو هو. سچ. ارجن ڏائيٽ ٻيري تہ آرڪيسٽرا فلمي دنيا جي هئي، صرف مان ۽ ڪڪي ويا هئاسين. رھڻ جو بندوبست اَپنائڻيءَ پنھنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀر آسانجي بہ واقف سڃڻ وٽ ڪيو هو. اُتان ئي گوهاٽيءَ وٽي هليو هو هوائي جهاز ۾ هوائي جهاز مٿي هفتي بعد پڌڻ آيو هو. اُتان اسان ڪلڪتي ميل ۾ واپس بمبئيءَ پهتا هئاسين. ۽ ان حساب سان هڪ پيرو واپس ڪام اڪثا پار ڪرڻ رهجي ويو. ڪلڪتي پوءِ بہ هڪ پيرو اچڻتاڻيءَ جي جيڙي ويا سين، ڪلڪتي ۾ ڦرندي ناواڻي نائيٽ جي سڃ پڃ ملهائڻ جي سلسلي ۾، اچڻتاڻي ڪلڪتي آيو ۽ اُتان اسان سان گڏ بمبئيءَ هليو آيو. اچڻتاڻي سڀئي پيرا گوهاٽيءَ ۾ سڪ پيار، آدرستڪار مهمانوازيءَ ۽ خاطرداريءَ ۾ ڪا ڪسر باقي نہ ڇڏي، ڪن حالتن ۾ هو ديديءَ کان بہ ان ۾ گهڻ ڪٿي ويو.

اسان ڪلڪتي مان اچڻتاڻيءَ سان گڏ گوهاٽيءَ نہ وڃي هيڪاري هن کي ساڻ ڪري بمبئيءَ هليا آياسين جو بمبئيءَ ۾ سريمد پڌرت گيتا جي ڪمسيٽن جي رڪارڊنگ لاءِ اسٽوڊيو اڳئي بڪ ٿيل هو - اهو چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو تہ ڪلڪتي وڃڻ ڪري اها رڪارڊنگ اسان اڏ ۾ ڇڏي هئي، ۽ جڏهن ڪمسيٽن جي رڪارڊنگ جو ذڪر نڪتو آهي، سهج سياڻ تہ سياويڪ ڪمسيٽن جي جڳت ۾ ڪيءَ جي گهڙڻ ۽ مڪمل ٿيڻ جي پيرائتي ڳالهہ ٿو ڪريان.

هيءَ گيتا جي رڪارڊنگ جي ڳالهہ ١٩٨٥ جي آهي، ڪيءَ ڪمسيٽ جڳت ۾ پرويش ١٩٧٧ ۾ ڪيو. ۽ اهو بہ محض اتفاق هو. جئن زندگيءَ جي ڪنهن بہ وڇهہ لاءِ مون ٻڌهڻي لاءِ ڪنهن کي بہ نہ چيو تئن ڪيءَ کي ڪٿي بہ وڇهہ ڏيڻ لاءِ بہ مون ڪنهن کي سڏيءَ يا اڻ سڏيءَ ريت ڪڏهن بہ نہ چيو، ڪيءَ مون کان وڌيڪ رضا تي راضي رهندڙ هئي، ڪنهن بہ خواهش تنهن ۾ بہ ائمبيشن کان ٻڌهہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آجي هڻي. هڪ گهڻگهرو پاڻ کان پاڻهي موڪ ڪمپنيءَ جي رکاردنگ مئنيجر هڪ بنگاليءَ چوڌريءَ سان ڪڪيءَ جي آواز جي ساراهه ڪري آيو. اُن زماني ۾ گرئموفون ڪمپنيءَ جي هڪ هٽيءَ واري ٽکيءَ، بابنديءَ ۽ بي رخيءَ واري روش کان گهڻا هندين جا گيتڪار ۽ گائڪ ۽ سنگيتڪار ناراض ٿي ڪنسيٽ ڇڏڻ ۽ خاص طور موڪ ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽر جين جي اردگرد چڪر ڪاٽڻ لڳا هئا ۽ چوڌري هنديءَ سان گڏ ڪن ريچنل پاشائن جي ڪنسيٽن جي حق ۾ به هو، هن مونکي به ڪانٽيڪٽ ڏيو ۽ گهر اچي بلڪل سولي سڌيءَ بوليءَ ۾ چيو، "بڌو الله، اوهان سنڌي ڪلچر، خاص طور سنڌي سنگيت جي بچاءَ ۽ ڦهلاءَ لاءِ پاڻ ٻوڙي رهيا آهيو، اوهان وٽ هڪ ٻيڙو آواز به آهي جو اوهان جي ڪاوڙ ۾ واهرو به ٿي رهيو آهي ته وڌيڪ ڪاوڙ لاءِ اُنساه ٻڌي رهيو آهي، ۽ اُها نامور ڪلاڪار اوهان جي محبت ۽ اثر هيٺ سنڌي ڪلچر جي بچاءَ لاءِ تڪليفن ۽ دقتن جي پرواه نه ڪري ٿيءَ ڏيئي اوهانجو ساٿ ڏيندي آهي، ڪو وقت اچي اوهان عمر وڌ ٿي گهٽو گهمي ڦري نه سگهو ۽ اُها گائڪا پنهنجو آواز عمر ۾ سلامت نه ٻه رکي سگهي - پوءِ چا، اهو آواز خاموش ٿيڻ ڏيندا؟ مادرن يگ ۾ مادرن ساڌنن سان اهو سنگيت جي بچاءَ ۽ ڦهلاءَ جو سلسلو هاڻي ڇو کين ٿا شروع ڪريو؟ - ڪنسيٽ جڳت ۾ اچو في الحال ٻه ڪنسيٽون ڏيو. منهنجي ڪمپني گرئموفون ڪمپنيءَ جيان راضي ٿي ته سمجهجو اوهان جي ڪاوڙ جي آئيندڙ جو بار منهنجو ٿيو..."

۽ رٽوڪ گهٽڪ، جنهن هندي ڪلچرل جڳت مان ڏکي مونکي ڪڍيءَ، ايشو ۽ مدن کي سنڌي جڳت سان نباهڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو آديش ڏنو هو، سو تازو سرير چڏي چڪو هو ۽ چوڏري به هن جيان ٻنگالي هو. مون ائين محسوس ڪيو، زبان چوڏريءَ جي آهي، ويچار رتو ڪ گهٽڪ جا آهن. مون لنمو پاشڪ چپ چاپ ٻدو ۽ چيو، " پل رڪاردنگ جون تاريخون طيءَ ڪريو. ان ڪمپنيءَ لاءِ آءِ ڈينهن بڪ ڪريو. سنگيتڪار ۽ سازيندڙن جو بندوبست مان ڪندس، سنگيتڪار ۽ سازيندڙن کي لوازمو ڈيڻ سان گڏ ڳولڻيءَ کي به واجبي اجورو ڈجو." هن چيو، "ٺنڪ يو، مالهي صاحب جي."

مون شام جو ڪمپنيءَ سان ڳالهه ڪئي، هن چيو، " سو هاڻ اوهان مونکي مئي پچائا به زنده رکڻ تا چاهيو."

مون چيو، سوار ٿي آهيان. توسان گڏ مان به زنده رهڻ تو چاهيان."

" اوهان پنهنجي وچنائن معرفت مئي پچائا زنده رهندا ئي."

مونکي شرارت سجهي. چيم، " موتيلال بنائيءَ جو رايو ڪونه پڇهيو اٿيئي، منهنجي وڏي مروڈي ۽ جيگري جاڳندي رهنا تون آهين ..."

هن جي اکين ۾ شرارتي چمڪ آئي چيو، " ان مرڪوشڪ اٿو؟"

۽ مون ان ڪمپنيءَ لاءِ بهترين مذاقي گيت، ساکيون ۽ لاڏو، پڇن ۽ ڪلام چونديا، سندي سنگيت جي ۽ وسعت ۽ گونا گونيت خيال ۾ رکي ۽ رام پنجواڻيءَ لاءِ جي ووکل ڪلچر جي سلسلي ۾ اهميت واضح ڪرڻ لاءِ پهرين ڪمپنيءَ جي شروعات پنجواڻيءَ جي پڇن "آپس تمهنجي دئار داتا" سان ۽ بئي ڪمپنيءَ جي پچاڑي ٻلهه کان اڳ پنجواڻي صاحب جي پڇن، " جهولي جهولي جهولي لال " سان ڪرڻ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃا آي. رڪارڊنگ ۾ ٽن ڏينهن لاءِ هن نموني طيءَ ڪئي. پهرئين ڏينهن ساڪيون، لاڏو ۽ مذاقي گيت، ٻئين ڏينهن ڪلام ۽ ٽئين ڏينهن ڇن. انشاق اهو ٿيو جو رڪارڊنگ ۱-۲-۳ فيبروريءَ تي رکجي وئي. وچ واري گهٽگهري ڇوڙريءَ کي ٻڌايو ته ۱ فيبروري ڪيءَ جو جنم ڏن آهي. ڇوڙريءَ وري چندرا اسٽوڊيو جي مالڪ ايڇنداڻيءَ کي ٻڌايو. رڪارڊنگ شروع ٿيڻ کان اڳ ڇوڙري موڪ ڪمپنيءَ طرفان شاهي گلدستو ڪيءَ کي پيٽ ڪيو ۽ ايڇنداڻيءَ اڳ گهرايل وڏو ڪيڪ ڪيءَ کان ڪٽارايو، ۽ اختيار سازيندڙن ڏن و جائي ۽ سنگيتڪار نارائڻ شيام ۽ ڪلاڪارن ڳائو:- "هيءُ برٿ ڊي ٽو يو." ڪيءَ کي ٻڌائي درس ڏيل هئي، ڏاڍو مٺي ٿي رکي، هٽ جوڙي مون اڳيان نمي ڇڏيو، "آسيس ڪريو" مون ۽ هن جي مٺي ٽي هٽ رکي ڇڏيو، "شل نهڙو آواز عمر پر توسان ساٿ ڏئي." ايڇنداڻيءَ ڇيو، هن جو آواز ته هڪڙي مٺي ٻڌاڻا ۽ سلامت رهندو." هڪڙي آواز کي مٺي ٻڌاڻا ڪئسيٽن ۾ سلامت رکڻ جي شروعات ان طرح ٿي، پهرئين ڏينهن جي رڪارڊنگ ٻيڪ سٽي.

۽ ٻئي ڏينهن صبوح جو ڇهين ٻجي ...

ٻنهڙي گهر ٽيليفون جي گهنٽيءَ ٻي اُٿي "هلو" ڪيم ته ڪيءَ جو گهگهو ۽ پريشان آواز آيو. "منهڙو گلو خراب آهي، رڪارڊنگ ڪئنسل ڪريو نه."

مان مونڇهاري ۾ اڇي وئس، سچو ڏينهن ساندهه ڳائڻ تي هڙو گلو گهگهو ٿي وڃو هو.

مونکي کو جواب نه ڏيندو ڇهائين، "چڱو، هيئن ڪريو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوي ۽ کان پڇي ٻڌايو ته گلي جي هڪدم ٺيڪ ٿيڻ لاءِ ڇا ڪرڻ ؟"

سالها اڳ ناگپور ۾ ڪنور رام جي ورسي ۽ م آواز خراب ٿيڪ ٿيڻ جي ڏهن سالن بعد ڪنور رام جي ورسين جي دوران ۾ ئي هنڌر آواز وري خراب ٿيو هو، جيئن ٽيئن ڪري ڪورس گيتن ۽ دوگانن سان، بنيادي ريت هنڌي پنهنجي همٿ سان چار پروگرام نباهيا هئا - احمد آباد ۽ ٻڙودي ۾. بمبئيءَ پهچي هن منهنجي پٽني ديويءَ کي فون ڪئي هئي، هن کي اڳ ئي خبر پئجي چڪي هئي ته منهنجي ڏاڏيءَ کان پدل ڏس ۽ نسڪا هوءَ ڪڏهن ڪڏهن آزمائيندي هئي. هن چيس، "املداس جو چاڻو آزماءِ، سندم سپنداس طبيب چاتيءَ م بلغم جي بڏجي وڃڻ ئي ڏيندو هو." ڪيءَ مون کان پڇيو، "املداس جو چاڻو چا ٿيندو آهي؟" مون چيو، "ڪنهن ٻڌايئ؟" چيائين، "اها گالهه ڇڏيو، اوچيرام پساريءَ وٽ ضرور هوندو، هينئر جو هينئر وڃي آڻو."

مان اوچيرام پساريءَ وٽ وياس، هوميوپٿي دوائن جو ڪو اثر هن جي گلي تي نه ٿيو هو، ان ڪري. اوچيرام جو ڪرڙوڙ وارث ويڙهو، سڏائيندو هو مونکي. چيائين، "چاڻو اُلهاسنگر م ڪنهن حڪيم کان ملجئي ته ملجئي، بمبئيءَ م خراب گلي ۽ چاڻيءَ لاءِ هيءُ علاج هلندو آهي." هڪ ڏندڻ جيتري سنهي ڪاري لٽ ڏسائي چيائين، جنهن لاءِ ڪپڙي ٿوري ڏوري ڏري چوسائيندس. ياد رکه ڪچراتي پساري هنکي چوندا آهن "جيري ڪا سيرا."

"جيري جو سيرو" ڪيءَ کي سالن جا سال چگو پاءِ ٻيو. پاڻ ئي ٻڌايائين ته اهو ڏس هنکي ديويءَ ڏنو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون فون تي ياد ڏياريو مانس ، ”جيري جو سيرو ... “
هن اڃ مڪمل ويچارن جهڙي آواز ۾ چيو ، ”اهو اڃ ٿو ڪري ... “

ديوي معاملو سمجهي منهنجي پرسان آڻي ويٺي هئي ، مون فون جو چوغو هن جي هٿ ۾ ڏمائي چيو ، ”ڪڪي آهي، گلو خراب آهي ، ڪو نسخو ٻڌائيس . ريڪارڊنگ ڪمپنيل ڏ ڏي ته سفو ، موو ڪوارن تي خراب اثر وجهندو.“ ديوي۽ چيو ، ”بڊ ڪڪي ، مان حاذق حڪيمياڻي ته ڪاڪ آهيان، سو وڏي۽ کان پڌل نسخو ٿي ٻڌايان۽. لاڏن ڳائيندي منهنجي۽ نڪان جو آواز خراب ٿيو هو هڪ ڀيري - منهنجي وڏي۽ سس چيس ، ”نوڪ پاڻي۽ جون گوڙيون ڪر ۽ گرم کير ۾ هيڏ چمچي وجهي پي۽.“ هن جو گلو ٺيڪ ٿي ويو ته مون بس اهين ڪري ڏس . ٻيو ڪجهه وڏو اثر ٿيئي ويساهه ... “

مان عجيب رشتن ناتن جي عجيب ڳنڍ تي حيران هوس - دادن ، ديوي ، ڪڪي .

۽ ٻيو کان ويسهه وڏو ٿي نڪتو . ڪڪي۽ اسٽوڊيو ۾ پهچي چيو ، ”گهڻو گهڻو فائدو آهي . ڪلاڪن بدران پنجن رڪارڊ ڪرايو اڄ . پهرين کو ڪورس وارو پنجن ڪڍو ... “

مون اسٽوڊيو جي مالڪ - رڪارڊ ست چندرا کي چيو ، ”ڪڪي۽ جو آواز بلڪل آهي، اڄ پنجن ٽا ونون “

هوءَ ضد تي ڇيائين ، ”پگونتي۽ جي آواز کي مان سچائي ويو آهيان، جيترو ڳائيندي او ترو هنجو گلو ڪلندو ، پهرين ڀل کو سؤلو ڪلاڪ چوند ... “

ڪڪي۽ ۽ توڪل جو ترهو ٻڌي ، ٻاڻ ۾ آندل هيڏ چمچي۽ وارو کير اڌ گلاس ڪن وري ٻيٺو ۽ شروع ٿي ويئي. ڪنهن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمڪ نہ پيئي تہ هنجو صبوح سوير تائين گلو خراب هو! اڳ
اِستيج هن سان اؤڪي ۽ رهائيندي آئي هئي، اَڄ استوديو ۾
نہ هن جي رهجي آئي.

گرئموفون ڪمپنيءَ جي اعتراض وٺط جي انديشي کان
ڀورين ڪنسيپٽ سينگاريو ۽ مان ريڪارڊ ٿي ڇڏي ڪاپي رائيٽ ۽
مناپليءَ کي قانوني طور تا معطل ڪائهي.

پوءِ جين هميٽ رکي پئي ڪنسيپٽون ٻميئيءَ مان ريڪارڊ
ڪيون. ڇڪي ڏوم مٿي ٻڌهي ڪنسيپٽن جي، هڪ ۽ مذاقي
گيت هٿا ۽ پڇن ۽ ٻيءَ ۽ مڪيہ ريت ڪلام هٿان. دما دم مست
قلندر ۽ جهولي لال جو ترانو ۽ ٻڌو.

مون سترام روهڙا کي ٻہ انهن ڪنسيپٽن ۽ ڪائنط جي آڇ
ڪئي هئي. هوءَ منڇ ٿي اتفاق سان ايندو هو، باقي
گرئموفون ريڪارڊن ۽ ريڊيو لاءِ ڪائيندو هو، فلمي ڇڪٽ مان
وقت ڪڍي. هوءَ ڪنسيپٽن ۽ ڪائنط لاءِ راضي نہ ٿيو-
"گرئموفون ڪمپني ناراض ٿيندي." ڇڏي مونکي ٻہ انديشو
هو تہ گرئموفون ڪمپني ڪيئيءَ تي ٻہ ڪو قدم کڻندي ۽/
يا هنجو ٻائڪاٽ ڪندي ڇڏي گرئموفون ڪمپني ٻہ ڪيئيءَ
جو آواز ريڪارڊن لاءِ ڪٽب آڻيندي رهي. مرلي منوهر سروپ
ڇيو، "مالهي جي، جيستائين مان ريڪارڊنگ مڪمل آهيان
تيستائين ڪوئنٽي جي ٽي ڪمپني کي قدم نہ کڻندي." اهو
هو ڪيئيءَ جي لوڪ پريتا جو پرتاپ.

ان پرتاپ جو اهو ٻہ اثر رهيو تہ ان بعد گرئموفون
ڪمپنيءَ جيڪي ٽورا ايل. پي. ريڪارڊ ڪيا تن ۽ ڪيئيءَ
جو آواز هوئي.

١٩٧٨ ۽ ٻہ دفعا وديش ياترا ڪئي سين - جولاءِ آگسٽ ۽
جپان ۽ هانگ ڪانگ ۽ نومبر ۽ گرو نانڪ جنم اُتسوَ لاءِ ڊبئيءَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيئي اڳ ۱۹۷۰ ۾ ٻه ويا هئاسين. ۱۹۸۱ وري دور ٻوڙ ۽ ۱۹۸۶ ۾ يورپ ياترا ڪئي - انهن وديشي ياترائن جو سرسٻو احوال زندگي رهي ته الڳ ڪندس. هت اهو چوڻ ڪافي آهي ته سنڌ - هند کان ٻاهر سنڌيت ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ چاهه گهڻو گهڻو وڌيڪ آهي. وديشن ۾ اهي سنڌين جي نجي ۽ نرالي سڃاڻپ جا نشان آهن ۽ وديشن ۾ سنڌين وچ ۾ پائيچارو ٻه وڌيل آهي، سنڌن ڪڏيل سوشل لائيف ٻه آهي ته هڪ ٻئي ڪي اوکي سوکيءَ ڪئب ٻه ايندا آهن - انهت ڏنڊي ۾ چٽاپيٽي ۽ چڙهت دخل انداز ضرور آهي پر حسد ۽ ساڙ پيچ گهڻو گهڻو گهٽ ۽ صرف ڏنڊي تائين محدود آهي.

ڪئسيٽ چڱت ۾ انڊيا ٻوڪ هائوس وارا وڏي ٻڌماني ۾ گهڙيا، هنن ڪئسيٽن ڪيڙ لاءِ الڳ ڊپارٽمينٽ کوليو، چڱي ٽريڊ نيئر ميدان ۾ آندو - امر ناڊ. اُن جو ان چارج هر گوبند ميرچنداڻي شاستريه سنگيت کي سلامت رکڻ جي حق ۾ هو ۽ هن سنڌيءَ ۾ ٻه جيڪي ڪئسيٽون ڪڍيون تن ۾ لوڪ سنگيت نه هو، مگر ڪمپنيءَ جي آرٽڪ نوازن لاءِ لوڪپريه گائڪن گائڪائڻ طرف نهارڻ ٻيو، سڀاويڪ هو نه هوءَ ڪيءَ ۽ هنجي ڪري مون ڏانهن متوجه ٿئي. مون سنگيتڪار طور سڃي. لکميچند ڪيو. سنڌي سنگيت چڱت ۾ هيءَ ٿي موڙي ٻه ياد رهندي - گائڪا، سنگيتڪار ۽ پيش ڪندڙ. مون اُمراڻ طرفان سنڌي سنگيت جي وڏائيءَ جا هڪ ٻئي پٽيان چار ڪئسيٽ ڪڍيا. اُن بعد مونکي سڪمي سنگيت ۾ رڪارڊ ڪرڻ جو ويچار آيو، شايد ديديءَ سان امرتسر ڏسي اچڻ جو من ئي من ۾ زنده اڏر هو اهو. سي. لکميچند جي مهنت، ڪيءَ جي آواز ۽ ضيا صاحب جي سليس سنگيت ميٽر واري انواد واقعي سنڌي چڱت کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آمر سوغات ڏني ، سڪمڻي ڪمپنيءَ جي روپ ۾ ، نوجوان رميش ٽمگواڻي جي پٽا جي جڳهه هند الیکٹرانکس معرفت گهٽي ۾ گهٽا رڪارڊ وڪامندا هئا. رميش جو ڌيان ڪمپنيءَ طرف کڄيو ۽ هن به سنڌيءَ ۾ ڪمپنيءَ جي شروعات ڪئي ساڻ ڪئي. مان آمرناد ساڻ گڏ ٻيءَ ڪمپنيءَ ساڻ جڙڻ جي حق ۾ ڏاڍو ديڙ ساڻ مڙيس - سو به ڪئيءَ جي وقت به وقت جوان جي ساڏه چاهنا ۽ ٻيرن پرڻ تي ، جڳهه هند الیکٹرانکس سان ناتو جوڙيو ۽ نباهيو. هن ٻيري مون ڀرين چار ڪمپنيٽ طيءَ ڪيا - پڇڻ جو ، لاڻ جو ، ڪلامن جو ۽ ڊسڪو گيتن جو. ڪئيءَ ۽ منهنجي آڻوٽ سوڪار جي دائري ۾ لڪمچند به هر شريڪ ٻڌيو رهيو. ميرچنداڻيءَ جيان رميش به گيتن جي چونڊ ۽ ڪمپنيٽن جي ترتيب لاءِ مونکي هر طرح خود مختيار ڇڏيو.

۽ گيتا ، سڪمنيءَ جهڙي ۽ جيتري ڪامياب نه رهي ، مونکي هڪ ڪارڻ سڃيو ؛ سنڌين ۾ گرواڻي گيتا ڪان وڌيڪ لوڪپريه آهي ، ڪرن ۾ سنڌين جو صدق سلامت رهندو آيو آهي. لڪمچند کي ٻيو ڪارڻ سڃيو ، ڀيا دلگير ڪان وڌيڪ سليس به آهي ۽ سنگيت ميٽر سان نباهيندڙ آهي.

سڪمني سڪ سان پوري ٿي ، گيتا جي رڪارڊنگ شروع ٿي ته ڪئي جس لوڪ ۾ داخل ٿي ...

ڪئيءَ جي جس لوڪ داخل ٿيڻ ڪان اڳ ، درحقيقت آمرناد وٽان ڀرين ڪمپنيٽ لاءِ تاريخن طيءَ ٿيڻ جي دوران ۾ منهنجي پٽني ، ديوي راهه رباني وٽي رهندي رهي. عجيب رشتن ناتن جي عجيب زنجير جي ڀرين ڪڙي ٽٽي پيئي ، تنهن بعد ٽٽڻ جو ڪو يا سلسلو شروع ٿي ويو.

ويجهڙائيءَ ۾ هڪ وديشي مدبر جو انهو انگريزيءَ ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Building of Nationalsim gets erected on Domestic ruins. ” ڳهرو جيون جي کنڊهرن تي قومي / جاتي جيون جي شاهي عمارت اڏبي آهي.“ هر ديش جي ڪيترن وڏن اڳواڻن جي ڳهرو جيون قوميت جي ويدي‌ءَ تي سواهه ٿي ويندي آهي. اِن ر ڪوشڪ نه آهي ته ماڻ شاديءَ کان اڳ ئي ، درحقيقت نند پٽ کان ڳهر کان ٻاهر مشغول رهيو آهيان. پارٽ ۾ اڇٽ بعد جڏن پوءِ تڏن مون گهر ۾ گهروارن سان ٿورا، اڇا ٿورا ٻل ڪاڻيا آهن ، تن مان به گهٽا آرام ۽ لکڻ پڙهڻ ٻلي ڏنا آهن. پوءِ به منهنجو گهر کنڊهر نه ، آدرشي ۽ گهٽو ٽٽو رشڪ لائق رهيو آهي - اِن گهرو جيون کي سنڀالڻ سنوارڻ ۽ لهرن لوڏن کان بچائڻ ممڪن مکيه ريت گهرڏياڻيءَ ڪري ئي ٿيو.

ديوي قومي لهر ۽ آدرشي جيون واري ماحول ۾ پروورش پاتي - هن ئي گهٽوٽٽو ٻنهنجي وڏي پاڻ پروفيسر ٿهلراءِ ٻلواڻيءَ جو اثر رهيو جو قومي پاوڻا ، رضا تي راضي رهڻ ، ڪنهن کي نه ڏکوئڻ ، جنهن تنهن سان ٻلائي ڪرڻ ۽ گسي - پيسي هلڻ جي بزرگن، هم عمر وارن ۽ نند ن کي هدايت ڪندو رهيو آهي. ديوي‌ءَ ۾ اِهي گڻ حالتن ۾ مرڻي پاڻ کان به وڌيڪ پرڻي ويا جو بنيادي ريت آدرشي پارٽي ناري بڻجي ٻيڻي. هن پرماتما جي پوڄا به ڪئي مگر مان سمجهانڪار مان هن لاءِ پرڻوءَ کان وڌيڪ ٻيارو هوس.

۹ جون ۱۹۴۱ ع تي مان هن سان وواهه جي بندن ۾ بڌس ۽ اُن مهڻي جي ٻڌاڙي‌ءَ ۾ مان سويي گيانچنداڻي‌ءَ جي صحبت ۾ آيس. صوفيزم جو اثر اڳ ئي هو- هڪجهڙائي ۽ برادري پاڻ جو حامي اڳ هوس ، ڏيري ڏيري مارڪسواد جو رنگ ٻڌ چڙهڻ لڳو. سويي مارڳ درشن ڪيو ۽ ديوي‌ءَ اُن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارگ تي وڃڻ لاءِ چوٽ ئي نه ڇڏيو ، گهرو جيون جي فرض کان مڪمل ڪري ڇڏيو ، ۽ گهرو جيون جا حق سلامت رکيا، هر طرح ۽ هر وقت .

هن تي مون لاءِ هڪ بي سفارش بر يا عمر حاوي رهي- منهنجي پيءُ دادن جي شادي ڪري وڃڻ تائين هوءَ منهنجي پشت و پناهه رهي هئي. منهنجي آواره گرديءَ کي هن وس و رندي منهنجي پيءُ ، ماٽيلي ماءُ ۽ پاءُ پاڻائيءَ کان لڪائي رکيو، منهنجا ڏوهه پاڻ تي ۽ ثواب منهنجي حوالي ڪندي هئي ، ۽ ديويءَ جي پنهنجي اعتراف موجب شاديءَ واريءَ رات ئي ڏٽرن مڙس ۽ مون وٽ ڇڏي وڃڻ واري وقت اندر ئي دادن ، اُن وقت منهنجي پاڻائي هنکي امان وڏي سڏيندي هئي ، ديويءَ کي پاسيرو ونڊي چيو ، ” منهنجو پاءُ پيار جو ٻکيو آهي ، منهنجي ماءُ جي امانت آهي . تون هنکي ماءُ خواه پيءُ جي امانت سمجهج . تون هنکي پيار ڏج ، ميار ڏيڻي هجيئي تہ مونکي ڏج .” دادن کي ٻہ دنيا ڇڏڻ جا پورن پيا . ڇڪجي کڻي هنجو ٻچيءَ جي ٻي رڻي ۽ غلطفهميءَ ڪري جيئڻ مان موه نڪري ويو تہ ٻہ حيدرآباد وڃڻ کان اڳ ناروشاه اچي ديويءَ کي چئي ويئي ، ” منهنجي اڙ ٻنگ مگر لاڏلي پاءُ جي پارت اٿيئي ... ”

ديوي ءمنهنجون گهيون پيشيون نظرانداز ئي نہ ڪيون، انهن بابت شڪايت ٻہ نہ ڪئي. ها ، ڪڏهن ڪڏهن ڪلي چوندي هئي تہ ” مرڻ واري تہ هلي ويئي ، ميار ڪنهنکي ڏيان ؟ ”

گهر ڪنڌ هر نہ ٿيو ، ڪوٽ ٻڌيو رهيو ، ٿڪ لاءِ آرام گاهه ، ٽراس جي آس ، دنيا جي زخمن جو ملهم ۽ آٿاهه جو سرشار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چشمو - اهي غير معمولي ۽ جڏهن ڪڏهن درڪار نعمتون مونکي گهر مڙي ملیون. مان پنهنجي ڏيئرن کي جڏهن ڪڏهن چوندو آهيان - نديڪ مر منهنجي پيءُ ڪاريو، جواڻيءَ ڏانهن قدم رکندي دادن ڪاريو ۽ جواڻيءَ کانوئي ديويءَ ڪاريو. هاڻ ٻڌاڻي مر ڇا ستڙ وارو آهيان ؟

ڏيئرن وري پنهنجي مڱي ماءُ جي امانت سمجهيو آهي مونکي، اهڙو پاڳ ڪنهن ورلي کي نصيب ٿيندو آهي.

ديويءَ مونکي ٿي پيار نه ڏنو، منهنجي مڙيني پنهنجن ۽ پيارن کي پيار ڏنو، هنکي پراوڻن کي پنهنجو ڪري ڇو ڏاڻُ ٻ رهيو.

جهڙي هوُءَ مانسڪ طور پرڀل هڱي ٽوڙي ٿي سڀڙڪ ريت هوُءَ درڀل هڱي. منڌ کانوئي هوُءَ سو رنهن آڻا صحتمند نه هڱي. قبضي وڏندي وڏندي موڪن تائين پهتي ۽ گڏس وڏندي وڏندي اؤگرائين سان هنکي گويا دائمر المريض بڻائي ڇڏيو. گهر جي جوابدارين ۽ ڪمڪار کان هن نڪاپو ڪونه، هن جو ائلوپٿيءَ کان وڌيڪ هوميوپٿيءَ مر وشواس رهيو - پوءِ ٻ هوُءَ ائلوپٿيءَ جي ور چڙهي ٿي ويندي هڱي - پهرين ڪامريڊ هاسارام راوتاڻي هنجو خاص ڊاڪٽر رهيو، هنجي آمريڪا هلي وڃڻ بعد موهن چڱاڻي آخرين دم تائين هنجو ڊاڪٽر رهيو. موهن کي هن پٽ جهڙو پيار ڏنو ۽ هن ٻ ساڻس توڙ تائين نباهيو. وچ ٿي هڪ ڪهڪگهري هنکي سينٽ جارج اسپتال مر ٻ پراڻي ڪرايو. ۽ اُتي خبر پيئي تہ هوُءَ ڪينسر مر مبتلا آهي. اُنان کانوئي هوُءَ جيئڻ جو موهه ڇڏي ۽ نرموهي ٿيڻ لڳي، پر منهنجي پروگرامن مر اڃائين جيان دلچسپي وٺندي رهي. هڪ ڏينهن لاءِ وڃان يا هفتي لاءِ يا وڌيڪ هوُءَ مڪمل وڃا نمبر وار ٻاڻڻ لاءِ ٻگهر مر نه اهي وڃندي هڱي ۽ جنهن شيءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وستوءَ جي ضرورت پوڻ جو امڪان هوندو ، اُها بہ ٻگر يا ٽيلهي ۾ ناهي وڃندي ، ڪپڙن جي چونڊ نہ مون ڪيئي ۽ ڪئي ، نہ ٻاهر . درحقيقت اُنهن جي خريداري بہ مون پاڻ ڪڏهن نہ ڪئي . ديوي نہ رهي آهي ، پوءِ بہ هن جا منهنجي سهوليتن لاءِ ناهيل دستور سلامت آهن .

ٻاهر جا پروگرام وڌندا رهيا ۽ ديوي ساڻئي نموني ٻگر ۽ ٽيلهو تيار ڪري مونکي ڏيندي رهي - گهر کان ٻاهر ٽڪرڻ تي هميشہ جيان بالڪنيءَ ۾ ليڪي مرڪي موڪلائيندي رهي . منهنجو ساهہ ٽنگجي پوندو هو ، ڪيئي ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن ڪلاڪار يا آرگنائيزر کي ڪا سڌ پوڻ نہ ڏني . ڪي آرگنائيزر جي منهنجي پرپٽ منهنجي گهر اچي ٽڪرندا هئا - اُهي اڪثر چوندا هئا ، " مالهي صاحب ، اوهانجي پرپٽ اوهانجي گهر خاطرداري وڌيڪ ٿي ڏيندي آهي . ڪي ڪجهائتا آرگنائيزر بوريوليءَ تي لهي منهنجي گهر ايندا ۽ ديويءَ کان منهنجي پرپٽ بہ انگوڇو ٽوال وٺي سنان پاڻي ۽ نين ڪري وينداهئا. منهنجي هوندي جو حجاب هوندن سو ديويءَ جي پنهنجائي جي ورتاءَ ڪري لهي ويندو هون .

مون شورائريءَ جو پروگرام پهرين امراوتيءَ لاءِ ڪنيو ، پوءِ رائپور جي ڀرسان ٽلدا جا جوان گهر ۾ ڏرنو ماري ويٺا . مان آناڪانيءَ تي ، هنن ديويءَ کي چيو ، " دادا کي اوهان سمجهايو نہ ." ديوي ڪڏهن پروگرامن جي ڪٽ نہ ڪٽ جي ڪرسي ۾ نہ ڦاٿي ، هن ڀيري چيائين ، " جوانن جي مرضي رکو نہ . اوهانجي سنڌيت جي ٻڙيءَ جا اڃي پوءِ اهي ئي رکوالا ڏيندا ." مونکي ڳاڻهہ دل سان لڳي ، مون پروگرام ڪنيو ۽ اُن بعد مون نوجوانن جي پروگرامن کي اڳرائي ڏيڻ شروع ڪئي .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽلدا م پھتاسين ٽ پاٽا پاڙا جا جوان آيا. ٽلدا پھريون دفعو آيا ھڪاسين ۽ پاٽاپاڙا اڳ ڪڏھن نہ ويا ھڪاسين ، مون پھرين ٽ موت جون ٽڪيتون ھڪ ڏينھن اندر رزرو ڪرائڻ لاء چيومان ٽ ھنن ٻڌي ڏينھن رائپور ڪوٽا مان گوبند مالھيء پارٽيء جون پنجن سليپرن جي رزرويشن جي سلپ ڏيکاري ، ٻ ڳالھيون ان مان ھڪ ئي وقت سڌ ٿيون ، باھر جي سنڌين جي ھلندي پڇندي ۽ سنڌن خود اعتماد ٽ ھوءَ مونکي پروگرام لاء مچائي ئي رھندا. مون چيو ، " نيڪ آھي ، مونکي گھر فون ڪرڻ ڏيو ، ڪيءَ ۽ ڪلاڪارن جي گھر وارن لاء خاطريءَ جو تياپو ڏيڻ ڏيو ... " فون ڪيم ، آواز پشپا جو ھو. چيائين ، " مما بيحد بيمار آھي ، اوھانجو ڏنل فون نمبر لڳي نٿو. آنٽي نانکي چوي ٿي ھنکي فورن اسپتال م پرتي ڪرايو ... "

مان باکل مٺجي ويس. چيم ، " اوھان ڊائريءَ مان فون نمبر ڏيي چيلارام سونيءَ کي فون ڪريو. جملوڪ م داخلا جو بندوبست ٿي ويندو ، مان جلد از جلد پھچڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو ... " رائپور لاء ٽڏھن اڄا ايڏو سروس نہ ھئي ۽ ڪيتري ٻ ڪوشش سان ناگپور مان ويندڙ ھوائي جھاز تي پھچڻ ممڪن نہ ٿيو ، ٻئي ڏينھن صبوح جو ئي ڪلڪتاميل م بھتي اچڻ ممڪن ھو. پاٽاپاڙا پروگرام ڏنو - دل تي پٿر رکي ، شو مست گو آن. گھر پھچي سڌو اسپتال ويس ته ديويءَ چيو ، " سنان پاڻي ۽ نيرن گري سانھ ستيءَ سان اچو ھا نہ ، مان اوھانجي پريت مرڻ واري نہ آھيان. مون کوبہ ياري ڏوھہ نہ ڪيو آھي جو اھڙي ياري سزا ملي. " اھو ھو پارٽي ناريءَ جي روپ م ھنجو وشواس.

چئن ڏينھن بعد ڇٻور م وڃڻو ھو - ائي ٻہ شورائريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سلسلي ۾ ڪي پروگرام هو، شوارٽيءَ کان ڏهن ڏينهن پوءِ! ڪيءَ چيو، "اوهان نه هلو. اوهان کانسواءِ جڏهن ۾ سٽن اٽن هزارن ٻڌندڙن اڳيان پروگرام ڏيڻ آهي امتحان - سو به جهرو ٿهڙو نه. پر اوهان جي آسيس سان ڏيڻي ڇڙهندا سين."

ديويءَ کي ڪنهن ٻڌايو، هنڇو آپريشن به ڏينهن اڳ ٿي چڪو هو. چيائين، "نه پاڻ ڪمزور ٿيو نه مونکي ڪمزور ٿيڻ ڏيو. ٻه ڏينهن آهن، موهن (چمڪاٽي) آهي، نانڪي (پائٽي ڊاڪٽر) آهي. ۽ هاڻ ته نانڪي به آهي، سڀ کان وڌيڪ مان وڃڻ واري هوندي س ته اوهانکي ڪيڏانهن وڃڻ ئي نه ڏيندي س. منهنجو قسم اٿو، پروگرام ٿي وڃو. ڪيي اڃا ايڊيءَ لائٽيءَ نه رسي آهي جو اوهان ڏاران پهلڪ پروگرام ڏئي ..."

ها، هن جي هڪ مراد پئي هئي، اسان وڏي ڏيءُ شويا اڪلائي گنگا سنان ڪيو هو. جمنا سنان، نندي ڏيءُ کي ڏينهن ڪلهي چاڙهڻ باقي آهي.

هوءَ اسپتال مان ڪٽي ڇٽي آئي پر ويئي پوءِ ٿي پوندي. پوءِ ٻاهر جي پروگرامن لاءِ ٻگهڙ ٿيلهو تيار ڪندي، بالڪنيءَ مان مرڪي موڪلائڻ لڳي. هڪ ڦيرو ٻيو آيو هو، هوءَ هٽ سان ٽاٽا ڪرڻ به لڳي هئي!

۲۷ جنوري ۱۹۸۰ تي ٿي پروگرام هئا اسانجا، صبوح جو سادي ڏهين ٻجي ڪي. جي. ڪلناڻي اسڪول ماهيم ۾، هڪ ٻجي ڪار ۾ ڀاءُ ٽيل هو ته سادي ٿين ٻجي دادر مان ناسڪ لاءِ وڏي ٽئڪسي ڪري پنج ٻي ڪلاڪار گڏ ويندا سين. رات جو ڏهين ٻجي شاديءَ جي ٻڪيءَ جو پروگرام هو. اُن زماني ۾ پروگرام زوري مڙهيا هئا، اسان مڻان، ۽ چاڪاڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ڪڪيءَ جي زندگي ۽ ڳائڻ ساڳي ڳالھ بڻجي چڪا ھئا۔ ڏورانھين اڳيان جھڪڻو ئي ڪين پيو۔

۲۶ جنوريءَ تي اسانجي سوسائٽي ڪمپائونڈ ۾ سال بسال ٿيندڙ ھارن جي راندين ۾ ديوي ھلڪل سرھي ھئي۔ ھيٺ لھي ويٺي ھئي اڇي، سوسائٽيءَ جو چيئرمين مان ھوس، شام جو پائٽيءَ جو ٻہ چڪو آءٔ پاءٔ ۽ ھن سان گالھيون بولھيون ڪيائين۔ ۲۷ صبوح جو ھوءٔ بستري تان اُٿي ڪانسہ، ليٽي رھي ۽ لڳو پئي اڳڻ ۾ سور اڇس۔

مان سنان ھاڻي ڪري تيار ٿيس، ٽيرن ٻہ منھنجيءَ ڀيٽ مونکي آڻي ڏني۔ ناسڪ لاءِ ٿيلھو ٻہ تيار صوفا ڪم بيڊ تي رکيل ڏٺم۔ پر ديوي جا ھوندءِ وقت جي پابنديءَ لاءِ تاھوت لڳائيندي ھئي، اُھا خاموش ليٽي پئي ڏانھن نھاريندي رھي ھئي۔

مون سادي نوين ڀڄي ڪڪيءَ کي ڏون ڪيو، "ٽون ھاڻ ٽڪسي ڪري ساڻ ڪٽي ماھيم وڃ، پروگرام ڏون ڪجو... ديوي جي طبيعت ٺيڪ نہ آھي... ڪيتري؟ چوڻ مشڪل آھي... ھڪ پروگرام نباھيو، ان وچ۾ خبر پئجي ويندي، گڊ لڪ۔"

ديويءَ جي ڏکڻ درد جو اندازو لڳائڻ واقعي ڏکڻ ھو۔ ھن کا دانھن ڪوڪ نڪي ڪئي، ڪنڀي ڪرڪي ٻہ نڪي، پر ھن جي ڇھري جي ڀاڙن مان لڳو پئي تہ ھن کي ٽڪليف گھٽي ھئي۔

موھن آيو، سڀي ٻہ ھٽي ويو ۽ گورين ٻہ ڏيئي ويو۔ چيائين، "ٽنگن ۾ سور وڌندڙ اٿس۔"

مون سان ھوءٔ ھلڪل خاموش ھئي، سڀيءَ بعد پڇيومانس، "ڪيئن ٿي پائڻين؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇهيٽي آواز ۾ چيائين، ”سور گهٽجڻ لڳو آهي.“ هن پاسو پٽ طرف بدليو.

مان سمجهي ويس ته کو فائدو ڪونه ٿيو آهي.

آرتوار جو ڏينهن هو اِهو. بنهي ڏيئرن کي موڪل هئي. شوپا پنهنجي گهر هئي، پشپا پهرين ٻلواڻيءَ جي ڏيءُ ڊاڪٽرياڻي نانكيءَ کي فون ڪئي. هن پاڻ وٽان کي گوريون گهرائڻ لاءِ چيو. ائين ٻ چيائين، ”ضرورت سمجهو ته مان پاڻ اچان.“ ديويءَ چيو، ”هُوءَ چا اچي ڪندي؟ هڪ ڊاڪٽر موهن ئي ڪافي آهي.“ پشپا پنهنجي پيٽ کي ڪوٽي آئي. هُوءَ به ماءُ جي حالت ڏسي پريشان ٿي ويئي، هُوءَ بيٺي پير ئي پاندرا مان نانكيءَ کان گوريون وٺڻ ويئي.

ديويءَ جي منهن مان ظاهر هو ته هوءَ سور کي لڇڻ ڦٽڪڻ تي به ضابطو رکي رهي هئي.

ڪڪيءَ جو پهرئين پروگرام بعد فون آيو. چيومانس، ”بدتر حالت اٿس، ٻيون پروگرام ڏيئي فون ڪجو.“

موهن وري آيو، ان وچ هن ڪنهن وڏيڪ هوشيار ڊاڪٽر سان صلاح ڪئي هئي، ظاهر هو ته ديوي صرف موهن سان پنهنجي حالت بابت سچ سلي رهي هئي، موهن ٻين سڀني هنڪي لڳائي، چئي ويو، ”اڌ ڪلاڪ بعد گلوڪوس چاڙهيندو سانس.“ ڇڏهن موهن وري آيو ته مون بيماريءَ جو هن کان پڇيو. هن چيو، ”اُها ئي آهي، جيڪا مون سمجهي پئي - سوريسد جانڊس. سائي چوڙيءَ دواران ظاهر ٿيڻ بدران رت ۾ هلي ويئي آهي ...“

مان ڪجهه چوان ڪي چوان، هن چيو، ”گلوڪوس بعد ڏسون ٿا. جي بدن جي سؤر ۾ فائدو نه ٿيو ته هنن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڪسپورٽ ڪي گهرائين، هڪ سان مون فون تي گفتگو ڪيو آهي ... "

هوءَ گلوڪوس ٻ چاڙهي ويو.

وري ٻ فون تي ڪڪيءَ ڏي ڳالهايو. " ديوي هينئر ڪيئن آهي ؟ " مون چيو. " چيترو پوڳي ٿي ، اوسر لکائي نٿي. اوهان ناسڪ وڃو، اتان فون ڪجو ... " مون فون جو چوغو رکي ڇڏيو. مونکي خبر هئي ، مان روئندس يا نه ، هوءَ روئي پوندي ، هنجو گلو پرچي آيو هو.

سايا ٿي لڳا هوندا ، گلوڪوس جي بانل پوري ٿي چڪي هئي ، ديوي ڪافي سرهي ٿي لڳي. ائين مرڪي مون طرف ڏٺائين ، جڙ چئي رهي هئي ، " ڪيئن ، روڪي رکيو ٿي مانڙ نه. "

اوچتو هوءَ اٿي ويٺي، چيائين، " سنداس م وڃو اڄ. " هن اٿي ٻيهر جي ڪوشش ڪئي. پٺيا هنکي ڊوڙي اڳي سنڀاليو ، هن کيس بستري تي ٽي ڪجهه ٻ ڪرڻ جو چيو. ٻئي کي تڪليف نه ڏيڻ جو ضد اڄا ٻ سلامت هو، هن جي من م. پٺيا هنکي سنداس ڏانهن ونڻي ويئي. هوءَ اتان اٿي، ڪمري طرف آڻي ٻئي ٿ هڪ ڪوڙي رڙ هن جي وات مان نڪري ويئي ، هوءَ پٺيا جي سهاري باوجود ، ڪرڻ ٿي هئي جو مون هنکي سنڀاليو. رندڪي مان ٻيڙ ٻ اڇي ويئي. ٽنهي سنڀالي صوفاڪم ٻيڊ تائين هنکي آندو. مون ويڻي، هن جو منڍو گوڏن تي رکيو مس ٿ هنجون ٻي جان اکيون منهنجي منهن م ٽي ڪڇي ٻيهي ويون. مون کان رڙ نڪري ويئي : " الا، هيءَ ڇا ٿيو ؟ "

مان اڇي روئڻ م چٽڪيس ...

ڪي ڏينهن پوءِ سوچيم - عجيب آهي هيءَ دنيا ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن ۾ ٻـ استري پـرش کان پـربل آهي ، ٻاروتن کان ٿي ، تنڊزو هوس ، ماءُ وچائي هيم ، تڏڙيءَ دادن روئندي مونکي ٻرچايو هو . ماءُ جي وچائڻ بعد پشپا ۽ شوپا روئي نه رهيون هيون مونکي ٻرچائي نه رهيون هيون ، منهنجي پيٽ روئي نه رهي هئي ، موت بعد جي رسمن کي نه منهن ڏيئي رهي هئي !

۽ ائين نه سوچيندو رهيو آهيان ، اکثر ، " هوءَ ٻـوئين ڏينهن ئي مونکي پـروگرام تـي وڃڻ ڏئي ها ته مان پاڻـکي ڪڏهن به معاف ڪري نه سگهان ها . پـوءِ پارٽي ناريءَ جي اها تمنا پوري نه ٿئي ها ته هوءَ سهاڳ جـي هٿن ۾ ساسين سکالي ٿي ... "

هنکي دنيا مان کوچ ڪرڻ جا ٻرون ٻڌي وٺا هئا نه ته مونکي ائين روڪي نه ويهاري ها .

ڪڪيءَ کي اڻڻا ٻرون کي سال ٻـوءِ ٻيا ، ۽ اهي کي سال هوءَ مشغولين جي چڪرويوهه ۾ منهنجي همراهه ٿي نه رهي ، وڏيڪ کان وڏيڪ ڪاريه جي مقصد کي ٻنهنجو به سمجهندي رهي ۽ اُن سان اڳ به وڏيڪ شخصي چاه سان نباهڻ لڳي .

ديـويءَ جي همميشه همميشه هلڻي وڃڻ جي ٻاڻهي واري ڏينهن اَمرنـاد وارن کـي ڪڪيءَ جـي ٻهرين رڪاردنگ لاءِ ويسترن آئوٽ ڊور اِسٽوڊيو ملهيو هو - اُن ڏينهن لاءِ ، هنن وٽ مهنو ڪن ٻيون تاريخون خالي نه هيون . ڪڪيءَ اِن وچ ۾ ٿي ٻيا ٻيلڪ / خانگي پروگرام مون کانسواءِ نباهيا هئا ۽ هاڻ مون کانسواءِ ٻهريون دفعو ڪنسيٽ جي رڪاردنگ نباهڻ جي تياري ڪرڻ لڳي . مون ٻهرينءَ ڪنسيٽ "تنهنجو ئي آڌار" لاءِ ٻڌن جي وڇوڙ فون تـي ڪڪيءَ ۽ لکميچند کـي ڏني هئي ؛ رڪاردنگ واري ڏينهن تي صبوح جو سايڊي اَئين ٻڌي لکميچند ٻاندرا مان ئي ٽئڪسي ڪري ڪڪيءَ کي استوڊيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڻي ويو، ڪڪيءَ فون تي مون کان "آسيس" گهري ورتي.

مان اُن ڏينهن ڇڻين ڀڄي شام جو اسٽوڊيو مر پهتس، ست ڀڳن رڪارڊ ٽي رهيا هئا، ۽ رڪارڊ ست لکميءَ سان ڪڪيءَ جي آواز ۽ ادائگيءَ سان گڏ هن جي استئمينا (اندرين شڪتي) جي ساراه ڪري رهيو هو. لکميءَ چيو، "مان هن گائڪا کي ڪونيندو آهيان هٽر." اوچتو، مون تي نظر پوڻ ٽي رڪارڊست کي چيائين، "هي‌ءُ آهي هن يونٽ جو هرتا ڪرتا ..." ۽ ڪڪيءَ جوابداري کڻي وڻڻ تي مونکي چست ۽ قوت ٿي نه لڳي، مردانگي لڳي. اچانڪ مونکي ملڪاڻي صاحب جا ڪلڪتي مر ڪڪيءَ جي سنگيت پروگرام ڏينڊي اهي لفظ ياد آيا، "مالهي، هيءَ نازڪ نينگري تو هاڻ مڇي مڙس ٿي پيئي آهي."

۽ سنڌي ايڪانڪيءَ جو اَبو، ساهت - سنسڪرتيءَ جو پاسبان ملڪاڻي صاحب اُن ڏي سال ۱۹۸۰ جي ڊسمبر مر راهه رباني وڃي رمندو رهيو. سنڌي ساهت جي دعاگو شخصيت ۽ سنڌي ساهتڪارن - ڪلاڪارن لاءِ اُنساه جو سرشار چشمو منگهارام ملڪاڻي ساهتيڪ ۽ سنسڪرتڪ برادريءَ مر ڪنهنجو اُستاد ٿي رهيو، ڪنهنجو پيءُ ٿي رهيو، ڪنهنجو وڏو ڀاءُ ٿي رهيو. هوُ هر ڪنهنجو خير خواه هو ۽ ساهتڪ سنسڪرتڪ ناڻن کي شخصي ناڻن مر بدلائڻ مر جهڙس ٻيو ڪو ورلو ٿيندو.

۱۹۸۰-۸۱ مر ڪڪيءَ جو ڇڪجي ڪڍي راڳ سان روزمره جو ناتو جڙي ويو. پروگرام، آڪاشواڻي، دور درشن، رڪارڊ، ڪنسيرٽون ۽ ريهرسلون. ان وچ مر لنبي ويديش ياترا هانگ ڪانگ (ٻهر) منيلا، تائپئي، سينگاپور، جاڪرتا ۽ بانڊونگ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گري آياسين. ڪڪيءَ جي منهنجي پرٿ سينگاپور جي مکيہ آرگنائيزر ارجن پران سان "سازش" ڪري آئي منهنجو ايڪهنون جنم دن شاهي ڪيڪ ڪٽط سان ۽ "هڪي برٿ ڊي ٽو يو" ڳائط سان سينگاپور ۾ ڏاڍو ۾ سان ملهايو ويو، ۽ اُن ئي سال ڪيرت، ديال موٽواڻي، هنس ۽ مست جي زور سار تي سون پالينتاڻا ۾ سڀا جو پريزيڊنٽ پد قبوليو هو.

سنڌي سياسي ۽ سماجي ڪيتر ۾ پارليامينٽ ميمبر بڻط بعد آچاريہ ڀگواندیو گمنامي ۽ سان روشنيءَ ۾ اچط تي اُنهن ڏينهن ۾ خوب چمڪيو هو، هن منهنجي سنگيت پروگرامن ۾ دهليءَ ۽ بين هند سنڌ ۽ سنڌيت جي فصيح زباڻيءَ سان حمايت ڪرط ۾ شروع ڪئي هئي. پالينتاڻا ساهت سميلن جو مهورت هن کان ڪرايو ويو هو ۽ سميلن بعد هو، ڪڪي ۽ مان هڪ ڪار ۾ احمدآباد آيا هئاسين ۽ اُتان ئي هوائي جهاز ۾ دهليءَ ويا هئاسين. ويسٽن واري سنڌر وچاڻيءَ جي پٽ جي شادي هئي، ڪڪي ان سڀر ۾ گهٽو ڪٽو خاموش هئي. آچاريہ ۽ مان ڳالهائيندا رهيا هئاسين - ورلڊ سنڌي ڪانفرنس جو ويچار اُن وقت آچاريہ جي دماغ ۾ گهسيو هو. ۽ اُن کي حقيقت بنائط لاءِ مون هن کي سنڌين جي رهنمائيءَ لاءِ گڏيل (ڪليڪٽو) اڳوانيءَ جو آئيڊيا ڏنو هو. ڪي سال پوءِ دهليءَ ۾ اهو ورلڊ سميلن اڏو گاديري ڪاميابيءَ سان ٿي گذريو. مان ۽ بيا ڏري گهٽ سڀ ناميارا ساهتڪار ان ۾ شريڪ نہ ٿيا. ڇڏجي، اسان ان جو بهشڪار ڪيو ۽ ڪڪيءَ ۽ سنڌر وچاڻيءَ ۽ بين طرفان زور بار تي شرڪت نہ ڪئي. منهنجي ڪري ئي نہ پنهنجي ڪري ٻہ هوءَ سياسي اڳوانن طرفان ساهتيڪ ۽ سنڪرتڪ ڪيترن ۾ دست اندازيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق م نہ هئي. جيتوڻيڪ ڏهليءَ م هوندي آچاريہ جي لوڪ سڀا م سندين تقرير ڪرڻ تي هن جي ٻنگلي تي مونکي ۽ ڏيڏيءَ کي ساڻ ڪري خاص گلدستو پيش ڪرڻ هلي هئي، ۽ گلدستي پيش ڪرڻ جو ويچار هنکي پنهنجي سر آيو هو!

۱۹۸۰-۸۱ جي مشغولين جي چونڊيءَ واري ٻن سالن م ڪکي بيحد خوش رهي - من ڪري ۽ چاڪاڻ تہ هوءَ من جي اڇا شڪتيءَ سان ئي تندرست رهندي آئي هئي، هوءَ محنت ڪري ٻ سرهي لڳندي هئي. الائي گهٽا پيرا چيائين، " اوهان مون م جيئڻ جي موهه کي اُجاگر ڪري رهيا آهيو." سکمنيءَ جي ڪُسيٽن نڪرڻ تي تہ هوءَ گويا قولي ٿي سمائي. هن کي جڙ تہ پر لڳي ويا، ويتر جو لکميچند چيس، " ڀگوانتي، توسان گڏ دادا ۽ منهنجو جنم ٻ سڪيارٿو ٿيو آهي." مونکي ياد آهي، خوشيءَ وچان هنجون اکيون اشکبار ٿي آيون هيون!!

پنجواٽيءَ جو ستر جنم نومبر ۱۹۸۱ م ملهايو ويو تہ ڪکي بيحد خوش. هنکي صرف اهو ارمان هو تہ اُهو محدود جڳهہ م گهٽجندڙ حاضرين وچم ملهايو ويو هو، جيئڻ جو هنجو پنهنجو موهه برقرار هو ۽ ان ڪري هوءَ ۱۹۸۱ جي ڊسمبر م اسپتال جو لڪ سولائيءَ سان لنگهي چڙهي.

ڊاڪٽرن اهو لڪ هن لاءِ پنهنجي جيون جي ڳاڙهي ڀٽين اتفاقن م من ڪري مهانگي م مهانگو هو.

اُن ڊسمبر م شادين جي ڏوم هئي ۽ اسانجي هڪ هٽي زور هئي. اوچتو ڪکيءَ ساهہ کڻڻ م دقت محسوس ڪرڻ شروع ڪئي. عجب اهو تہ پورو گرامن م ڳائيندي هنکي ان دقت جي سمڪ ٻ نہ رهي. هڪ آرتوار تي مها لکشميءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ساڏيلي ڇو پروگرام سان مون کان وڌيڪ ڪيئي ٻيا مڙهيل ويا. اُنهي هنڌي ڪتب جو گهرو واقف ڊاڪٽر موهن ڪلياڻي ٻاڦي نڪتو. ڪيئي ڇيو، "ڊاڪٽر موهن سان صلاح ڪريان ؟" مون ڇيو، "ڀل." ٻئي ڏينهن سومر تي ڪلياڻيءَ جي اسپتال ۾ ويا سين. هن ڇيو، "سڀاڻي هارت سپيشلسٽ ڊاڪٽر للا جو هندو جا اسپتال ۾ وارو آهي، ڏيکاريوس. هروپرو ڊڄ جي ڳالهه ڪانهي." اِهو سومر هو ۽ جمع ڏينهن اسانکي پورٽ انسوسئيشن طرفان منائجنگ واريءَ "پگونتي ناواڻي" نائيٽ ۾ نهرو وٽ لاءِ نڪرڻو هو، هڪ گهٽگهرو، ڊاڪٽرن ۽ اسپتالن جي پوري خبر چار ۽ اڌ رکندڙ ڪيئي وٽ اچي ويو، منڇهند جو هُو ٻه ڪلڪتي هلڻو هو. ڇياڻين، "سڀاڻي ڇو، اڄ ئا ڊاڪٽر للا جي پرائيويٽ ڪنسلٽنگ روم ۾ هلون." مان ٻه هنن سان گڏ ويس، مان ٻاهرين روم ۾ ٽوسيس، پندرنهن ويهن منٽن کانپوءِ ڪيئي ۽ گهٽگهرو ٻاهر نڪتا. گهٽگهري ڇيو، "ڊاڪٽر ڇوڪرو، "هينئر جو هينئر جس لوڪ ۾ پرائي ٿئي، مانيٽر ٿيي جاچ ڪري، ان ڏينهن اندر علاج ڪري هنکي ڊسچارج ڪندس، پڙ ڏينهن اسپتال کان ٻاهر ۽ جمع ڏينهن ڪلڪتي."

ڊاڪٽر جس لوڪ ۾ فون ڪئي ۽ اُنان ٿيي ڪيئي ٻنهنجي پاڻ ايشوءَ کي به فون ڪئي، ڪيئي، مان ۽ گهٽگهرو جس لوڪ ۾ پهچي ويا سين، مانيٽرمشين ٻه ڪيئي جي ڪمري ۾ لڳي ويئي، اوچتو گهٽگهري کي ويچار آيو ته هن ڪمري ۾ مت مائٽ، ٻيا واقف گهٽا ايندا انٽينسو ڪيئر يونٽ ۾ هڪ بيڊ خالي آهي، اُتي ٿو بندوبست ڪريان، ڪيئي ۽ مون کلندي کلندي موڪلايو.

ان رات ٿي ڪيئي سپ نه ماري سڀ جو سراپ ماري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي کھاوت جيان سچ ڀچ بيمار ٿي ويئي. انٽينسو کيئر يونٽ ڪري ملاقين تي ته بندش هئي، منهنجي هن سان گهٽي ڳالهائڻ تي پابندي رهي، ۽ اهو سچ ٻه سڌ ٿيو ته طبيبن جي تات نه ڀڳي ۽ اسپتال اچڻ پنهنجي مرضيءَ مطابق هجي نه هجي، انکرڻ پنهنجي وس ۾ نه آهي، ڊاڪٽرن سنپورڻ جاچ لاءِ ٻن ڏينهن بعد انٽينسو کيئر يونٽ مان ڪڍيءَ کي ڪڍي ٻه هڪ هفتو اسپتال ۾ رهايو ۽ ان وچ ۾ ڪونٽي ناواڻي نائيٽ ۾ ڪڍي، مان ۽ ڪلاڪار ڪاڪتي وڃي نه سگهياسين.

ڪڍيءَ جي اسپتال ۾ رهائش جي دوران ۾ ئي ڊاڪٽر چيو، "ڪڍيءَ کي ڏيڻي هوندي سو رنهن سالن جي عمر ڏاري ٽائفائيڊ ٽيپ ٿيو هوندو، تڏهن هن جي گوڏن ۾ رميٽڪ پين (واءِ سور) پيو هوندو، اُن جي اثر هيٺ دل جو هڪ والو Valve (پردو) سوڙهو ٿي ويو آهي، رت جو وهڪرو سولائيءَ سان نڪو ٿئي، ان جو آپريشن ٿيندو." جڏهن ڊاڪٽر چيو، "ان آپريشن مان بچڻ جو سيڪڙو؟" چيائين، "پارت ۾ هونءَ پنجاسي سيڪڙو، هاڻي ٻانوي سيڪڙو، آمريڪا ۾ ڇهانوي ستانوي سيڪڙو آپريشن ڪامياب ويندا آهن."

ڪڍيءَ هڪ وڌيڪ سوال پڇيو، "آپريشن مان بچڻ نه بچڻ جو سوال نه آهي، مان آپريشن بعد ڳائي سگهندیس، اُئين ئي، جيئن هاڻي ٿي ڳايان؟ اهو ڇا سؤ سيڪڙو ممڪن آهي؟"

ڊاڪٽر چيو، "اها گئرنٽي توکي آمريڪا جو ڪو ڊاڪٽر ٻه نه ڏيندو."

ڊاڪٽر جي هلڻي وڃڻ بعد ديويءَ جي سامهون ڪڍيءَ وڏو ٽهڪ ڏنو. چيائين، "مان آپريشن نه ڪرائيندیس،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُن مان بچڻ جو سؤ سيڪڙو آسرو نه آهي ، ان ڪري نه ، ان ڪري جو ان سان سؤ سيڪڙو ڳالهه جي خاطري ڏني ملي . "

ديدي ، ڪيئ جي پاڻ ايشوءَ ۽ مون ڊاڪٽر سان هڪي ڪنسلٽنگ روم ۾ ڳالهايو . هن چيو ، " آپريشن هروپرو هيئڙ لازمي ڪونهي ، اڳتي هلي ڪرائجو ضرور . " وڌ ۾ چيائين ، " اڃين ته ڪجهه ڏري گهٽ نارمل آهي . "

ڪو مائٽ هن کي ڳالهه کان منع نه ڪري ، اُن لاءِ ڊاڪٽر کان اسپتال مان ڊسچارج ڪارڊ تي لکائي ورتائين ته "هيءَ پروگرامن ۾ ڳائي سگهيندي . " روبرو ڊاڪٽر چيس ، " ٽڪ محسوس ڪيئي ته هڪدم ڳالهه بند ڪجاءِ . " ڪيئ کلي چيس ، " ڊاڪٽر صاحب ، ٽڪ نه ڏئي ته پل اڳتين جيان ڳائيندي رهان . " پوءِ ڪنڌ ڦيري چيائين ، " ڊاڪٽر صاحب ، جنهن ڏينهن مان ڳائي نه سگهيس تنهن ڏينهن مان جيئڻ نه چاهيندس . "

هڪ ٻن مهڻن بعد هن جو ڊاڪٽر بدليو ، هوءَ هاڻ پاڻ جي پاڙيسري هارٽ اسپيشلسٽ جوان ڊاڪٽر پرڪاش بالاڻيءَ جو علاج ڪرڻ لڳي . هن ٽين ٽين هفتي ايڪسرين جي خاص انجيڪشن هڻائڻ لاءِ چيس ۽ رت جي وهڪري کي جاري رکڻ لاءِ خاص گوريون ڏسيون . هن آپريشن لازمي نه سمجهيو ، ڳالهه تي به نه روڪ ڪانه وڌي ، ويتر ڊاڪٽر پرڪاش هوميو پٿيءَ جي خلاف نه هو ، بايو ڪيمڪ جي حق ۾ به هو . ڪيئ جي بيگهي مٽي .

مگر مان ڪير جو سڙيو ، ڏڌ ۾ ڦوڪي ڏيڻ لڳس . پروگرام گهٽائي ڇڏيم ، ٻن سالن بدران ٽن سالن جي وٽي وڃڻ شروع ڪيم ، پروگرام ٻن قسمن جا ڪٽڻ لڳس هڪڙا جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌيت جي لهر جي ڇاڪ ۽ ڦهلاءَ لاءِ بلڪل ضروري هئا ۽ ٻيا اُهي جن لاءِ زور ٻار بيحد گهٽو هو- سفر جون سهوليتون هر آرگنائيزر کان ورتم. ڪيءَ لاءِ هوائي جهاز، جي ايئر سروس هئي نه ته سيڪنڊ ڪلاس، اي. سي. يا فرسٽ ڪلاس پروگرام ديرم ديرهه ڪي ڏاڪا تائين، آرگنائيزرن کان ٻهرين ئي لکائي ونڊ لڳس، اُن مر ڊل ڪي ٻاڪ ڏيندي هئي. "اڇا مان ٽڪي ڪٽي آهيان؟ ميلو اڇا متو هاڻي آهي. ماڻهو الائي ڪٽان ڪٽان ڪهي آيا آهن." ۽ مان ٽوري ڊل بعد واڳ ڇڪيندو هوس، ٻئي ٻارائيندو هوس- ائين چئي، "راند رس مر ڇڏ ڪپي، ميلو متل ڇڏ ڪپي."

۽ سفر مر ڪي مونکي سنڀاليندي هئي. گهر وارن ۽ ڪلاڪارن طرفان منهنجو سلامت رکيل رئيسهڻو ڪيءَ ٻ برقرار رکيو، هاڻ جو اسان ٻه ٻين کان الڳ سفر ڪرڻ لڳا هئاسين، هوءَ اڪثر منهنجي لفظن کي اُبتو ڦيرو ڏيئي چوندي هئي، "اِستيج اوهان سنڀاليو، سفر مان سنڀاليندس."

مون ڏهليءَ وڃڻ ٻ وڌائي ڇڏيو- کي پروگرامن ڪري ۽ ڪي صرف ڏيڊيءَ جي ڪري. اُتي ڪيءَ کي سريرڪ طور آرام ملندو هو ۽ مانسڪ ريت تسڪين پوڻيندي هئي، وڏي ڳالهه ته ڏيڊيءَ جي صحبت مر ۽ هن سان وڙهندي ڦهندي، رسندي پوڇندي ڪيءَ جو ڇيڙ سان موهه سلامت رهندو آيو.

اچڻتاڻي ٻ ڪيءَ جي اسپتال مان نڪرڻ بعد ٻمبئيءَ آيو هو، هن گوهاٽيءَ اچڻ جي تڪليف ڪيءَ کي ڏيڻ نه چاهي خاص ڪري جڏهن مان دوردراز هندستي وڃڻ ڏنو هو، هوءَ جلد جلد ٻمبئيءَ ٻنهنجي هڪ ڏيءُ وٽ ٻاندرا اچي رهڻ لڳو، ڪيءَ کي هن جي آئي ٻ آڻت ملندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ دفعي ڏهليءَ ۾ اسين چار ئي ڏيڏيءَ جي گهر گڏياسين - ڏيڏيءَ ٻڌايو جملو ڏهرايو، " مني، ڏسجانءِ ويني، مان دنيا مان ٿڌهجي ڏسندي ڏسندي اُٽي ويندس." ڪڪيءَ ڪجهه نه چيو، مان به چپ ويٺو رهيس. اچنڊاڻيءَ چيو، " ڏيڏي." هوءَ ٻه هاڻي موهنيءَ ڏانهن ڏيڏي چوڻ لڳو هو. " تون سورنهن آنا صحتمند آهين. هن ڇوڪريءَ ۾ ڪهڙين منهنجو ئي نمر آهي. مان گورين جو ٻڪ هر روز وٺندر آهيان." ڪڪي گنڀير ٿي ويئي. چيائين، " اوهان ٻنهي اهڙي آشپ ڳالهه ڪيي تہ مان ناراض ٿي ويندس."

مون ڪلي چيو، " اسان چار ئي جيئڙ جو ٻڍو لڪائي آيا آهيون. ڪڪيءَ گنڀيرتا سان چيو، " جيئڙ ٽوڙو يا ڪهڙو، سڪيارٿو هڃڻ ڪپي." مون ڳالهه ڪي اتيئي روڪڻ لاءِ فيصل ڪن نموني چيو، " اسان مان ڪنهن جو به جيون اڪيارٿو نه رهيو آهي."

منهنجي من ۾ پڙاڏو ٿيو، " اڪيارٿي سڪيارٿي جيون جو ماپو هر ڪنهن لاءِ ساڳيو نڏو ٿئي." مان انڊور ٻڌي ويس. اڪيارٿي سڪيارٿي جيون جي ڳالهه ڪي سال اڳ ڪڪيءَ ڪڍي هئي ڪرشن ڪٽواڻيءَ جي اڳيان، اسانجو انساني رشتن ناتن جو ٻيون انوکو ٽڪنڊو هو. مون ڪرشن کي پيار ڏنو هو، ڪڪيءَ هنکي عزت ڏني هئي - ڪرشن مونکي سنيهه ڏنوهوءَ هن جو ڪڪيءَ سان موهه هو. انڊور ۾ اسانجو آرام گاهه رهيو، ويساهين رهيو، گهر کان باهر گهر رهيو. ڪڪي، مان ۽ ڪرشن ساڳيءَ ويولينٽ تي رهياسين اڪثر. ڪڪي اسپتال مان نڪرڻ بعد جڏن پوءِ تڏن اسان ٻنهي جي لفظن کان وڌيڪ چاهنا انوسار آئم نريڻ ۽ خود وشواس واري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿڪي پيئي. ان وچ ۾ ۱۹۸۰-۸۱ ۾ ٽائين سنڌي ووڪل ڪلچر ايجاد ڪي لهر وڏي آن جي ڦهلاءَ جو سيلاب ٻڏي هئي. جيڪو ميلا وڏيا هئا، اوڪڙا ڪلاڪار نه وڏيا هئا - ۽ هونءَ به ڪلا جي ڪيترن لوڪپريه کي وڏيڪ وڇوڙ ملندا آهن. ورسيون ۽ ميلا ٿي ٿي، آن کان وڏيڪ راتيون نه هلندا هئا ۽ هلندا به رات جو ڏهين کان ڏينهن چڙهڻي ٽائين هئا. ٽن ڇڻ مکيه ڪلاڪارن / ٽولين جو هرهڪ ميلي ۾ هڪڙ لازمي هو، ۽ مون اها به ڪوشش ڪئي ته اسان ڪلاڪار ٽڪرجون نه ٽا، سهڪار ٽا ڪرون. اڄ ڪڙي ماڻ ڪوشش ڪري آهي ميلا يا ميلن جا آهي ڏينهن پروگرام نه ڪڏيو هوس جتي ساڳيءَ طرز تي پروگرام ڏينڊز ڏائڪ يا ڏائڪائون هجن. ايڪڙ ٻيڪڙ پروگرامن کانسواءِ. ۽ مون اها به پرداخت ڪئي ته گهٽ ۾ گهٽ اسان ڇڙهت ۽ غير صحتمند چٽاپيٽيءَ کان ڪناڙو ڪندا رهون. ڪڪي ته اڄ سلسلي ۾ ٻهرين حڪم جي بندي رهي ۽ ٻوءِ سؤ في صدي سهمت رهي، ڪلاڪارن جي سهائتا ۽ سهڪار ۾ ڪڪي مون کان اڳڙي رهي - ماڻ سنديس ٽڪ ۽ پريشانيءَ ڪري نڪائيندو هوس ته هؤءَ چوندي هئي - "اوهان پاڻ ئي چوندا آهيو، اسان ڪلاڪارن جي ٻڌڻجي برادري آهي." ڪلاڪيٽر جي بن وڏن مهارٽين ماسٽر چندر ۽ ٻڌڻواڻي صاحب ۾ هڪ قسم جي رقابت جي پاوڻا هئي، نتي سنڌن جنم اڏسوُ جلسن ۾ ڪامن فڪٽر اسان هئاسين - البت ٻڌڻواڻي صاحب سان گڏ پروگرام به ڏيڻ جا موقعا ملندا هئا - ٻڌڻيءَ ۾ ۽ ٻڌڻيءَ کان ٻاهر. ۽ ٻولي ۽ سنسڪرتي ٻچائڻ جو ڪارڀار ساڳيو هو.

ڪڪي اسپتال جو لڪ لڳهائي ٽئين سر زندگيءَ سان نيهن جو ناتو نڀائڻ لڳي. جڏهن هند الیکٽرانڪس طرفان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملهايل پگوتي ناواڻي نائيٽ ۽ هنجو اُتساه ۽ چستي چوٽيءَ تي هئي. پنجواڻي صاحب اُن پروگرام ۾ سهڪار ڪندي چيو، "پورنماسيءَ جو چند گرهڻ ۾ ڪٿو آهي، اُن جي چمڪ ڏمڪ وڏيل ئي آهي، شل اُن کي وري گرهڻ نه لڳي." اُن ئي پروگرام ۾ قدرشناسيءَ طور ملهيل رقم وياج تي رکي ڪڪيءَ پنهنجي ماتا لڪشميءَ جي نمت هر سال ڪنهن نه ڪنهن ڪلاڪار کي انعام ڏيڻ جي پرائي ڪئي.

ماسٽر چندر جو پڇهڙ جنم ڏن آچار ۽ پگوانديو جي سرجوشيءَ سان ملهايو ويو هو ۽ اُن جي صدارت لاءِ هن پاڻ کان وڏيڪ مشهور پارليامينٽ ميمبر پشپال ڪپور کي آندو هو. ماسٽر چندر جي جائز ساراه ٻڌڻ بعد هن ماسٽر جي زباني ڪو گيت / ڪلام ٻڌڻ چاهيو. ماسٽر جڏن ٽئن هڪ ٽڪ ڳائي چيو، "گلو نٿو هلي."

ماسٽر چندر لاءِ شرڌا ڪڪيءَ کي منهنجي صحبت ۾ اچڻ کان اڳ، ڪاڏي نديي هوندي کان هئي.

اِن پروگرام ۾ ماسٽر چندر جي هڪ گيت سان عقيدتمندي پيش ڪري ڪڪي پنهنجي گهر پهتي ۽ مان هن وٽان نڪرڻ لڳس ته جنسي مونکي پيرين پوندي چيائين، "آسيس ڪجو، منهنجي اهڙي حالت نه ٿئي. مان مرڻ گهڙيءَ تائين ڳائڻ ٿي چاهيان." هن جنسي ٻاڌايو، "دعا ڪريو نه." ماسٽر چندر سان همدردي ڪندي هوءَ گويا پاڻ تي قياس ڪرڻ لڳي هئي. وري چيائين، "جڏن ڪنور رام صاحب هڪ ميلو مچائي ٻئي ميلي ڏانهن ويندي ساسين سڪالو ٿيو، تڏن مان بيحد ڳائيندي هلي وڃڻ ٿي چاهيان." مون چيو، "چوڪري، تنهنجي به ڪنور رام جيان رهجي ايندي."

ماسٽر چندر لاءِ هنکي جا عزت هئي، اُن جو اندازو اِن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واقعي مان اڳائي سگهجي ٿو: ان کان ٿورو اڳ اسان ڪوٽا وِيا هئاسين، نيون هڪ بانيڪار سڀ جي گهر هئي. نيون ٿي هنڌون والاسٽ مان آيل هڪ مهمان به شامل ٿيو، هن ڪڪيءَ جهڙي آواز جي سارا ڪندي چيو، "دادي، ڪنورام صاحب جي آواز بعد اوهانجي آواز دنيا ۾ جي سڀني کي ڪهڻي ۽ ڳڻڻو موهيو آهي." هن بلڪل نمرتا سان چيو، "وچ ۾ سنگيت آچاريه ماسٽر چندر جو آهي."

جڏهن الڪٽرانڪس جي رميش ٽئڪراڻيءَ ضيا صاحب جي گيتا رڪارڊ نه ڪرائڻ جهڙيا مجرائيءَ طور سي. لکميچند جي ڏن ۾ هنجي نائين مهلي جي سلوڪن جو سڀني انوار ڪڪيءَ جي آواز ۾ رڪارڊ ڪرڻ جي فرمائش ڪئي. ڪڪيءَ چيو، "مان روئي پوندس، مونکي منهنجي ماءُ ياد اچي ويندي." هنجي ماتا، پاڻي لچميءَ جهڙي ديهانت بعد جي پاڻ صاحب جي پوڳ تي هڪ سڀني پاڻيءَ نائين مهلي جا سلوڪ اهڙي ته جذباتي ڍنگ ۾ ڳايا هئا جو ڪڪي اوچنگارون ڏيئي روئڻ ۾ اچي ڇڪي هئي. هن ڳائڻ جي ڳالهه نه ڪيندي راهيءَ جو پڇن ڳنگنائڻ شروع ڪيو، "رهي ڏينهن ٻه چار، مسافر هو ٿي ويندو."

مان شايد موقعو ڏسي رڪاردنگ لاءِ ڪڪيءَ کي مچائي وڃان ها پر ان وچ ۾ راڻي گدواڻي پنجابيءَ ۾ نائين مهلي جا سلوڪ سندي سمجهاڻيءَ سان ڪمپيٽ ۾ پڙهيا. چڙهت نه مونکي راس آئي نه ڪڪيءَ کي اچي ها، جي مان چوانس ٻه ها.

ڪنورام جي ورسيءَ جي ڏاڙهان ۾ ئي پگهت گهنشيام کي اجميز ۾ دل جو ڏورو پيو ۽ هڏ ٻاڻ ڪٽائي وسط شاهه جي ورسيءَ ۾ هڪ شيواڌاريءَ جي گهر ستري داخل هو، جڏهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان ڪنور رام جون ورسيون نباهي هر سال جيان وسط شاه
جي دربار ۾ ڀهتاسين ، مان ، ڪڪي ۽ بيا ڪلاڪار سڀاڻي
ويـاسين ، ڪڪيءَ جون اکيون اشڪبار ٿـي ويـون ۽ من
ڊانوان ڊول رهيو ، ڏينهن ڇا ڏينهن. اسان پنهنجي پـروگرام
۾ گهنشي جي صحتمند ٽيڪ لاءِ پلئه پاڻـو تڏهن بـه ڪڪيءَ
جو آواز گويا گلي ۾ اٽڪيو رهيو. گهنشيام ٽيڪ ٿيو ، ڳايائين
بـه پر زندگيءَ هن سان گهڻو وقت نـه نباهيو. اسان بمبئيءَ
کان اُن وقت باهر هڪاسين. مان اعـزا پرسيءَ لاءِ گهنشي جي
گهر ويس. ڪڪي نـه هلي. چيائين ، " اعـزا پرسي ڪنهن
سان ؟ اسان سان به ٽيڪ ڪپي ... " هوءَ چپ ٿي ويئي. هوءَ
اڪثر مون جيان سوچ ۾ ڳالهائيڻ لڳي هئي.

۱۹۸۴ ۾ هن ڀيون چوٽون سهسايون - ڀهرين جنوريءَ
ڊاري گوهاٽيءَ ۾ اچڻ ٻاڌ رهاڻي وٽي رهندو رهيو. ان کان
اڳ هن چو مون وٽ خط آيو هو ، " ڌيءَ جي ۾ ساهرن ۾ شادي
اٿم ، هتان سڌو اُتي ويندس. ٻـوءِ ڏهليءَ وچ کـان اڳ
بمبئي ايندس. اوهان ۽ دادي ٻـڪوٽيءَ جي صحبت جـو
گي ڏينهن مزو ماڻيندس. اوهانجا پـروگرام نـه هوندا تـه
اوهانکي به ڏهليءَ ساڻ وٽي هلندس. "

مقرر تاريخ آئـي ، ويئي. اسان اُهو ڏينهن ، ٻيو ڏينهن ،
انتظار ڪيو ، ڪندا رهياسين. اوچتو خط مليو ، هوءَ گوهاٽيءَ
مان ڌوڊي لاءِ گاڏيءَ ۾ چڙهڻ بدران عدم ڏانهن هليو ويو -
جتان ڪو موٽيو ڪونهي.

سچ پچ اٽڪ ڏهه ڏينهن اسانجا پـروگرام نه هئا. ڪڪيءَ
چيو ، " ڏهليءَ ٿا هلون. "

ديديءَ ۽ اسان وچ ۾ ڦري گهري اچڻاٽيءَ جـو ذڪر ڪي
نڪتو. مـان ۽ ديدي ڪار ۾ اچڻاٽيءَ جـي گهر ويـاسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڪيءَ هلڻ جو سٽ نه ساريو. اسان به ڏاڪڻ چڙهندي هڪ ٻئي جو هٿ پختو پکڙيو هو، پر اچنڊاڻيءَ جي گهر کي تالو پيو هو. ان هفتن کان وڌيڪ وقت گذري وڃڻ بعد به ڪو گوهاڻيءَ کان واپس نه آيو هو. مون ڦهريندي دل ٻڌي ديهانت جي خبر ملندي اچنڊاڻيءَ جي ٻٽ ڏانهن خط موڪليو هو. پر اچنڊاڻيءَ جي ياد کي خيرباد نه اڃا تائين به نه ڪري سگهيو آهيان. ڪڪي به يا عمر اچنڊاڻيءَ سان نه نانو ٽوڙي سگهي، نه هنکي ڀلائي سگهي. دکي ديدي به هئي، دل سان.

اچنڊاڻيءَ جي گهر جي ڏاڪڻ تي ئي، هٿ هٿ ۾ هوندي ئي ديديءَ چيو، "دادا، مونکي ٻروڻ ٿا پون اچنڊاڻي جلد مونکي به سڏ ڪندو." ڪڪي مرڪ مرڪي چيائين، "مڱي ڀڃاڻا به هڏي دل ٽيندي هوندي مون سان هڪاڪجا پائڻ تي." مون ڏاڪڻ تي ئي ٻيهي هن جي هٿ مٿان ٻنهڙو ٻيو هٿ رکي چيو، "ديدي، خدارا اهڙي ڳالهه ڪڪيءَ جي اڳيان نه ڪج، ڪڏهن به." مان ٻروڻ لفظ تي ئي ڊڄ لکو هوس. منهنجي ٻيڻ دادن کي به ٻروڻ ٻيا هئا اسپتال ۾ هوءَ سنگين لڳين گهر نه آئي هئي.

ديديءَ سڄ ڀڃ ڪڪيءَ سان ڪل مسخريءَ ۾ مري وڃڻ جي ڳالهه نه ڪئي.

ٻوءِ به هيءُ انساني زندگيءَ جا عجيب رشتا ناتا.

سيپٽمبر جي شروعات ۾ ديديءَ فون تي ڪڪيءَ کي چيو، "هانگ ڪانگ مان گيان اڇڻ جي دعوت سان گڏ اوٽ موٽ هوائي جهاز جي ٽڪيٽ موڪلي آهي. هفتي ڏهن لاءِ ويندس. تنهنجي گوانيار جي پروگرام کان اڳ موٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اينديس . گهر کي سڄايو ٿر ، تنهنجي لاءِ . دادا ۽ اوهان کوالیار مان ڏهليءَ اڇو . ڏسي ، داد ڏجو ، هانگ کانگ مان تنهنجي لاءِ چا آڻيان ؟ "

مان ڪڪيءَ وٽ ويٺو هوس ، ڪڪيءَ چيس ، " ٽون پنهنجو پاڻ صحيح سلامت آڻج ، اهائي تنهنجي سؤغات ٿيندي . "

ديديءَ جو آٿر و شواس وارو آواز آيو ، " منهنجي ، تنهنجي منهن ڏٺي بنا مان مرڻ واري نه آهيان . "

۽ ديدي هانگ کانگ مان ڏهليءَ پهتي . ڪڪيءَ منهنجي ٻئي ڏينهن ڏهليءَ پهچڻ جو انتظار ٻه نه ڪري واهه رباني وٺي رهندي رهي .

مان ڏهليءَ ديديءَ جي گهر اندر گهڙندي ئي اڇي روئڻ ۾ ڦٽڪيس . عجب اهو جو ڪڪي چپ چاپ مرڇهايل منهن سان ديديءَ جي ڪمري اندر گهڙي ويئي . هوءَ ڪٽي هاڻ ڳڙين جي رسم جي دوران ڦرئين ڦڻ تي رني ، ۽ مون سامت جو ساهه کنيو .

ڪنور رام جي ورسين ۾ ٻه مهينا ٻيا هئا ، پوءِ ٻه مونکي چورا ڪورا لڳي ويئي . ڪڪي جا عڪل ۾ اڪابر ٿيندي ويئي هئي تنهن ڇيو ، " پروگرام ڪٽو . هن سال سلامت هوندس ، پڪ ڄاڻو . " پوءِ ڪلي ڇپائين ، " اڃا مووڪ وارن جي هڪ ڪمسيٽ جو پرٽي آهي - لوليءَ کان ماروءَ ٽائين ، موهن ڇاڙيا منهنجو مسڻ رلائي ڇڏيندو . " هن دل سان ٿهڪ ڏنو .

اهو سال نه ڪنور رام جي ورسين جو نهين آيو - پروگرامن جي دوران ۾ ٻه ڇنڊو رهيس ، ۽ ڪڪي ائين هلي ، جڻ هن ڪڏهن مرڻ جي ڳالهه ئي نه ڪئي هئي .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڀاڻي ڪ ڀاڻي ان آخرين ڪمسيٽ جي رڪارڊنگ مڪمل ڪندو رهيس.

هڪ ڀيري موهن ڄاڻڻ مڱڻجي تاريخن نه ڏيڻ تي ٿورو ناراض ٿي ويو. ڪيءَ هن جي وڃڻ بعد چيو، "اوهان ڀاڻ ٿي چوندا آهيو، اڄل آهي جنهن جو وقت به مقرر آهي، هند ۾ ايندو جڏهن اڇلو هوندو. اوهان ائين هلو جڻ هلندا آهيو، فلڪ سان، صرف هڪ دعا ڪجو، اسپتال م نه - گهر م ساهه ڇڏيان."

ڀوءِ ٻڌ، مان شاهه جي لفظن م ڪٿندو ٻڌ رهيس، ڪنڌندو ٻڌ رهيس ۽ ڪيءَ جي زندگيءَ لاءِ دعا گهرندو ٻڌ رهيس - مڱڻجو وشواس ڏڏي ويو هو، اُن کي ٿوٽيون ٽنب ڏيندو پئي رهيس ...

ڪمسيٽ ڀري، اُها نڪتي ۽ موهن ڄاڻڻ ڪيءَ کي ڏيئي وئو، تنهن ڏينهن ...

تنهن ڏينهن مان هنجي گهر پهتس ته هنجي ٽيپ رڪارڊر مان آواز اچي رهيو هو، "هيءُ جڳه مسافرخانو ..." اهو ٽيپ جو پويون گيت هو. ڀوءِ ٻڌ هن اهو اڏ م بند ڪيو ۽ نيم - انوسار مون لاءِ بسڪيٽ ۽ پاڻيءَ جو گلاس کڻي آئي. هن وري ڪمسيٽ چالو ڪئي، اُن جو آواز ڏيمو ڪري ڇيائين، "واقعي، جڳه مسافرخانو آهي. ۽ مان ان مسافرخاني مان ڪنو رام جي ورسين وڃ هلي ويندس ..."

مون زور لڳائي، اکين م آنسو اڇڻ نه ڏنا، ڳالهايم ٻ ڪونه.

هن وري چيو، "زندگيءَ جو انت موت آهي - اوهان ڀاڻ چوندا آهيو ..."

مان اُداس ٿي ويو هوس شايد. هن ڪلي چيو، "مايوس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوٽا ٿيو؟ هاڻي ته ڪاڪا ئي مران ، اڇا اَٺ مهينا پيا آهن ، ڪنور رام جي ورسين ۾ . "

مان اڇا ٻه اواڪ هوس ، هن وري اکين ۾ شرارت پيري چيو ، " اڇا ته هڪ خوشيءَ جو موقعو وڃي آهي ، ڪنڌوا ۾ اوهان تي سيمينار جو ، اوهانجي سنمان جو ... "

ريهرسل هئي ، اُن ڏينهن ، منهنجو من نه لڳو پر ڪلاڪارن اڳيان بڙڪ نه ڪيو . ڪلاڪارن جي هلڻي وڃڻ بعد هن چيو ، " اوهان پاڻ چوندا آهيو حال ۾ رهڻ ڪهي . ۽ حال اِهو آهي ته مان خوش آهيان ، منهنجي نئين ڪمسيت مارڪيٽ ۾ آئي آهي ... "

۽ منهنجي اتفاقن جي زندگيءَ ۾ بلڪل ٻئي ڏينهن اڇمير جو ليمٽداس نالو هوس شايد ، اهو ٻوريولیءَ ۾ ٿهي ، ٻگهو بسترو مائٽ وٽ ڇڏي هن سان مون وٽ هليو آيو . " هن سال اوهانکي ڪنور رام جي ورسيءَ ۾ اڇمير پروگرام ڏيڻو ئي پوندو . "

مان شام تائين فيصلو مڪمل ڪيو ، ڪڪيءَ (پوءِ سمجهيم ، مونکي نراس ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ) چيو ، " ڪڏو ، اول خير ، نباهيندیس . " اوڏي مهل ته مان بيحد خوش ٿي ويس .

۽ اُن سال راجن چاولا (هاڻ ڏاسواڻي) لنڊن جو پروگرام آڻيو . ڪڪيءَ ڏاڍي چاهه سان چيو ، " ياد اٿو نه ، ته امراوتيءَ ۾ ٽي سال اڳ ميزبان منهنجو هٿ ڏسي چيو هو ته پنج ڀيرا پارٽ کان ٻاهر ويندينءَ ، اِهو پڇون ڀيرو لنڊن هوندو ... "

جنهن ڏينهن ويزا جو بندوبست ٿيو ۽ ٽڪيٽون ملیون تنهن جي ٻئي ڏينهن چيائين ، " يورپ هلون ته ٿا پر مان شايد جيئري واپس نه اچان . "

مان اکيون ڦاڙي هن ڏانهن ڏسندو رهيس .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن وري چيو، "چونڊا آهن، خواب ۽ شادي ڏسڻي آهي تہ موت اچڻ جو ادڪان رهندو آهي."

مون چيو، "چڱين تہ نہ هلون."

چيائين، "هلنداسين ضرور، مونڊاسين ٻہ ضرور. مان مرندیس گهر ۾، پنهنجي پلنگ تي."

۽ جنهن رات هوائي جهاز ڪراچيءَ ايئرپورٽ تي پهتاسين تہ لکميچند چيو، "سفر ڪامياب ويندو، مان گهران نڪتس ٿي تہ رات ٿي وڃڻ بعد ٻہ هڪ ڪائي مساڻ طرف ويندي ڏٺم."

ٻڌندڙ کي هوڏان جو سهارو مليو، مونکي ٻہ ٿوري گهڻي تسڪين ملي.

هڪ گيسر يا لاپرواهي ٿي ويئي، ٽين ٽين هفتي پينسلن جي لڳندڙ انجيڪشن وٺي ٻاڻ سان نہ ڪنڌين، مان وٺڻ ٻيو وڃان تہ ڪيءَ چيو، "مون نالو ڪيو آهي، اُتي هلي وٺنداسين ۽ لنڊن ۾ تہ هيڪاري بهتر ملندي."

لنڊن مان اسين اسپين هليا ويـاسين، ۽ اُتي جيڪا انجيڪشن جڳن ٽڳن لڳ ڇپ ۾ ملي، (پينسلين ٿي ٻند ٿش هئي) اُها گهوريل پاور کان گهٽ جي هئي.

رات جو ڪنهن آرگنائيزر وٽ تڪليف ٿي، مون هنکي هوميوپيٿي دوا ڏني. پوءِ ٻہ ڏينهن ڀي مون ڪانسواءِ آرگنائيزرن، ميزبانن ۽ ڪلاڪارن کي ڏري گهٽ نارمل لڳي. هن مون کان بايوڪيمڪ گورين جي شيشي رات ئي وٺي چڏي هئي، ڊاڪٽرن وري دل جي واڌ جـي آپـريشن ڪرڻ جـي صلاح ڏني. ڪيي هڪ تي، آپريشن جي ٽيبل تـي ئي مان مري ويندیس. مـان ٻهڻيءَ پنهنجي گهر پهچڻ ٿـي چاهيان -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڙي جاڳندي. هن آپريشن جي ڇهن مهڻن جي مهلت لکيت ۾ ونجي ڏني.

مون چيومانس، "ڇڪو، لنڊن ۾ ڪن ماهر ڊاڪٽرن سان ٿا صلاح ڪريون ..."

۽ لنڊن پهتاسين ته هوائي جهاز مان لهي راڄن جي گهر ويندي ئي راڄن چيو، "اوهان جون موت جون ٽڪيٽون يا سڀان جون يا پنڊرنهن ڏينهن پوءِ جون ٽي ملينون، مون سڀاڻي جون ونجي ڏيون آهن ..." چندرو ملڪاڻي ۽ اُن وقت اسان سان گاڙهو.

ڪڪيءَ اکين جي اشاري سان چيو، "منهنجو آپريشن ٽيٽو ئي ڪونهي." اکيلائيءَ ۾ چيائين، "مان صحيح سلامت بمبئيءَ پهچندس. ڪنور رام جي ورسين تائين ترسندس. پوءِ ئي جيڙي رهيس ۽ اوهان چاهيو ته مان آپريشن ضرور ڪرائيندس." ۽ هن وري چيو، "۽ آپريشن مان اوهانجي ڪري ئي ڪرائيندس."

اسان ۱۴ آگسٽ بمبئيءَ پهتاسين. ڪڪيءَ اُن ڏينهن ئي ڊاڪٽر پرڪاش ڪان پينسلن جي انجيڪشن هڻائي ۽ هن کي هارميلونادا جي ڊاڪٽرن جو رايو ٻڌايو. ڊاڪٽر پرڪاش آپريشن لازمي نه سمجهيو، پنهنجون گورين جاري رکڻ لاءِ چيو.

سيپٽمبر جي وچ ڌاري ويسٽن ٽي. وي جي پريم وچائيءَ جي ڏيءُ شاديءَ جا پروگرام ڏنا؛ سيپٽمبر جي پڇاڙيءَ ۾ لوناوالا ۾ مست طرفان ڪوئايل تعليمي ڪانفرنس ۾ به ڪڪيءَ ڳاتو ـ ڪنهن کي خواب نه خيال ته مهنو پوءِ هڪ جسماني طور نه هوندي.

منهنجي آندمانڊ آڪٽوبر جي ڏهين تاريخ د سهڙي ڪانوني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مگر ڪڪيءَ اُن ڏينهن ٽنگ جي سور کان منڊ ڪنڊ ڪندي بہ ڪار جمخانا ۽ رانوڙ جلڻ جو اُتسوَ ڏسڻ هلي. پاڻيجن سان ڳنڍاکا ٻ ٻاريائين، منڊ ڪنڊ هنجي اِن ڪري هڻي جو گوڏي ۾ سور ٻيو هوس ۽ ڪنهن زور سان مالش ڪئي هيس. هونکي يورپ کان اڳ ڪنيل اَڇمير جي ڪنور رام ورسيءَ لاءِ پنهنجي ۽ منهنجي جڳهه تائين هوائي جهاز جون ٽڪيٽون بڪ ڪرائڻ لاءِ چيائين، ڪلاڪارن جون ريل جون ٽڪيٽون اڳ ئي رزرو ٿي چڪيون هيون - هڪٻئو پوءِ هنجي منڊ ڪنڊ ۾ ڪو فرق نہ ٻيو تہ مون اَڇمير جو پروگرام رد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

سومر ۲۰ آڪٽوبر تي ريهرسل کان اڳ ئي ڪلاڪارن کي چيم، "ٽڪيٽون واپس ڪري اچو، مان سيٺي- صبوح جو اڇمير نہ اڇڻ جي تار ڪري ڇڏيندس." ڪڪيءَ پڇرين تہ چيو، "اَسان اڄ ڪڏهن ڪنيل پروگرام رد ڪيو آهي؟ هلنداسين. مان منڊ ڪائي بہ پروگرام ڏيندس." منهنجي مڱڻ هنجو ڪنور رام جي ورسين نہ ڏسڻ جو چٽاءُ ڏاوي ٻڪي ويو. چيم، "پرديس ۾ خدا نہ ڪري ڪجهه ٿي ٻيو تہ اِهي ماڻهو ۽ هن کان وڌيڪ آرگنائيزر چوندا، چو آيا؟" هن چيو، "نيڪ آهي. اَچو تہ پلا ريهرسل تہ ڪريون." ۽ شروع ڪيائين نئون گيت، "جيون آهي، ريل گاڏي ..."

ڪلاڪار ويا تہ ڊپٽو ڪڪيءَ ۽ وڇي هٿ جوڙي سر جهڪائي چيائين، "مونکي معاف ڪجو..."

مون ڀريل گلي سان چيو، "ڇوڪري، تو منهنجو ڇا بگاڙيو آهي جو معاف ڪريان. تو هيڪاري آڇهيءَ مانجهيءَ، تتيءَ ٿڌيءَ، ٽڪليفون سهي ۽ ساڻ ڏنو- مون سان ۽ منهنجي مقصد سان ۽ سندي جائي توکي وساري نہ سگهندي."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبوح جو فون کيائين ، ”منهنجي مٿي جي چوٽي گهٽيل آهي ، دماغ گويا قائي ٿو.“

مان هن وٽ پهتس — اٿاري منهن تي مرڪ ، چيائين ، ”زندگيءَ ۾ مون کي اوهان کي گهٽ پريشان نه ڪيو آهي.“

ڊاڪٽر پرڪاش ٻڌائيءَ مرڪ هو ، هنڌو پيءُ آيو. چيائين ، ”گوڏي جي زوردار مالش ڪري رڳون ٽٽيون آهن ، مٿي جي چوٽي تي اثر ٿيو آهي.“ هن ٽن انجيڪشن جو ڪورس لکي ڏنو - اهي انجيڪشن ڪيترن دوڪانن تي نه هئا. جڳن ٽئن ونڊي آيس ، پهرين انجيڪشن سان حالت بهتر ٿيس ، سڄو ڏينهن سرهي رهي ، پائرن ، پاجامين ۽ هڪ پيٽ کي گهرايائين يا اهي پاڻڪان پاڻهي يا اطلاع سان پهتا ، رات جو مونکي فون تي چيائين ، ”فرحت اثر نشخت تي سمهو.“

مان صبوح جو سوائين انجي هنڌي گهر پهتس. ڪي سرت هئي ، صرف مٿيون چپ ۽ جاڙي ڦڙڪي رهي هئي. ڊاڪٽر جي ٻين انجيڪشن بعد اها حالت ڪي هيس. ڊاڪٽر جي راء هئي : پوين پساهن تي آهي.

منهنجي من ۾ آيو ، ”حڪم جي بندي بنا موڪلائڻ جي ڪيئن ٿي وڃي ؟“

اوچتو هن جون اکيون ڪليون ۽ مرڪي مون ڏانهن نهاريائين. مان پلنگ جي پيرانڊيءَ کان ٻيٺو هوس. مون پڇيو ، ”نيڪ آهين ؟“ ڪنڊ ڏوڙڪ سان ”ها“ ڪيائين. مون پڇيو ، ”ڪجهه کپيئي ؟“ آهستي گويا ٻڙ ٻڙ ۾ چيائين ، ”پاڻي.“ هن جي سيرانڊيءَ کان پلنگ جي اڀيءَ ڪمار تي پاڻيءَ جو گلاس پيو هو. هنڌي هڪ پاجائيءَ چيو ، ”هن جو ئي آهي.“ مون اُن گلاس مان هنڌي ليٽيئي ئي پاڻيءَ جا ڪي ٻوڪ هنڌي وات ۾ وڌا. هن اکيون پوريون ، وري ئي جان ٻڌي ويئي ۽ هنڌي مٿين جاڙي ڦڙڪڻ لڳي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر ان وچ ۾ تاهوت لڳائي، "هلو هلو، ڪٽائي هلوس، دائمنڊ نرسنگ هوم ۾ ڊاڪٽر انتظار ڪندا هوندا."

منهنجي من ۾ آيو، "جي وڃ ئي ڏي چاهي ٿـ ائين پلنگ تي ليٽڻي ئي وڃ ڏيوس." هن جا بمبئيء ۾ رهندڙ پائر، پاڇايون ۽ پيٽ سڀ موجود هئا، هڪ پاڻ پاسي واريء کان ڪار وٺڻ لاءِ ڊوڙي نه ويو هو، منهنجي من ۾ بـ اُميد برخلاف اُميد جاڳي هئي.

۽ هن جو تخمينو صحيح ئي نڪتو. آپريشن ٿيٻل تان هوءَ جيئري نه لٿي.

مان روئڻ جي ماحول ۾ بـ چپ هوس. مان نوٽ بڪيو ويٺو رهيس، اکين ۾ آنسو به نه آيا.

صرف ٻاڪ کان پڇندو رهيس، "هوءَ هلي ويئي؟"

اَڄ ڏينهن تائين منهنجو من مڃڻ لاءِ تيار نه آهي ته هوءَ هلي ويئي، خير ...

اعزا پوسيءَ جون تارون، خط ۽ ٽهراءَ آيا، ايندا رهيا.

بـ تـارون سنڌي لفظن ۾ رومن اسڪرپٽ ۾ آيـون. ٻئي بمبئيءَ مان ڪيل هيون، الڳ ڏينهن تـي. ٻنهي ۾ لکندڙ جا نالا جذبات جتائيندڙ هئا.

"ٽـورن ڏينهن بعد فـون آئـي، مـون چيو، "هلو"

"مان ڪير آهيان؟"

"ڪٽان ٿي ڳالهائين؟"

"پهرين ٻڌاءِ ته ڪير آهيان."

"همدرد همشريڪ."

"سو تار توکي پهتي."

"ها، همدردي به محسوس ڪيم."

"همشريڪي نه؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ٻي هڪ تار ٻ سنڊيءَ ۾ آئي." مون ڳالهه بدلائڻ لاءِ چيو.

"سو ان ۾ ڇڏهت ٿي، پرواهه ناهي، سڀي عمر ڇڏهت سڻي آڻم."

"هوءَ کو همت لال آهي."

"وري ٻ شڪر آهي."

"ڪٿان ٿي ڳالهائين؟"

"آمريڪا مان، ڏيءُ وٽ آئي آهيان، پهرين سوچيم پارٽ موڪلان، پٽ منهنجو اڪلتي آهي. پر مون توکي ڪمزور ڪرڻ نه چاهيو، هن بعد ٻ نه ڪندس، پر جي ڪمزور ٿي وڃين ته... نه، نه، تون ڪجهه نه ڪج، مونکي سڌ پڳڻي ويندي جڏن هن دکدائڪ ديهانت جي پيڻي، مان... اچي ويندس." هنجو گلو ڀرجي آيو، هوءَ چپ ٿي ويئي. مان چپ هيس، منهنجون اکيون اشکبار ٿي ويون هيون.

"چگو رکان ٿي." هن روڪڻهارڪي آواز ۾ چيو.

"آسرو نام جو." فون ڪٽجي ويئي.

مان سوچڻ لڳس، سوچيندو رهيو آهيان:

هيءُ رشتا ناتا

عجيب، رشتا ناتا!

مرندا نه آهن

ٽٽندا ٻ ناهن

ءِ بس.

●●

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ادب ۽ ادیب ـ گوبند مالهي

آتم ـ کٿا ـ پنج پاڳا

۱. ڳالهيون منهنجي ڳوٺ جون .
۲. سنڌڙي ، منهنجي جنڊڙي .
۳. نرواس ۾ آس .
۴. زندگي ـ هڪ سفر .
۵. عجيب ! هي رشتا ناتا !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



With Best
Compliments from

COMPUTER AIDS

Offers you job Oriented Courses

★ **diploma in software engineering (1 year)**
★ **diploma in computer programming**

also short term special vacation batches for
Introduction to micro processors,
BASIC COBOL, FORTAN, D Base III
Lotus 123, word star etc.

617, Priya apts., Municipality, Ulhasnagar-3.
☎ 76613

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



House of variety...
PLY WOOD, TIMBER, LAMINATE Etc.
Visit at:

MATRABHOOMI

SAW MILLS: Contractors & Timber Merchants

PLOT No. 90. SECT. 6-A
HOSPITAL ROAD
ULHASNAGAR. 421003

TRADERS: Dealer in:
COM. & DECO. PLY WOOD,
BLOCK BOARD. OKAL BOARD
W.P.PLY. CEMENT SHEETS
LAMINATE SHEETS, GLUE Etc.

Our Associates :

Matrabhoomi Construction Co.

(Builders' Developers & Govt Contractors, Ph. 79786)

With best compliments from :

Samrat's®

IS. 1011

ISI

CM L-1022621

BISCUITS

★ Glucose ★ Marie ★ Coconut Cookies ★ Honey
★ Nic Nac ★ Saly Bar ★ Fruit Cream ★ Nice
★ Lemon Cream ★ Orange Cream ★ Saltobix
★ Khara Mitha ★ Bourbon Cream

ALWAYS THE BEST

M/s. Samrat Food Products
32, Industrial Area, Ulhasnagar-421004
Phone : 71029-70580

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



Gordhan V. Gidwani

VISHAL ENTERPRISES

SUGAR, KHANDSARI, GUR &
MAIDA MERCHANT

1020, Aman Talkies Road,
Ulhasnagar-421 002. Dist. Thane.

Tel. : 72135-73030 Resi. : 70225(STD. 0251)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



M. K. Achhra & Co.
P. K. Achhra & Co.

Authorised Transport Contractors

94, Surat Street, 5, Fancy Chambers, Masjid,
Bombay-400 009 Phone 346651

Section 17, Ulhasnagar-421 003.
Phone Off. 76146 Resi. 70553-70677-75091

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڑھندڙ نَسُل ۔ پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڇٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪائُو، پاڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "**پڑھندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاگر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑهندڙ نسل کي وَڏَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڑهندڙ نَسل (پَـنَ) کا ٻه تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو ٻه صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نه آهي. جيڪڏهن ڪو ٻه شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ڪُوڙو آهي. نه ئي وري پَـنَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو ته پَڪَ ڄاڻو ته اُهو ٻِہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طرح وٽن جا پَنَ ساوا، گاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا **پَنَ** به مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ به ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾ **پَنَ** جا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

کوشش اها هوندي ته **پَنَ** جا سڀ کَم کار سَهکاري ۽ رَضاکار بنيادن تي ٿين، پر ممکن آهي ته کي کم اُجرتي بنيادن تي به ٿِين. اهڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ هِکَٻئي جي مدد کَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ کندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. **پَنَن** پاران کتابن کي ڊِجِٽائِيز digitize کرڻ جي عَملَ مان کو به مالي فائدو يا نفعو حاصل کرڻ جي کوشش نہ کئي ويندي.

کتابن کي ڊِجِٽائِيز کرڻ کان پو بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو کم کرڻ وارن مان جيکڏهن کو پيسا کمائي سگھي ٿو ته يلي کمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو کو به لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ کتاب خريد کَري کتابن جي ليگکَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٽائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل کرڻ ۽ جاڻ کي ڦهلائڻ جي کوشش دوران کَنهن به رُکاوٽ کي نہ مجن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ برِ جٽ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي تي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ چُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ چُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ برِ جٽ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَرَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪيِ پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)